# UNIVERSITY OF SINDH

## M.Phil. Thesis

ماهوار سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل مواد جو تحقيقي اڀياس

Research Study of the Content Published in the Sheikh Ayaz Numbers of the Monthly Magazine 'Suhni'


اسڪالر: حميده پروين

رول نمبر: **2K20/M-SIN/14**

سپروائيزر: ڊاڪٽر رشد الله بخاري (مخمور بخاري)

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو


**2023**

# CERTIFICATE

This is to certify that the work present in this thesis entitled: “Research Study of the Content Published in the Sheikh Ayaz Numbers of the Monthly Magazine ‘Suhni’” (ماهوار سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل مواد جو تحقيقي اڀياس) has been carried out by **Ms. Hameeda Parveen** under our supervision. The work is genuine, original and, in our opinion, suitable for submission to the University of Sindh for the award of degree of Master of Philosophy in Sindhi.

**SUPERVISOR**

________________________________________

Dr. Syed Rushdullah Shah Bukhari
Assistant Professor
Department of Sindhi
University of Sindh, Jamshoro Pakistan

# فهرست

ارپنا............................................................................................................... 4
مڃتا............................................................................................................... 5
Abstract............................................................................................................... 7
باب پهريون ............................................................................................................... 9
مقالي جو تعارف ۽ رٿابندي............................................................................................................... 9
1.1 مقالي جو تعارف............................................................................................................... 9
1.1.1 مفروضو............................................................................................................... 11
1.1.2 موضوع تي تحقيق جي ضرورت ............................................................................................................... 12
1.1.3 تحقيق جو مقصد............................................................................................................... 12
1.1.4 موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق............................................................................................................... 13
1.1.5. تحقيق جو طريقيڪار ۽ حوالن ڏيڻ جو طريقو............................................................................................................... 13
1.2 مقالي جي رٿابندي............................................................................................................... 14
حوالا ............................................................................................................... 17
باب ٻيو............................................................................................................... 18
سهڻي رسالو ۽ شيخ اياز............................................................................................................... 18
2.1 سهڻي رسالي جو مختصر تعارف............................................................................................................... 18
2.2 ”سهڻي“ رسالي جا شيخ اياز نمبر ............................................................................................................... 21
2.3 شيخ اياز ............................................................................................................... 22
2.3.1 شيخ اياز جو پروفائل ............................................................................................................... 23
2.3.2 سهڻي رسالي موجب شيخ اياز جي ڪتابن بابت ڇاڻ............................................................................................................... 23
حوالا ............................................................................................................... 26
باب ٽيون............................................................................................................... 27
سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل نثري مواد............................................................................................................... 27

3.1 شيخ اياز جي شاعريءَ بابت تحقيقي مقالو ........................................................ 27

3.2 شيخ اياز بابت تاثراتي مضمون ........................................................ 30

3.3 شيخ اياز جي ڪتابن مان ڇپيل چونڊ نثري ٽڪرا........................................................ 57

3.4 شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ ........................................................ 69

3.4.1 محمد ابراهيم جويي جا لکيل مهاڳ........................................................ 70

3.4.2 سراج ميمڻ جو ليکل مهاڳ ”چنڊ چنبيليءَ ول“:........................................................ 73

3.5 اکين ڏٺي احوال جون ساروڻيون:........................................................ 75

3.6 ڪهاڻيون ........................................................ 76

3.7 خط ........................................................ 79

3.7.1 شيخ اياز جا لکيل خط:........................................................ 79

3.6.2 شيخ اياز ڏانهن لکيل خط: ........................................................ 87

3.6.3 شيخ اياز بابت لکيل خط ........................................................ 88

3.8 تقريرون ........................................................ 90

3.9 شهر وفا (پي. ٽي. وي. جو انٽرويو پروگرام) ........................................................ 95

3.10 شيخ اياز جي ڪتاب جو هڪ جائزو........................................................102

حوالا ........................................................104

باب چوٿون........................................................107

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل نظمي مواد ........................................................107

4.1 شيخ اياز جي شاعري........................................................108

4.1.1 شيخ اياز جي آڳاٽي شاعري........................................................108

4.1.2 شيخ اياز جي اڻڇپيل شاعري........................................................109

4.1.3 شيخ اياز جي چونڊ شاعري ........................................................110

4.2 شيخ اياز بابت شاعري ........................................................114

حوالا ........................................................120

باب پنجون.......................................................................................... 121
نتيجا .................................................................................................... 121
ببليوگرافي ............................................................................................ 124
ڪتابي حوالا: ..................................................................................... 124
رسالا...................................................................................................... 127
مواد حاصل ڪرڻ جون ويبسائيٽون: .............................................................. 127
اديبن ڪان مدد: .................................................................................. 127

# ارپنا

آئون پنهنجو هي تحقيقي پورهيو، پنهنجي مٺڙي ماءُ
فتح خاتون ۽ پياري مامي ارشـــــاد علي اوٺي جن جي نانءُ
ڪيان ٿي، جن منهنجي وک وک تي رهنمائي ڪري، مون
۾ اڳتي وڌڻ جو اتساهه پيدا ڪيو.

# مرجتا

ادارتي تحقيق جو، پنهنجو هڪ وسيع جهان آهي. هن جون، ڪيترين ئي ڏسائون آهن. جيڪي هڪ ڪوري فرد جي اندر ڪي، چنديل چڙيل علم جي روشنيءَ سان منور ڪن ٿيون. پر اهو به تمام ضروري آهي، ان ڏس ۾ صحيح دڳ وججي. جنهن لاءِ هردم رهنمائيءَ جي، سخت ضرورت هوندي آهي. جڏهن شفيق استاد، رهبر ۽ رهنما ٿي درست دڳ لائين ته پنهنجي مضمون بابت، تمام گهٽي چاڻ حاصل ٿيندي آهي. جنهن سان هڪ شاندار مقالو تيار ڪرڻ جو ڏانءُ اچي ويندو آهي. جيڪو ڪنهن به محقق لاءِ نهايت ضروري هوندو آهي.

منهنجي نندي پاءُ ڊاڪٽر اعجاز اوٺي، جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي. ايچ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي ته ان ڏينهن کان وٺي، هو مون کي پڻ اتساهڻ لڳو ته تحقيق واري پاسي اچان ۽ نيٺ سندس ڪوشش رنگ لاتو ۽ منهنجي داخلا ايم. فل. ۾ ٿي وئي. اهڙيءَ ريت هو، مون کي ريسرچ واري پاسي وٺي آيو، جنهن لاءِ منهنجي دل مان، پل پل دعائون ٿيون نڪرن. ’شل! ڪڏهن ڪوسو واءُ نه لڳيس.‘

تحقيق جي هن پنڌ ۾ آئون، سنڌي ڊپارٽمينٽ جي سڀني استادن جي ٿورائتي آهيان، جن پنهنجو منصبي فرض نڀائيندي، مون کي، هن تحقيق واري علم سان روشناس ڪرايو. انهن مانوارن استادن ۾ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، ڊاڪٽر اسحاق سميجو، ڊاڪٽر نور محمد شاهه ڊاڪٽر نواب ڪاڪا، ڊاڪٽر فياض لطيف، ڊاڪٽر شازيه پتافي ۽ ڊاڪٽر ريحانه نظير شامل آهن. ان کان سواءِ آئون پنهنجي محسنن: پروفيسر خالد ٻرڙو، پروفيسر غلام نبي چنا ۽ نامور ليکڪ بيشر احمد هيسباڻي جن جي پڻ ٿورائتي آهيان، جن تحقيق جي هن ڪم کي، مقرر مدي اندر پوري ڪرڻ لاءِ نه رڳو منهنجي رهنمائي ڪئي پر پنهنجي پنهنجي لائبريريءَ مان لاڳاپيل ڪتاب پڻ مهيا ڪري ڏنائون.

مانواري سائين ڊاڪٽر رشد الله شاهه بخاريءَ (مخمور بخاري) جن جا جيترا ٿورا مڃيان، ٿورا ئي ٿيندا. جن هن تحقيقي ڪم ۾ نه رڳو سپروائيز طور منهنجي رهنمائي ڪئي پر پاڻ پنهنجي ذاتي لائبرريءَ مان ڪتاب پڻ ڏنائون ته: جيئن آئون پنهنجو هي تحقيقي ڪم سليقي سان، مقرر مدي اندر اڪلائي سگهان. سندن مصروفيتن کان ته سڀڪو چڱي ريت آگاهه هوندو، پر پاڻ پنهنجي انهن مصروفيتن مان وقت ڪڍي، هر پيري منهنجي مقالي تي ڪيل ڪم کي چڱي ريت چڪاسيندا رهيا ۽ اهڙي چانچ پرک کان پوءِ گهربل رهنمائي پڻ ڪندا رهيا. جيڪر پاڻ ايترو وقت نه ڏين ها ته شايد هي مقالو پورو ٿيڻ ۾ اجا گهڻو وقت وٺي وڃي ها. سندن اهڙن وڙائتين وکن لاءِ آئون سندن ڳڻ سدائين ڳائيندي رهنديس.

تحقيق جي هن سموري سفر ۾ جنهن مون کي سونهون بڻجي ساٿ ڏنو ۽ اوندهه ۾ هڪ ڏياٽيءَ جيان روشني ڪندو رهيو، سو منهنجو ور شبير ڪنڀار آهي، جنهن هن تحقيق جي فني پاسن بابت، منهنجو وک وک تي ساٿ ڏنو ۽ مون کي ان قابل بنايائين جو آئون، پنهنجي مقالي جي تحقيقي ڪم کان وٺندي، ڪمپيوٽنگ واري ڪم کي پڻ، پنهنجي سر پاڻ ڪري سگهيس. شل ٻڙ جي گهاٽي چانوري وانگر سدائين مون مٿان قائم هجي.

حميده پروين

آچر 17 سيپٽمبر 2023ع

هالا، سنڌ

# ABSTRACT

Sheikh Ayaz considered only greatest poets of Sindhi literature, but the reality is in opposite. This thesis challenges the common perception by shedding light on his skills not only as a poet but also as a prose writer, particularly in autobiographies and editorials. As a result, I've chosen the title "Research Study of the Content Published in the Sheikh Ayaz Numbers of the Monthly Magazine 'Suhni'" for my M. Phil thesis.

This thesis explores 420 pages content published in the renowned magazine "Suhni" in its Sheikh Ayaz No. 1 and 2, in which notably, 59 esteemed Sindhi authors of that era have written about Sheikh Ayaz's literary work. Not all of those contributions are research-oriented, but also some of them look like research papers with proper references. This research aims to provide readers with a clear understanding of Sheikh Ayaz's vision and thought as expressed by prominent writers of his time. In Addition, this research thesis will offer valuable insights to scholars, students, and readers interested in this field.

The thesis is built on the hypothesis that the material in the "Suhni" magazine's Sheikh Ayaz numbers holds a fundamental position in the realm of 'Ayaz Shanasi.' The research supports this hypothesis, revealing that "Suhni" was not merely a monthly magazine of its time but a literary movement that played a significant role in promoting various aspects of Sindhi literature. The Sheikh Ayaz numbers of Suhni magzine, in particular, are instrumental in 'Ayaz Shanasi' as they feature contributions from renowned Sindhi writers, whose words are held in high esteem.

Remarkably, out of the 59 authors in the Suhni Sheikh Ayaz numbers, only three have criticaly share their opinions on Sheikh Ayaz's work. These criticisms are refuted by well-known writers within the same magazine, substantiating Sheikh Ayaz's stature. The "Sheikh Ayaz Numbers" in "Suhni" magazine offer substantial documentary evidence for 'Ayaz Shahnasi' and hold an indisputable historical significance.

This research thesis presents meticulously gathered and organized literary research material, making it a valuable document for scholars and a resource for future research on Sheikh Ayaz's art and thoughts. While Sheikh Ayaz's poetry is a treasured part of Sindhi literature, 'Ayaz Shanasi' is an ever-growing field, exemplified by the annual "Ayaaz Melo" celebrated in December in Hyderabad.

I embarked on this topic to critically examine these writings through the lens of literary research, unveiling their significance to a wider audience, including general readers, students, teachers, and scholars. This research reveals the creative aspects of Sheikh Ayaz's poetry and prose and incorporates the perspectives of his contemporaries, critics, and fellow writers on his personality, art, and thoughts. I anticipate that this research will spark new areas of exploration in the study of Sheikh Ayaz's thoughts and offer fresh perspectives to researchers. To the best of my knowledge, no previous research has been conducted on "Suhni Sheikh Ayaz No. 1 and 2" except by an M. Phil student named "Sadaf Memon" from Karachi University, who is researching the "Literary Role of Suhni Magazine," a topic distinct from my chosen title.

The thesis is structured into five chapters to guide readers systematically through the content. The introductory chapter provides an overview of the thesis, its hypothesis, and other essential components. The second chapter presents Sheikh Ayaz's profile and a comprehensive list of books authored by him, as referenced in Suhni Sheikh Ayaz numbers. The third chapter delves into the prose material featured in these numbers, while the fourth chapter explores the poetry content. The fifth and final chapter presents the research findings, and the thesis concludes with a bibliography, listing the books, magazines, research papers, libraries, scholars, and references used in this thesis.

Throughout this research, the principles of literary research have been strictly adhered to. Material relevant to the subject has been sourced from books, magazines, websites, and other credible sources. The thesis has been organized following the required order, and the MLA (Modern Literature Association) citation method has been employed to establish connections between the content presented in this thesis and the corresponding references from books, magazines, websites, interviews, and other sources.

# باب پهريون

## مقالي جو تعارف ۽ رٿابندي

هي تحقيقي مقالو ”سُهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل مواد جو تحقيقي اڀياس“ جي عنوان سان، ادبي تحقيق جي اصولن مطابق، تحقيق ڪري تيار ڪيو ويو آهي. هن مقالي جي عنوان مان ئي پڌرو آهي ته: هيءَ تحقيق، سنڌ جي جديد سنڌي شاعريءَ جي، اهم شاعر ”شيخ اياز“ جي فن، فڪر ۽ شخصيت سان لاڳاپيل آهي. هن تحقيقي ڪم جو احاطو، سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2)، ببليوگرافيءَ ۾ ڄاڻايل ڪتابن، رسالن، ويبسائيٽن توڙي ان دؤر جي همعصر حال حيات اديبن تائين محدود آهي.

هن تحقيقي مقالي لاءِ سهڻي رسالي جي، ڄاڻايل نمبرن جو، چڱيءَ ريت اڀياس ڪري، مواد حاصل ڪيو ويو. جنهن تي، لاڳاپيل ڏسائن ۾ تحقيق ڪري، حال حيات اديبن ۽ شاعرن کان گهربل تصديقون توڙي رهنمائي وٺي، هي مقالو لکي تيار ڪيو ويو آهي.

گهاڙيٽي جي حساب سان، هن تحقيقي مقالي جو هي، تعارفي باب آهي. جنهن کي 2 وڏن حصن ۾ هيٺين ريت ورهائي، هرهڪ حصي کي کولي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي:

1.1. مقالي جو تعارف

1.2. مقالي جي رٿابندي

### 1.1 مقالي جو تعارف

جيتوڻيڪ عام لوڪ، سنڌي ادب ۾ شيخ اياز جو ڳاڻيٽو، رڳو وڏن شاعرن ۾ ڪري ٿو، پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي. هن تحقيقي مقالي ۾ گڏ ڪيل معلومات آڌار، اهو لکڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪون ٿيندو ته: شيخ اياز نثر جو پڻ ڏاڍو سٺو لکندڙ هو. خاص ڪري آتم ڪٿائن ۽ ايڊيٽوريلس لکڻ ۾ ته سندس ڪو مَٽ ڪونهي. سندس لکتن، وقت گذرڻ سان گڏ سندس ادبي قد ڪاٺ کي، پڻ ثابت ڪري پڌرو ڪيو آهي ته: هو ڪيڏو وڏو ڄاڻو لکاري هو. سندس ان ڏاهپ جي ڏانءَ جون ساکي، سهڻي رسالي ۾ ڇپيل سنڌ جي ناليرن، ساڪائتن اديبن ۽ شاعرن جون ڪيترين ئي لکڻيون آهن. منجهائن چند ڏات ڌڻين جي، شيخ اياز بابت ڏنل تاثرن کي، هتي ان مقصد سان لکجي ٿو ته جيئن سندن اهڙين لکڻين جي اولڙي منجهان، مٿين بيان بابت وڌيڪ ڇنڊڇاڻ ٿي سگهي:

- ”شيخ اياز دنيا جو واحد شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ سڀ کان گهڻين صنفن ۾ لکيو آهي.“ [حسيني، امداد. سهڻي ش. ا. ن.: 1، 36]
- ”شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ مشاهداتي رنگ ۽ روپ ڳوڙهي سگهجن ٿا.“ [ٻيوس، تاجل. سهڻي ش. ا. ن.: 1، 22]

- ’’جيئن هرڪو انسان پنهنجي ملڪ جي حدن جو باندي آهي، تيئن شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ به سنڌ، سنڌي ۽ سنڌي پڙهو ليئا پائيندي نظر اچي ٿو.‘‘ [هيرانندائي، پوپٽي. سهڻي ش. ا. ن: 2، 31]
- شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ موجوده دؤر جي سپني شاعرن کان وڌيڪ مشاهدي جو عنصر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. [جوڻيجو، عبد الجبار. سهڻي ش. ا. ن.: 1، 28]
- ’’شيخ اياز ترقي پسند شاعري ۽ ادب کي نئون نکور نيرو آسمان ڏنو.‘‘ [ملاح، عبد الله. سهڻي، ش. ا. ن.: 1، 48]
- ’’شيخ اياز، سنڌي شاعريءَ کي، نوان نوان فارم ڏنا.‘‘ [محبوب، ماهتاب. سهڻي ش. ا. ن.: 1، 12]
- ’’شيخ اياز، ايشيا جو وڏو شاعر ۽ دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ آهي.‘‘ [پڻي، زيب. سهڻي، ش. ا. ن.: 1، 32]

جيئن ته منهنجو هيءُ تحقيقي مقالو، هڪ خاص عنوان (سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل مواد جو تحقيقي اڀياس) تي مشتمل آهي، تنهن ڪري منهنجي هيءَ تحقيق، سهڻيءَ رسالي جي ڇاٽايل ٻن نمبرن ۾ ڇپيل لکڻين جي آڌار، پڙهندڙن کي ’’اياز شناسائيءَ‘‘ جو چٽو درشن ڪرائي، هن ڏسا ۾ ڪم ڪندڙ محققن لاءِ تحقيق جا ڪي نوان رستا هموار ڪندي ۽ پڻ: اميد اٿم ته ’’اياز شناسائيءَ‘‘ جي ڏسا ۾ هيءُ هڪ ڪارائتو دستاويز ثابت ٿيندو. مون پنهنجو تحقيقي ڪم اڪلائي، گڏ ڪيل مواد جي ڇنڊڇاڻ ڪري، جڏهن مواد کي سهيڙي ۽ ترتيب وار رکي گهربل عنوانن کي لکي پورو ڪيو، تڏهن هي تحقيقي مقالو جڙي راس ٿيو. جيڪو ٿلهي ليکي 5 بابن جي 194 ننڍن وڏن عنوانن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ ڪوشش ڪري اجائي لفاظي ۽ طوالت کان بچڻ جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪئي وئي آهي.

باب پهريون، ’’مقالي جو تعارف ۽ رٿابندي‘‘ جي عنوان سان رکيو ويو آهي. جنهن ۾ مقالي جي تعارف ۽ رٿابنديءَ کي ڏار ڏار ڪري بيان ڪيو ويو آهي. هن باب ۾ سڄي مقالي جو سادو ۽ مختصر تعارف توڙي ان جي بنيادي گهاڙيٽي کي، کولي بيان ڪيو ويو آهي. ته جيئن مقالي جي جزيات جي چڱيءَ طرح پروڙ پئجي سگهي ۽ ڄاڻي سگهجي ته: مقالي جي عمارت، ڪهڙيءَ ريت جوڙيل آهي.

باب ٻيو، ’’سهڻي رسالو ۽ شيخ اياز‘‘ جي عنوان سان آهي. جنهن ۾ جيئن عنوان مان پڌرو آهي ته ان کي، 2 عنوان ملائي هڪ ڪيو ويو آهي. پر ان جي تفصيل ۾ ٻنهين عنوانن کي ڏار ڏار ڪري، انهن جو پيرائتو احوال ڏنو ويو آهي. اتي اهو پڻ ضروري ڄاتو ويو ته: هن باب ۾ شيخ اياز توڙي سهڻي رسالي بابت، بنيادي احوال ڏجي ته جيئن پڙهندڙ، اڳتي وڌڻ کان اڳ ئي ٻنهين بابت چڱيءَ ريت ڄاڻ حاصل ڪري وٺي ۽ اڳتي ايندڙ تحقيقي اڀياس کيس ننُلو نه لڳي.

تحقيقي مقالي جو ٽيون باب ’’سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل نثري مواد‘‘ جي عنوان سان آهي. جنهن ۾ شيخ جي شاعريءَ بابت تحقيقي مقالو، تاثراتي مضمون، شيخ اياز جي ڪتابن مان چونڊ نثري ٽڪرا، شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ، ڪهاڻيون، خط، تقريرون وغيره شامل آهن. اهي ليک، سهڻي رسالي جي ڇاٽايل نمبرن جي، مڪمل چنڊ ڇاڻ مان حاصل ٿيل نثري مواد جو نچوڙ آهن، تنهن

ڪري انهن ۽ ان سان گڏ شامل مواد بابت، گهربل بحث ڪري انهن جي وڌيڪ اڪول پڻ ڪئي وئي آهي. ان سان گڏوگڏ، لاڳاپيل نڪتن جا تحقيقي پيرا پڻ ڪنيا ويا آهن ۽ جتي جتي ڪتابي توڙي حال حيات اديبن جا احوال درڪار هئا، تن ڪان پڻ گهربل مدد وٺي، هي باب لکي مڪمل ڪيو ويو آهي.

چوٿون بابت ”سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل نظمي مواد“ جي عنوان سان رکيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته منجهس، سهڻي رسالي جي تحقيقي اپياس مان حاصل ٿيندڙ، نظمي مواد کي ڦاندي ڌار ڪري شامل ڪيو ويو آهي. جنهن جا عنوان شيخ اياز جي شاعري، شيخ اياز جي آڳاٽي شاعري، شيخ اياز جي اڻڇپيل شاعري، شيخ اياز جي چونڊ شاعري ۽ شيخ اياز بابت شاعري رکيا ويا آهن. سيئي عنوان پنهنجي پاڻ مان، پنهنجي تشريح پاڻ بڌائين ٿا. جڏهن ته آخري عنوان (شيخ اياز بابت شاعري) ۾ سنڌ جي تنهن دؤر جي، نالي وارن شاعرن، جيڪا شاعري شيخ اياز بابت لکي، تنهن کي شامل ڪيو ويو آهي.
باب پنجون ”نتيجا“ جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ هن تحقيق مان حاصل ڪيل علم جو وچور، مختصر ڪري ڏنو ويو آهي.

تحقيقي مقالي جي هن تعارفي حصي کي، پيرائتو سمجهڻ لاءِ هن مقالي جي موضوع سان لاڳاپيل مختلف ضروري عنوانن کي، هيٺين ريت ڌار ڌار ورڇي، هرهڪ تي ڇڻي روشني وڌي وئي آهي:

1.1.1. مفروضو
1.1.2. موضوع تي تحقيق جي ضرورت
1.1.3. موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق
1.1.4. تحقيق جو طريقيڪار ۽ حوالن ڏيڻ جو طريقو

## 1.1.1 مفروضو

هيءُ تحقيقي مقالو، جنهن مفروضي جي بنياد تي لکي تيار ڪيو اٿم، سو هن ريت آهي: ”سهڻي رسالي جي، شيخ اياز نمبرن ۾ شايع ٿيل مواد، ڇا ’اياز شناسيءَ‘ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو؟“
هن تحقيقي مقالي مان، اهو چڱيءَ ريت ثابت ٿيو آهي، ته: ”سهڻي“ رسالو، پنهنجي وقت جو هڪ اهڙو ماهوار رسالو هو، جنهن سنڌي ادب جي مختلف ڌارائن کي سهيڙي، تاريخ جو حصو بڻائڻ سان گڏوگڏ عوام ۾ انهن جي لاءِ سجاڳي ۽ پرک پڻ پيدا ڪئي هئي. ان رسالي جا ”شيخ اياز نمبر“، سنڌي ادب ۾ ”اياز شناسيءَ“ جي سلسلي ۾ نهايت بنيادي حيثيت رکن ٿا. ڇاڪاڻ ته انهن ۾ ڇپيل مواد، سنڌ جي اهڙن اڪابر اديبن جي قلم مان نڪتل پورهيو آهي، جن جي لفظ لفظ کي، سنڌ ۾ وڏو مان ۽ مرتبو حاصل آهي.
حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته: سهڻي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) جي جملي 420 صفحن تي مشتمل ڇپيل مواد جي 59 ليکڪن مان رڳو 3 ليکڪن (غلام نبي مغل، تاج محمد سمون ۽ آدرش) شيخ اياز جي فن ۽ فڪر تي تنقيد ڪئي آهي. جنهن کي پڻ انهن ئي پرچن ۾ ڇپيل ناميارن ليکڪن (نسرين جوڻيجو،

هدايت بلوچ ۽ اي. جي. اتم) پنهنجي لکڻين ۾، دليلن سان رد ڪري ثابت ڪيو آهي ته: شيخ اياز، سنڌ جي اڄ ۽ سڀاڻ جو هڪ سجاڳ ۽ ساڪائتو ڪوي آهي. سندس قلم مان نڪتل پورهيو سنڌ جي، آچپي جي ويڙهه جو وڏي ۾ وڏو شعوري وکر آهي. مطلب ته: سهڻي رسالي جا ''شيخ اياز نمبر''، ''اياز شناسيءَ'' لاءِ ڀرپور دستاويزي مواد مهيا ڪن ٿا، جيڪو پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ ان جي تاريخي حيثيت کان، انڪار ڪري نٿو سگهجي.

منهنجو هي تحقيقي مقالو، سهڻي رسالي جي، سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت رکندڙ ''شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2)'' تي ڪيل تحقيق تي مشتمل آهي، تنهن ڪري اميد اٿم ته: منهنجو هي پورهيو پڙهي، ان ڏسا ۾، تحقيق ڪندڙن توڙي عام پڙهندڙن، لاءِ ڪارائتو دستاويز ثابت ٿيندو ۽ شيخ اياز جي فن ۽ فڪر تي، هن کان پوءِ ٿيندڙ تحقيقن جي لاءِ، نوان گس کولڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

## 1.1.2 موضوع تي تحقيق جي ضرورت

شيخ اياز جي شاعري، سنڌي ادب جو املهه خزانو آهي. جنهن جو هن وقت، هر لکيو پڙهيو سنڌي، وڏي واڪ معترف آهي. اهو ئي سبب آهي جو ''اياز شناسي''، ڏينهون ڏينهن وڌي ويجهي رهي آهي. سٺن سالن کان، هر سال ڊسمبر جي مهيني ۾ ٿيندڙ، ''اياز ميلو'' ان جو شاندار مثال آهي. تحقيقي پيرو کڻڻ سان، پتو پوي ٿو ته: شيخ اياز جي قلمڪاريءَ جي اوک ڊوک جي شروعات سڀ کان پهرين، طارق اشرف جي ماهوار رسالي ''سهڻيءَ'' جي ''شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2)'' سان شروع ٿي، جنهن ۾ ڇپيل لکڻين وسيلي، سنڌ جي سڄاڻ اديبن، عام پڙهندڙن تائين شيخ اياز جي، فن ۽ فڪر جي مڙني پاسن کي، کولي پيش ڪيو. چاڪاڻ ته: ''ادب فڪر کان خالي ٿي نٿو سگهي ۽ جي خالي آهي ته اهو رڳو وندر جي لاءِ ته ڪتب اچي سگهي ٿو ۽ اها به اهڙي جهڙي ٻارن جي راند جنهن مان ڪجهه به هڙ حاصل نٿو ٿي سگهي.'' [ٻوهيو، الهداد۔ ادب جا فڪري محرڪ، 51]

پنهنجي ايم. فل. جي تحقيقي مقالي لکڻ لاءِ، مون هي موضوع ان ڪري چونڊيو، جو سهڻي رسالي، جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڇپيل سنڌ جي ناليرن ليکڪن جي لکتن کي پڙهي ڇاتم ته: ''جنهن نموني انهن مڙني اڪابرن، شيخ اياز جي شخصيت، فن ۽ فڪر بابت ڳُلي لکيو آهي، ضروري آهي ته: اهڙن سڄاڻ اديبن پاران لکيل ان سموري مواد جي، ادبي تحقيق جي اصولن تحت ڇنڊ ڇاڻ ڪري عام پڙهندڙن، شاگردن، استادن ۽ عالمن اڳيان ان جا نتيجا پڌرا ڪري 'اياز شناسيءَ' کي ويتر وڌائجي.''

## 1.1.3 تحقيق جو مقصد

ايم. فل. جي تحقيقي مقالي لکڻ لاءِ هي موضوع: ''سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل مواد جو تحقيقي اڀياس'' چونڊڻ پٺيان منهنجو بنيادي مقصد هي هو ته: ''شيخ اياز جي شاعري، فن ۽ فڪر کي

مختلف اديبن جي قلم وسيلي پرکي؛ ان دؤر جي حالتن ۽ انهن جي ادب تي ڇڏيل اثرن کي، سندن نقطہء نظر سان ڏسجي.“ هن تحقيق سان شيخ اياز جي تخليقي خوبين جي خبر پوي ٿي، جيڪي سندس شاعريءَ ۽ نثر ۾ موجود آهن ۽ ان سان گڏوگڏ سندس همعصر اديبن، نقادن جي سندس شخصيت، فن ۽ فڪر تي قائم ڪيل راءِ جي پڻ پروڙ پوي ٿي. جنهن سان سندس فن، فڪر توڙي شخصيت جا سڀئي پاسا چڱيءَ ريت اجاگر ٿين ٿا. تحقيق جي اصولن موجب پڻ: ”تحقيق جو اصل مقصد آهي، فطرت يا انساني زندگي جي جدا جدا مسئلن جو حل ڳولڻ، تحقيق ماڻهوءَ جي علم ۽ ڏاهپ جي دائري کي وسيع بڻائي ٿي.“ [مٽلاڻي، بلديو. تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول، 1.3]

اميد اٿم ته هيءَ تحقيق شيخ اياز جي فڪر تي تحقيق لاءِ نوان موضوع سامهون آڻيندي ۽ محققن لاءِ ڪيترين نئي ڏسائن ۾ نوان دڳ کوليندي. سهڻي رسالي جا شيخ اياز نمبر، ”اياز شناسيءَ“ جي سلسلي جا تاريخي دستاويز آهن، جن ۾ سنڌ جي هڪ دؤر ساز، شاعر جي فن ۽ فڪر جي مختلف پهلوئن تي، سنڌ جي سڄاڻ اديبن کُلي لکيو آهي.

## 1.1.4 موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق

منهنجي مطالعي موجب، سهڻي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) تي، هن کان اڳ ڪو به تحقيقي ڪم نه ٿيو آهي. جڏهن ته: ”صدف ميمڻ“ نالي اسڪالر، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ”سهڻي رسالي جو سنڌي ادب ۾ ڪردار“ جي عنوان سان ايم. فل ڪري رهي آهي. جيئن ته سندس تحقيقي مقالي جي لاءِ چونڊيل اهو عنوان، منهنجي چونڊيل عنوان سان، سڌو سنئون نٿو ٺهڪي. ڇاڪاڻ ته سندس موضوع وسيع آهي، جنهن جو دائرو، سهڻي رسالي جي جملي اشاعتن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ پڪ سان شيخ اياز نمبرن جو احوال پڻ شامل هوندو، پر جيئن ته منهنجو ڪم سڌو سنئون فقط سهڻي رسالي جي، شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل مواد تي تحقيقي اپياس ڪرڻ آهي. تنهن ڪري ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته: ”منهنجي چونڊيل عنوان تي ڪيل، هي پهريون تحقيقي ڪم آهي.“ جيڪو مون پنهنجي مانواري سپروائيزر جي نگرانيءَ ۾ اڪلائي، پنهنجو هي تحقيقي مقالو، لکي تيار ڪيو آهي.

## 1.1.5. تحقيق جو طريقيڪار ۽ حوالن ڏيڻ جو طريقو

”جيئن سچ جو ڪو بدل نه آهي، تيئن تحقيق جي ڪم جو پڻ، ڪو نعم البدل ٿي نٿو سگهي“ [بوهيو، الهداد. علم تحقيق، 11] تنهن ڪري ضروري آهي ته تحقيق جي اصولن پٽاندر اڳواٽ طئه ٿيل طريقيڪار موجب تحقيقي ڪم اڪلائي نتيجا اخذ ڪيا وڃن. هن تحقيقي مقالي تيار ڪرڻ لاءِ، سهڻي رسالي جي، شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) جو، ادبي تحقيق جي اصولن پٽاندر، تحقيقي اپياس ڪيو ويو. ان ڏس ۾ موضوع سان لاڳاپيل ڪتابن، رسالن، ويبسائيٽن وغيره توڙي ان دؤر جي همعصر حال حيات اديبن کان پڻ مواد حاصل ڪيو ويو آهي. هن تحقيقي اپياس، توڙي ڪتابن ۽ رسالن جي کوجنا مان ملندڙ مواد کي،

ادبي تحقيق جي طريقيڪار، موجب طئه ڪيل اصولن تحت، سهيڙي گهربل ترتيب سان بابن ۾ ورهائي، هي تحقيقي مقالو تيار ڪيو ويو آهي.

هن تحقيقي مقالي ۾ ڏنل مواد کي لاڳاپيل ڪتابن، رسالن، ويبسائيٽن، انٽرويوز وغيره جي حوالن سان سلهاڙڻ لاءِ **MLA (Modern Language Association)** وارو حوالن ڏيڻ جو طريقيڪار اختيار ڪيو ويو آهي.

## 1.2 مقالي جي رٿابندي

هي تحقيقي مقالو مانواري سپروائيز ”سيد رشد الله شاهه بخاري“ جن جي رهنمائيءَ ۾ تيار ڪيو ويو آهي. هن مقالي کي موضوعاتي گهرجن پٽاندر 5 بابن ۾ هيٺين ريت ورهايو ويو آهي.

1.2.1. باب پهريون: مقالي جو تعارف ۽ رٿابندي
1.2.2. باب ٻيو: سهڻي رسالو ۽ شيخ اياز
1.2.3. باب: ٽيون: سهڻي رسالي جي اياز نمبرن ۾ ڇپيل نثري مواد
1.2.4. باب چوٿون: سهڻي رسالي جي اياز نمبرن ۾ ڇپيل نظمي مواد
1.2.5. باب پنجون: نتيجا

### 1.2.1 باب پهريون: مقالي جو تعارف ۽ رٿابندي

هي باب، هن تحقيق مقالي جي تعارف ۽ رٿابنديءَ جو باب آهي. جنهن ۾ مقالي جي سموري بنيادي ڍانچي بابت پيرائتي ڄاڻ ڏنل آهي. هن باب جا مک 2 حصا آهن: 1. مقالي جو تعارف ۽ 2. مقالي جي رٿا بندي. ويتر تفصيل ۾ وڃبو ته: باب جي پهرئين حصي کي وڌيڪ پيرائتو ڪندي 5 عنوانن: (1. مفروضو، 2. موضوع تي تحقيق جي ضرورت، 3. تحقيق جو مقصد 4. موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق ۽ 5. تحقيق جو طريقيڪار ۽ حوالن ڏيڻ جو طريقو) ۾ ورڇيو ويو آهي. ٻين لفظن ۾ هي باب هن تحقيقي مقالي جي تياريءَ توڙي فني جوڙجڪ کان آگاهيءَ وارو باب آهي.

### 1.2.2 باب ٻيو: سهڻي رسالو ۽ شيخ اياز

تحقيقي مقالي جو هي باب، ٻن حصن تي مشتمل آهي. جنهن جي پهرئين حصي ۾ ”سهڻي“ رسالي جو تعارف ڏنو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ، پنهنجي اوائلي دؤر ۾ جن ڏکيائين کي منهن ڏيئي اهو رسالو جاري ٿيندو هو، يا ان جي ايڊيٽر طارق اشرف کهڙن ڪشالن کي منهن ڏئي ان رسالي کي جاري رکيو. تنهن جي تفصيلي معلومات، ڏنل آهي. جڏهن ته هن باب جو ٻيو حصو، هن مقالي جي تحقيقي موضوع سان لاڳاپيل مک شخصيت ”شيخ اياز“ جي پروفائل تي مشتمل آهي. جنهن ۾ سندس شخصيت جي بنيادي ڄاڻ سان

گڏوگڏ، سندس قلمي پورهئي جي نتيجي ۾ ڇپيل ڪتابن جي پڻ، پيرائتي ڄاڻ هٿيڪي ڪري رکي وئي آهي، ته: جيئن هن تحقيق جي مک محرڪ شخصيت بابت پڙهندڙن کي پوري ڄاڻ هٿي ميسر هجي.

### 1.2.3 باب: ٽيون: سهڻي رسالي جي اياز نمبرن ۾ ڇپيل نثري مواد

هي باب، سهڻي، شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڇپيل، نثري مواد تي مشتمل آهي. جنهن ۾ خط، تقريرون، انٽرويو، تاثر، ساروڻيون، مهاڳ، ڪهاڻيون، ڪتابي جائزا، ڪتابن مان چونڊ نثري ٽڪرا شامل آهن. هن باب کي ڪل 10 مک موضوعن ۾ هيٺين ريت ورڇي، گهرجن پٽاندر وڌيڪ تفصيل سان کولي بيان ڪيو ويو آهي:

3.1. شيخ اياز جي شاعريءَ بابت تحقيقي مقالو

3.2. شيخ اياز بابت تاثراتي مضمون

3.3. شيخ اياز جي ڪتابن مان چونڊ نثري ٽڪرا

3.4. شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ

3.5. اکين ڏٺي احوال جون ساروڻيون

3.6. ڪهاڻيون

3.7. خط

3.8. تقريرون

3.9. شهرِ وفا (پي. ٽي. وي. جو انٽرويو پروگرام)

3.10. شيخ اياز جي ڪتاب جو جائزو

### 1.2.4 باب چوٿون: سهڻي رسالي جي اياز نمبرن ۾ ڇپيل نظمي مواد

هي باب، عنواني حساب سان، سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڇپيل، نظمي مواد تي آڌاريل آهي. پر جيئن ته شاعريءَ واري حصي ۾ 2 نمونن جي شاعري شامل آهي. هڪڙي شيخ اياز جي پنهنجي شاعري ۽ ٻي شيخ اياز جي شخصيت بابت، سنڌ جي ناليرن شاعرن جي شاعري. تنهن ڪري هن باب کي ويتر 2 حصن ۾ هيٺين ريت ورڇيو ويو آهي.

4.1 شيخ اياز جي شاعري

4.1.1 شيخ اياز جي اڻڇپيل شاعري

4.1.2 شيخ اياز جي اڻڇپيل شاعري

4.1.3 شيخ اياز جي چونڊ شاعري

4.2 شيخ اياز بابت شاعري

## 1.2.5 باب پنجون: نتيجا

سھڻي، رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) جي تحقيقي اڀياس مان، ملندڙ معلومات جيئن ته ھن تحقيقي مقالي جي اڳين بابن ۾ تفصيل سان بيان ڪئي وئي آھي ۽ ھي باب ان سموري اڀياس مان ملندڙ نتيجن تي مشتمل آھي، تنھن ڪري انھي اڀياس مان حاصل ٿيل نتيجن کي ھن باب ۾ اجائي ڊيگھه کان سواءِ بيان ڪيو ويو آھي.

# حوالا


1. بيوس، تاجل. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
2. ٻوهيو،الهداد. علم تحقيق، [ڇاپو ٻهريون]، 1990ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
3. ٻوهيو، الهداد. ادب جا فڪري محرڪ، [ڇاپو پهريون]، 1984ع، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد.
4. پٽي، زيب. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
5. دلوي، مرتلاڻي ٻلديو. تحقيق جو فن ۽ اصول، [ڇاپو پهريون]، 2016ع، سنڌ لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
6. حسيني، امداد. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
7. جوڻيجو، عبد الجبار. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
8. محبوب، ماهتاب. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
9. ملاح، عبد الله. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
10. هيراننداڻي، پوپٽي. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

# باب ٻيو

## سهڻي رسالو ۽ شيخ اياز

هن تحقيقي مقالي جو هي باب، ٻن حصن تي مشتمل آهي. جنهن جي پهرئين حصي ۾ ”سهڻي“ رسالي جو تعارف ڏنو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ، پنهنجي اوائلي دؤر ۾ جن ڏکيائين کي منهن ڏيئي اهو رسالو جاري ٿيندو هو، يا ان جي ايڊيٽر طارق اشرف کهڙن ڪشالن کي منهن ڏئي ان رسالي کي جاري رکيو. تنهن جي تفصيلي معلومات، ڏنل آهي. جڏهن ته هن باب جو ٻيو حصو، هن مقالي جي تحقيقي موضوع سان لاڳاپيل مُک شخصيت ”شيخ اياز“ جي پروفائل تي مشتمل آهي. جنهن ۾ سندس شخصيت جي بنيادي ڄاڻ سان گڏوگڏ، سندس قلمي پورهئي جي نتيجي ۾ ڇپيل ڪتابن جي ٻڻ، پيرائتي ڄاڻ هٿيڪي ڪري رکي وئي آهي، ته: جيئن هن تحقيق جي مک محرڪ شخصيت بابت پڙهندڙن کي پوري ڄاڻ هتي ميسر هجي.

### 2.1 سهڻي رسالي جو مختصر تعارف

سهڻي رسالو، سنڌ جي نامياري ليکڪ ۽ ايڊيٽر طارق اشرف جي پيشڪش آهي. جنهن جي شروع ٿيڻ جي ڪهاڻي هن ريت آهي ته: طارق اشرف، پنهجي دوست ناميار ي ليکڪ غلام نبي مغل سان گڏجي 1960ع ڌاري ”اداره ادب نو“ قائم ڪيو. هن اداري پنهنجي شروعات ۾ هڪ ٻئي پٺيان لاڳيتا 3 ڪتاب (پهريون قدم، ٻيو قدم ۽ ٽيون قدم) جاري ڪيا. جن مان ”پهريون قدم“ مختلف ليکڪن جي چونڊ شعرن ۽ ڪهاڻين تي مشتمل هو، ”ٻيو قدم“ مختلف ليکڪن جي چونڊ ڪهاڻين جو ڪتاب هو ۽ ”ٽيون قدم“ سنڌ جي ناميار ي شاعري شاعري ”شمشير الحيدريءَ“ جي شاعريءَ جو ڪتاب هو. ان کان پوءِ هن اداري جيڪو وڏو ڪم ڪيو سو هو، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽي ڪتاب جاري ڪرڻ جو تجربو، جيڪو سن 1964ع ڌاري ڪيو ويو. جنهن ۾ طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل پنهنجو، هڪ هڪ ڪتاب پاڻ ۾ گڏي، هڪ ٻٽو ڪتاب ڪري ڇپرايو، جنهن ۾ هڪڙو هو، طارق اشرف جي ڪهاڻين جو ڪتاب ”سونهن پٽر ۽ پيار“ ۽ ٻيو هو، غلام نبي مغل جو ڪتاب ”نئون شهر“. ان ٻٽي ڪتاب کي ٻنهين پاسن کان، انهن ٻن ڪتابن جا ٽائيٽل، هڪڙي پاسي ”سونهن پٽر ۽ پيار“ جو ته ٻئي پاسي ”نئون شهر“ جو ڇاپيا ويا. اهڙيءَ ريت اداري جي ڪتابن ڇاپڻ جو سلسلو جاري رهيو.

ان دؤران سنڌي ٻوليءَ ۾، هڪ معياري رسالي جي، کوٽ کي محسوس ڪندي هنن ٻنهين (طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل) گڏجي ”سهڻي پبليڪيشن“ جو بنياد وڌو، جنهن سال 1967ع ڌاري ڊيمي سائيز ۾ ”ماهوار سُهڻي“ رسالو ڇاپڻ شروع ڪيو. جنهن ۾ سنڌ جي نالين ليکڪن پنهنجون لکڻيون ڇپائڻ شروع ڪيون. مطلب ته سهڻيءَ رسالي جا ڇاپا، سنڌ جي وڏن نالين، دانشورن جي اهم لکڻين سان، ٿمڻار ٿي ڇپجڻ لڳا. جنهن سان ترت ئي ”سهڻي رسالي“ جو ڳاٽيتو، سنڌي ٻوليءَ جي نالين رسالن ۾ ٿيڻ لڳو.

ماهوار ”سهڻي“ رسالو پنهنجي وقت جو اهڙو رسالو هو، جنهن سنڌي ادب جي مختلف صنفن جهڙوڪ: شخصيت نمبر، ڪهاڻيون، انٽرويو، ڪتابن مان چونڊ نثري ٽڪرا، تاثراتي ليک، اکين ڏٺا احوال، خط، گيت، بيت، وايون، غزل، هائيڪا، ترائيل وغيره کي سهيڙي، تاريخ جو حصو بڻائڻ سان گڏوگڏ، عوام ۾ انهن جي پڙهڻ ۽ پرجهڻ جي لاءِ سجاڳي ۽ پرک پڻ پيدا ڪئي هئي. ان ڪري هن رسالي جي هند ۽ سنڌ ۾ خاص سڃاڻپ جڙي هئي. سهڻي رسالي تي تاريخي لحاظ کان نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو ته: ان جا 2 دؤر گذريا آهن. پهريون دؤر، سال 1967ع کان 1975ع تائين 9 سالن تي ۽ ٻيو دؤر رڳو 3 سالن (1989ع کان 1992ع) تي مشتمل آهي.

سهڻيءَ جي ٻنهين دؤرن بابت پيرائتو جائزو وٺڻ کان پهرين اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته: ڪهڙين حالتن جي ڪري ان رسالي تي پابندي لڳي؟ ان سوال جيء جواب تائين پهچڻ جي پويان سبب آهي، سنڌ ۾ ٻوليءَ جي نالي تي، پڙڪيل وڳوڙ. جنهن جي حقيقت هن ريت آهي ته: ”تاريخ 3 جولاءِ سن 1972ع تي سنڌ جي، تڏهوڪي وزير اعلىٰ ممتاز علي ڀٽي، سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ ۾ ”سنڌي ٻولي بل 1972ع“ پيش ڪيو، جيڪو تاريخ 07 جولاءِ سن 1972ع تي منظور ٿيو. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي، سنڌ صوبي جي اڪيلي سرڪاري ٻولي بڻايو ويو. جنهن تي اردو ڳالهائيندڙن ۾ ٽرٿلو مچي ويو ۽ ٻولي وڳوڙ شروع ٿي ويا. جن کي پڙڪائڻ ۾ جنگ اخبار، مڪ هيڊنگ توڙي باربر تي، ”رئيس امروهوي“ جي نظم جي مصرع ”اردو کا جنازا هئي، زرا ڌوم سي نڪلي“ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو[1]. وڳوڙن جي نتيجي ۾ وزير اعظم پاڪستان ذوالفقار علي ڀٽي ان بل ۾ ترميم ڪري سنڌ صوبي لاءِ اردو ۽ سنڌيءَ کي سرڪاري ٻولين جو درجو ڏنو.“ [ايڊيٽر، ميگزين، افيئر. 20 ن] تڏهن به اهو سلسلو اتي ختم نه ٿيو ۽ اڳتي هلي ان سان قلم ڏٺين ۽ پبلشرن مٿان شروع ٿيل سختين جي نتيجي ۾ ”سهڻي پرنٽنگ پريس توڙي رسالي مٿان 11 مئي 1975ع تي پابندي هنئي وئي ۽ ايڊيٽر طارق اشرف کي گرفتار ڪيو ويو.“ [سارنگ، حسين، سنڌي شخصيتون، 5] طارق اشرف، لڳاتار 22 مهينا قيد ڪاٽيو. [سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا (ٻارهون)، 93] ”ان دؤران سنڌي ٻوليءَ جي لڳ ڀڳ 80 کن ڪتابن، ڪجهه رسالن ۽ پريسن تي، سنڌ سرڪار پابندي مڙهي“ [سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا (اٺون)، 254] اهڙيءَ ريت سهڻي رسالو، ان پابنديءَ هيٺ اچي، بند ٿي ويو. اهڙي خبر ٻئي ڏينهن”عبرت“ اخبار ۾ ڇپي. [عبرت 12 مئي 1975ع]

سهڻي رسالو، طارق اشرف جي مسلسل جاکوڙ کان پوءِ به، لڳاتار 4 سالن تائين بند رهيو ۽ پوءِ حالتن جي سازگار ٿيڻ تي، ٻيهر سال 1989ع ۾ ڊبل ڪرائون سائيز ۾ جاري ٿيو. اهڙيءَ ريت تاريخي لحاظ کان ڏسجي ته، سهڻي رسالي جا 2 دؤر ٿي گذريا آهن، جن جو تفصيلي ذڪر هيٺين ريت آهي:

**2.1.1 سهڻي رسالي جو پهريون دؤر:** سهڻي رسالي جو پهريون دؤر، سال 1967ع کان 1975ع تائين 9 سالن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ هي رسالو ڊيمي سائيز ۾ ڇاپيو ويندو هو. طارق اشرف جي مدبراڻي، اٽورچ

[1] حقيقت ۾ رئيس امروهويءَ اها نظم 7 مارچ 1952ع تي بنگالي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ملڻ تي لکي هئي.

پورهئي ۽ تجربيڪار پبلشنگ جي ڪري، هي رسالو اڻندي ئي، سنڌ جي ذات ڏٺين توڙي عام عوام ۾ پنهنجو هڪ ساڪائتو مقام ناهڻ ۾ ڪامياب ويو، جيڪو ڏينهون ڏينهن ويو ويتر وڌندو. طارق اشرف جنهن اڻٽريائي، شفافيت ۽ ميرٽ سان مواد کي ڇاپڻ شروع ڪيو، تنهن سهڻي رسالي کي ان اوج تي پهچايو. سهڻي رسالي جا سپئي ايڊيشن، پنهنجي ڇپيل مواد مان ان جي وڏي واکي ساک پرين ٿا.

هي ماهوار رسالو، پنهنجي آب ۽ تاب سان جاري هو، تڏهن سنڌ اسيمبليءَ سنڌي ٻولي بل پاس ڪيو، جنهن سان اردو ڳالهائيندڙن وڏو هل هنگامو پيدا ڪيو. جنهن ماحول ۾ وڏي اٿل پٿل پيدا ڪئي. نتيجي ۾ قلم جي اظهار تي پابندي پئي. دادا سنڌيءَ موجب: ”سهڻي رڳو رسالو نه پر پڻي دؤر جي هڪ خالص قومي تحريڪ هئي، سنڌ جي حقن جي تحريڪ هئي. ممتاز ڀٽي (وزير اعلىٰ سنڌ) جي دؤر ۾ سهڻي اداري کي برداشت ڪيو ويو، پر ان کان پوءِ جڏهن غلام مصطفىٰ جتوئيءَ وزير اعلىٰ ٿيو ته کيس اهو ناگوار لڳو. هي سڀ رسالا مرڪز جي حڪم تي مهاجرن جي هاءِ گهوڙا جي ڪري بند ٿيا“. [سنڌي، دادا، سنڌي شخصيتون، 3] سنڌ مان ڳولي ڳولي پريسون ۽ ڪتاب ضبط ڪيا ويا، طارق اشرف ۽ ٻيا ايڊيٽر، ليکڪ ۽ شاعر جيلن ۾ وڌا ويا. سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن، چوند رسالن، اخبارن ۽ ڪن پريسن تي سخت پابندي مڙهي وئي. سنڌ جو هي شاندار رسالو، پڻ انهي عتاب جو شڪار ٿيو ۽ فقط 9 سالن جي سفر کان پوءِ بند ٿي ويو.

2.1.2 سهڻي رسالي جو ٻيو دؤر: سال 1988ع ۾ ضياءَ الحق جي حادثاتي موت سان، ملڪ تان مارشل لا وارو دؤر پڻ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو ۽ ملڪ ۾ جمهوري حڪومت قائم ٿي. جنهن جي اچڻ سان نه رڳو ملڪي وايومنڊل ۾ ڦيرو آيو پر اظهار جي آزاديءَ تي پيل پابنديون پڻ هٽايون ويون. جنهن سان پريس ۽ ڪتابن جي لاءِ ٻيهر سازگار ماحول جڙيو ۽ چڻ ته ڪو نئون سج اڀريو هو. 11 مئي 1975ع ۾ بند ٿيل سهڻي رسالو، وڏي وٿيءَ کان پوءِ، ٻيهر مارچ سال 1989ع تي، وڏي ٺاه جوڙ کان پوءِ، ڊيمي سائيز بجاءِ ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سهڻي رسالي هن ڀيري، اڳين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مواد ۽ سهڻي سٽاءَ سان، سنڌي ادب جي مڙني صنفن کي ڇاپڻ شروع ڪيو. طارق اشرف جي اڻٿڪ محنت، سهڻي رسالي کي هڪ ڀيرو ٻيهر، ان ساڳئي اوج کان به اڳتي آڻي بيهاريو، جنهن تي اهو پابندي لڳي بند ٿيڻ کان اڳ پهتل هو.

طارق اشرف، سنڌي ادب ۾ نيون روايتون قائم ڪندڙ سڄاڻ ليکڪ ۽ ايڊيٽر هو، هو ان کان اڳ ٻڌي ڪتاب جو تجربو ڪري چڪو هو ۽ هن ڀيري وري هن، سهڻي رسالي پاران، سنڌي ادب جي وڏين شخصيتن تي خاص نمبرن جاري ڪرڻ جو رواج وڌو، ته جيئن سنڌ جو عوام انهن ناليرين اديبن جي فن، فڪر ۽ شخصيت بابت ڀليءَ پت ڄاڻي سگهي. ان سلسلي ۾ هن امر جليل ۽ نسيم کرل تي هڪ هڪ نمبر، جڏهن ته ڪانئن پوءِ شيخ اياز جي شخصيت تي، لاڳيتا 2 نمبر جاري ڪري، سندن فن، فڪر ۽ شخصيت بابت سنڌ جي سڄاڻ اديبن جي قلم کي جنبش ڏني ۽ وڏي ٻي باڪيءَ سان ليکڪن جي لکيل تنقيدي توڙي تعميري ليکن کي جيئن جو تيئن ڇاپي، رسالي کي هڪ اوچو مقام عطا ڪيائين. پر بدقسمتيءَ ۽ افسوس

جي ڳالهه آهي جو سهڻي رسالو هن پيري پنهنجي آب ۽ تاب سان رڳو 3 سال ئي مس ڇاپجي سگهيو، ڇاڪاڻ ته طارق اشرف سان، سندس حياتيءَ وفا نه ڪئي ۽ هو اڱاري جي ڏينهن تاريخ 14 اپريل 1992ع ۾ وفات ڪري راهه رباني وٺي ويو. [سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا (ٻارهون)، 93] طارق اشرف هي جهان ڇا ڇڏيو، ڄڻ ته ”سهڻي رسالو“ پڻ ساڻس گڏ، گذر ڪري ويو ۽ پوءِ وري ڪڏهن به ڇپجي نه سگهيو.

## 2.2 ”سهڻي“ رسالي جا شيخ اياز نمبر

سنڌ جي ناميار، ايڊيٽر ۽ قلمڪار طارق اشرف، بلاشڪ پنهنجي دؤر جي، اهم ادبي مواد ڪي نرالي نموني، سهيڙڻ جون نيون روايتون قائم ڪندي ان کي ”سهڻي“ رسالي وسيلي، ڇاپي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هر عام ۽ خاص تائين پهچايو. سندس اورچائيءَ سان ڪيل پورهئي سنڌي ادب ۾ سهڻي رسالي کي، هڪ بي مثال رسالو بڻايو. هُن رسالي ۾ ڪهاڻين ۽ شاعريءَ سان گڏ نه رڳو سنڌي ادب جي ٻين صنفن کي جوڳي جاءِ ڏني پر گڏوگڏ سهڻي رسالي جا ڪي خاص ”شخصيت نمبر“ ڪڍڻ جي روايت پڻ وڌائين. ان سلسلي ۾ هُن پهرين ”امر جليل“ ۽ ”نسيم کرل“ جي ادبي پورهئي تي، مٿن خاص شخصيت نمبر شايع ڪيا. پوءِ اڳتي هلي، هن، سال 1990ع ۽ 1991ع ۾ سنڌ جي جديد سنڌي شاعريءَ جي اهم شاعر ”شيخ اياز“ جي فن، فڪر ۽ شخصيت تي، هڪ ٻئي پٺيان لاڳيتا 2 نمبر ڇپرايا.

سهڻي رسالي جا اهي ٻئي نمبر، شيخ اياز جي شاعري ۽ شخصيت جي ڪيترن ئي پاسن تي روشني وجهن ٿا. اهي ٻئي نمبر، سنڌي ادب جي ان دؤر جي ناليرن نثرنگار عالمن، اديبن، نقادن، مترجمن ۽ محققن پاران، شيخ اياز جي لکڻين ۾ موجود فن، فڪر ۽ سندس شخصيت تي ڀرپور لکڻيون، پسمنظر ۽ تنقيدي جائزا پڻ شامل آهن. بلاشڪ سهڻي رسالي جا ”شيخ اياز“ نمبر، سنڌي ادب ۾ ”اياز شناسيءَ“ جي سلسلي ۾ نهايت بنيادي حيثيت رکن ٿا. ڇاڪاڻ ته انهن ۾ ڇپيل مواد، سنڌ جي اهڙن اڪابر اديبن جو قلمي پورهيو آهي، جن جي لفظ لفظ کي، سنڌ ۾ وڏو مان ۽ مرتبو حاصل آهي.

سهڻي رسالي جو پهريون ”شيخ اياز نمبر“ 276 صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو مارچ 1990ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جي 35 عالمن ۽ اديبن جون لکتون موجود آهن. جڏهن ته سهڻي رسالي جو ٻيو ”شيخ ايازنمبر“ 144 صفحن تي مشتمل آهي ۽ منجهس 24 عالمن ۽ اديبن جون لکڻيون موجود آهن. مطلب ته سهڻيءَ جا هي ٻئي ڇاپا ادبي مواد جي هڪ ضخيم ڪتاب جيتري مواد تي، مشتمل ڪنهن ڪتاب کان ڪنهن به ريت گهٽ نه آهن.

سهڻي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ شيخ اياز جي اوائلي، توڙي 1991ع تائين جي اڻڇپيل شاعري ”مرد خدا“، ”خانه بدوش ٿا نيو ڪيڏانهن آخر قافلو“ ۽ ”الوداعي گيت“ جي عنوانن سان موجود آهي. ان کان سواءِ شيخ اياز جي شاعريءَ بابت، ناليرن اديبن جون لکڻيون پڻ شامل آهن. جنهن سان سندس فن ۽ فڪر تي نقادانه روشني پوي ٿي. جيئن غلام نبي مغل لکيو آهي ته: ”اياز جي شاعري ۾ ڪلاسيڪل ۽ قديم تشبيهن جو استعمال به آهي ته ساڳئي وقت جدت به آهي“ گڏوگڏ پاڻ شيخ اياز کي جدت طراز به ڪوٺي

ٿو، ۽ شيخ اياز شاعريءَ ۾ ڪهڙي نواڻ آندي آهي اها بہ پيش ڪئي اٿس. اهڙيءَ ريت ناميارِي ليڪڪ احمد سولنگيءَ، شيخ اياز جي هائيڪي بابت تفصيل سان لکيو آهي، جيڪا اصل ۾ جپاني شاعريءَ جي صنف آهي. غلام حسين رنگريز، شيخ اياز جي شاعري ۾ تصوف جي انقلابي پهلوئن تي لکيو. جڏهن تہ ڊاڪٽر قاضي خادم شيخ اياز کي وري سنڌي ادب جو بنيادي ڪهاڻيڪار بہ سهڻي شيخ اياز نمبر ۾ لکيو. اهڙيءَ لحاظ کان ڏٺو وڃي ته شيخ اياز جي فن، فڪر ۽ شخصيت جا ڪوڙ سارا رخ سهڻي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڏنل آهن. تنهن ڪري ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ آهي تہ: سهڻي رسالي جا شيخ اياز نمبر، اياز شناسيءَ جو بنياد وجهندڙ نمبر آهن.

هن تحقيقي اپياس ۾، سهڻي رسالي جي ڇاٽايل پنهين شمارن ۾ شامل مڙني لکڻين ۾ شامل مواد کي، چنڊي چڙي پنهنجي موزونيت جي حوالي سان، ڏار ڏار ڪري رکيو ويو آهي. گڏوگڏ مواد جا مڪمل انگ اکر پڻ، گڏ ڪري مقالي ۾ شامل ڪيا ويا آهن، تہ جيئن هن ڏس ۾ تحقيقي ڪم ڪندڙن، توڙي عام پڙهندڙن کي موضوع سان لاڳاپيل جوڳو مواد هڪ هنڌ هٿيڪو ملي سگهي.

## 2.3 شيخ اياز

ڪنهن ڏات ڌڻيءَ جو پروفائل لکڻ نهايت پيچيدو پورهيو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ حقيقتن کي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ جي گهرج هوندي آهي. هونءَ ته نقادانه گهرجن پٽاندر ”فنڪار جڏهن به ڪا تخليق ڪندو آهي، تڏهن هو منجهس معنىٰ ۽ سونهن کي ڳنڍيندو آهي. پڙهندڙ يا نقاد جو ڪم سڀ کان پهرين ان مان معنىٰ ڪڍڻ ۽ محسوس ڪرڻ آهي. تنهن کان پوءِ ان تخليق جي سونهن تي نظر وجهڻ آهي.“ [ابڙو، بدر. تنقيد ۽ تنقيد نگاري، 30]

سنڌ جو ناليرو شاعر شيخ اياز ولد غلام حسين شيخ، شڪارپور شهر ۾ ڄائو. سندس انقلابي شاعريءَ وقت جي جبر جي ايوانن کي لوڏي وڌو هو، تنهن ڪري کيس طرحين طرحين جون عقوبتون سهڻيون پيون ۽ جيل خانن جا قيد ڪاٽڻا پيا. اهڙين سختين سهڻ کان پوءِ به، سندس قلم ڪڏهن به ماٺو نه ٿيو. ويتر هو پنهنجي ڏات وسيلي، پيڙهيل، غلام ۽ محڪوم طبقي جي لاءِ سندس آواز جي هيبتناڪ للڪاري علامت بڻيو رهيو. سندس نثر توڙي نظم کي پڙهڻ مان پروڙ پوي ٿي ته هن جي لفظن ۾ ڇڻ ڪا انوکي طاقت پريل آهي جيڪا، مظلومن ۽ محڪومن کي ڳاٽ کڻي جيئڻ ۽ پنهنجي غلاميءَ جا طوق لاهي ڦٽي ڪرڻ لاءِ هر وقت اتساهيندي رهي ٿي. سندس وڏي ۾ وڏو، شاهڪار ادبي ڪارنامو آهي، شاهه عبد الطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جو منظوم اردو ترجمو آهي. ”شيخ اياز سنڌي بيتن جا درياهه وهائي ڇڏيا آهن.“ [سنڌي، ميمڻ عبد المجيد، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، 240] شيخ اياز ڪيترائي نوان تجربا پڻ ڪيا جن سندس شاعريءَ ۾ جدت سان گڏ موسيقي پيدا ڪئي. ”شيخ اياز جي فن ۾ جا تبديلي آئي هئي اها هيئت ۽ موادي لحاظ کان هئي. هن دوهي ۽ گيت جي صنفن کي نئين موسيقي بخشي.“ [جوڻيجو، عبد الجبار، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، 276]

### 2.3.1 شيخ اياز جو پروفائل

شيخ اياز سنڌ جي جديد سنڌي شاعريءَ جو اهم شاعر آهي. جيتوڻيڪ سندس سڃاڻپ شاعر واري آهي پر پاڻ نثر پڻ اعليٰ درجي جو لکيو اٿس، خاص ڪري آتم ڪٿائن ۽ ايڊيٽوريلس لکڻ ۾ ته سندس ڪو مَٽ ڪونهي، سندس نظم توڙي نثر، سنڌي ادب ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو. ”هو نفيس مزاج جو مالڪ هو ڪيس سنڌي لباس ۽ رنگ ڏاڍا وڻندا هئا. شاعرن ۾ شاهه عبد الطيف ڀٽائي ۽ حال حيات اديبن ۾ محمد ابراهيم جويو پسند هئس ۽ هو واندڪائيءَ ۾ ٻارڙن سان ڳالهيون ڪرڻ پسند ڪندو هو.“ [بخاري، مستور ۽ سومرو، ادل، سهڻي ش.ا.ن: 2، 102]

هتي، سندس مختصر پروفائل ڏجي ٿو ته جيئن عام پڙهندڙن تائين سندس شخصيت جي بنيادي ڄاڻ ميسر هجي:

| | |
|---|---|
| نالو: | مبارڪ علي |
| قلمي نالو: | اياز |
| پيءَ جو نالو: | غلام حسين شيخ |
| ڄم: | 23 مارچ 1923ع |
| ڄم جو هنڌ: | شڪارپور، سنڌ |
| تعليم: | بي. اي. ايل. ايل. بي. |
| وفات: | 28 ڊسمبر 1997ع |
| وفات جو هنڌ: | ڪراچي |
| مدفن: | ڪراڙ ڍنڍ جي ڪنڌيءَ، ڀٽ شاهه |
| ايوارڊ: | ستاره امتياز |

### 2.3.2 سهڻي رسالي موجب شيخ اياز جي ڪتابن بابت ڄاڻ

شيخ اياز جي ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتابن جا مڪمل تفصيل گڏ ڪري، سهڻي شيخ اياز نمبر 1 جي صفحي نمبر 270 کان 276 تائين ڪتابن جي، جلدن جي تصويرن سميت ڇپيل آهن. اهي تفصيل نور محمد جا سهيڙيل آهن. جن ۾ 28 ڇپيل ڪتاب، 11 ٻئي ايڊيشن جا ڪتاب، 2 اڻڇپيل ۽ 2 ترجمو ڪيل ڪتاب[2] شامل آهن. [محمد، نور، سهڻي ش.ا.ن: 1، 275] جن ڪي: ڪتاب جي نالي، موضوع، ڇپيندڙ اداري ۽ ڇپجڻ جي سال واري ترتيب سان هيٺ رکيو ويو آهي:

2 ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ ڪتاب جو ترجمو ”جو ٻيجل ني آکيا“ جي عنوان سان پنجابي ٻوليءَ ۾ احمد سليم ڪيو ۽ ٻئي ڪتاب جو ترجمو، ”شيخ اياز جي چونڊ شاعري“ جو اردو ٻوليءَ ۾ ترجمو فهميده رياض ”حلقه ميري زنجير ڪا“ جي عنوان سان ڪيو.

2.3.2.1 ڇپيل ڪتاب:

1. سفيد وحشي (ڪهاڻيون) باغي، فريئر روڊ ڪراچي.
2. پنهل کان پوءِ (ڪهاڻيون ۽ خط)، حبيب پبليڪيشن سکر، 1951ع.
3. بوءِ گل نالئه دل (اردو شاعري)، سنڌي ادبي سرڪل سکر، 1954ع.
4. پنئور پري آڪاس (شاعري)، پاڪستان رائيٽرز گلڊ ڪراچي، 1962 ع.
5. ڪلهي پاتم ڪينرو (شاعري)، ڇپائيندڙ: غلام رباني آگرو، 1963ع.
6. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي (خط)، ڇپائيندڙ: غلام رباني آگرو 1964ع.
7. ڪي جو ٻيجل ٻوليو (شاعري)، ابن حيات پبليڪيشن حيدرآباد، 1970ع.
8. وڄون وسڻ آئيون (شاعري)، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد.
9. ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري ۽ جيل جي ڊائري)، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، سال 1975ع.
10. لڙيو سج لڪن ۾(شاعري)، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، 1980ع.
11. پٽڻ ٿو پور ڪري (شاعري ۽ نوٽ بڪ جا ٽڪرا)، سمبارا پبليڪيشن ڪراچي، 1982ع.
12. ٽڪرا ٽٽل صليب جا (شاعري ۽ نوٽ بڪ)، سگهڙ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، 1984ع
13. ڀن ڇڻ ڀڃاٽا (شاعري)، سمبارا پبليڪيشن ڪراچي، 1985ع
14. جگ مڙيوئي سپنو (ڪهاڻيون)، سگهڙ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 1985ع.
15. واٽون ڦلن ڇانئيون (شاعري)، سگهڙ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 1985ع.
16. چنڊ چنبليءَ ول (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1985ع.
17. رڻ تي رم جهم (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد.
18. ساهيوال جي ڊائري (جيل ڊائري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1986ع.
19. ڀڳت سنگهه کي ڦاسي (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1986ع
20. راڄ گهاٽ تي چنڊ (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1987ع.
21. خط، انٽرويو ۽ تقريرون (نثر)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1987ع.
22. ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع.
23. نيل ڪنٺ اور نيم ڪي پتي (شاعري)، مڪتبه دانيال ڪراچي، 1988ع.
24. اڪن نيرا ڦليا (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد.
25. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون (ڊائري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1989ع.
26. جهڙ نيٽان نه لهي (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1989ع.
27. سر نارائڻ شام (شاعري)، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، 1989ع.

28. الوداعي گيت (شاعري)، ماهوار سهڻي، شيخ اياز نمبر 1، 1990ع.

### 2.3.2.2 ڪتابن جا 2 ايڊيشن:

1. سفيد وحشي (ڪهاڻيون)، سهڻي پبليڪيشن حيدرآباد، 1972ع.
2. ڀنئور ڀري آڪاس (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد.
3. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي (خط)، ساهت سڀا پبليڪيشن انڊيا، 1987ع.
4. ڪلهي پاتم ڪينرو (شاعري)، ساهت سڀا پبليڪيشن انڊيا، 1987ع.
5. ڪي جي ٻيجل ٻوليو (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1987ع.
6. وڄون وسڻ آئيون (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1989ع.
7. ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري، جيل ڊائري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1986ع.
8. لڙيو سج لڪن (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع.
9. ڀڳت سنگهه کي ڦاسي (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1987ع.
10. ساهيوال جي ڊائري (ڊائري)، ڇپائيءَ ۾ ڏنل هجڻ جي ڪري نامعلوم، 1987ع.
11. پنهل کان پوءِ (ڪهاڻيون ۽ خط)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1990ع.

نوٽ: ڀٽرو هجي ته سنڌ جي ثقافت کاتي، شيخ اياز جي ڪتابن کي نثري توڙي نظمي، ڇيد جي حوالي سان گڏائي، جلدن جي شڪل ۾ ڇپائي، پڌرو ڪيو آهي. هڪ هڪ جلد ۾ 2 کان 5 تائين ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن. [جويو، ابراهيم، مون ذات انوکي آندي آ، 252]

# حوالا


1. ابڙو، بدر. تنقيد ۽ تنقيد نگاريءَ جو فن، [جلد پهريون]، 2015ع، روشني پبليڪيشن، ڪنديارو.
2. ايڊيٽر، افيئر ميگزين. شمارو 20 نومبر 2020ع، ڪراچي.
3. بخاري، مستور ۽ سومرو، ادل. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
4. ڊيسڪ، نيوز. عبرت، [روزانو ايڊيشن]، 12 مئي 1975ع، حيدرآباد.
5. جويو، محمد ابراهيم. مون ذات انوکي آندي آ، [ڇاپو پهريون]، 2012ع، سنڌ ثقافت کاتو، ڪراچي.
6. جوڻيجو، عبد الجبار. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، [ڇاپو ٻيو]، 2000ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
7. محمد، نور. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
8. سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا. [جلد ائون]، 2013ع، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد.
9. سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا. [جلد ٻارهون]، 2018ع، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد.
10. سارنگ، حسين. سنڌي شخصيتون، 2016ع، سنڌي پيپلز بلاگ، سنڌ.
11. سنڌي، ميمڻ عبد المجيد. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، [ڇاپو ٻيو]، 2000ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
12. سنڌي، دادا. سنڌي شخصيتون، 2016ع، سنڌي پيپلز بلاگ، سنڌ.

# باب ٽيون

## سھڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل نثري مواد

هي باب سهڻي رسالي جي، شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڇپيل نثري مواد تي مشتمل آهي. جنهن ۾ خط، تقريرون، انٽرويو، تاثر، ساروڻيون، مهاڳ، ڪهاڻيون، ڪتابي جائزا، ڪتابن مان چونڊ نثري ٽڪرا شامل آهن. هن باب کي ڪل 10 مک موضوعن ۾ هيٺين ريت ورڇي، گهرجن پٽاندر وڌيڪ تفصيل سان، کولي بيان ڪيو ويو آهي:

3.1. شيخ اياز جي شاعريءَ بابت تحقيقي مقالو
3.2. شيخ اياز بابت تاثراتي مضمون
3.3. شيخ اياز جي ڪتابن مان چونڊ نثري ٽڪرا
3.4. شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ
3.5. اکين ڏٺي احوال جون ساروڻيون
3.6. ڪهاڻيون
3.7. خط
3.8. تقريرون
3.9. شهرِ وفا (پي. ٽي. وي. جو انٽرويو پروگرام)
3.10. شيخ اياز جي ڪتاب جو جائزو

### 3.1 شيخ اياز جي شاعريءَ بابت تحقيقي مقالو

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبر 1 ۾، امير علي چانڊئي جو 37 صفحن تي مشتمل هڪ تحقيقي مقالو، صفحي نمبر 77 کان 114 تائين ڇپيل آهي. جيڪو شيخ اياز جي شاعريءَ بابت 31 مددي ڪتابن جي حوالن سان لکيو ويو آهي. هن تحقيقي مقالي جو ليکڪ (امير علي چانڊيو) جيئن ته پاڻ اديب ۽ شاعر هو تنهن ڪري هو، شاعريءَ جي بنيادي فني گھاڙيٽن جو پليءَ پٽ ماهر هو. ” هو بنيادي طور فلسفي جو ماڻهو هو. ان ڪري هو نہ رڳو شاعريءَ جي فن جي نزاڪتن ۽ باريڪ بينين کان واقف هو پر فلسفي ۽ شاعريءَ جي پاڻ ۾ لاڳاپي کي بہ چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو ۽ ان ئي خوبيءَ کيس شاعريءَ جي سنجيده نقاد جو درجو ڏنو“ [چانڊيو، جامي. سنڌي ادب ۾ تنقيد _ شيخ اياز، 7 ]. جڏهن ته هن تحقيقي مقالي بابت، سهڻي رسالي جي ايڊيٽر، طارق اشرف ايڊيٽوريل ۾ لکيو آهي ته: ”امير علي چانڊئي کان سواءِ ڪنهن به ٻئي ليکڪ پوريءَ طرح، اياز جي فن تي نه لکيو آهي. جڏهن ته هن ليک لاءِ امير علي چانڊئي به، شيخ اياز

جي فقط 06 ڪتاب تي فوڪس ڪيو آهي.“ [اشرف، طارق. سهڻي ش. ا. ن.: 2، 1] سندس ان تصديق جي روشنيءَ ۾، ڏسجي ته امير علي چانڊئيءَ بروبر شيخ اياز جي ڇهن ڪتابن جي محور تي هي مقالو لکيو آهي. اهي هيٺ ڏجن ٿا:

1. ڀنئور ڀري آڪاس
2. وڄون وسڻ آيون
3. جهڙ نيڻان نه لهي
4. اڪن نيرا ڦليا
5. لڙيو سج لڪن
6. ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي

تجزياتي حوالي سان ڏسجي ته 37 صفحن تي مشتمل سندس هي، تحقيقي مقالو سندس ڳوڙهي ڳڻ ڳوت ۽ اڀياس تي مشتمل آهي. هن، علم عروض جي بنياد تي شيخ اياز جي شاعريءَ جي چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي. ان سان گڏ هن سندس شاعريءَ مان 3 روين (اشتراڪيت، انسان دوستي ۽ وطن دوستي) کي ثابت ڪيو آهي. ان کان سواءِ ليکڪ، سنڌي شاعريءَ مان صوفيت جي ڪلچر کي ٽڏي ڪيڻ، جو اعزاز ٻڻ شيخ اياز کي ڏيندي ڄاڻايو آهي ته اهو ڪلچر، وڏي عرصي کان سنڌي شاعريءَ تي، ڀوت وانگر ڇانيل هو ۽ جنهن جي اثر جي ڪري، پوري سنڌي قوم نهٺائيءَ ۽ نماڻائيءَ جي نشي ۾ چور ٿي، تباهيءَ جي ڪناري تي وڃي پهتي. ليکڪ موجب شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ذريعي اهڙن دقيانوسي خيالن کي رد ڪري ڇڏيو آهي.

ليکڪ، پنهنجي تحقيقي مقالي جيءَ لکٽيءَ کي ڏاڍو مدلل رکيو آهي، مثال هن لکيو آهي ته: ”اياز پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي سنڌين ۾ جنگجويانه ڪردار کي جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڪين سلفي، صافي ۽ يڪتاري ڇيڙيءَ جي جاءِ تي، بندوق کڻي ان جي ٺا ٺا تي، رقص ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي.“ [چانڊيو، امير علي. سهڻي ش. ا. ن.: 1، 113] سندس ڳالهه رڳي جو رپيو ٺيڪ نه پر، منڊيءَ تي ٺڪ جيان چٽي پٽي بيٺي آهي. چاڪاڻ ته ان جو مثال شيخ اياز جي بيمثال انقلابي گيت: ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ...“ جي شڪل ۾ موجود آهي. سندس سڄي مقالي جي چنڊ ڇاڻ مان پتو پوي ٿو ته سڄي سهڻي رسالي ۾، سندس هي مقالو مڙني ليکڪن کان، گوءِ کڻيو بيٺو آهي.

هڪ محقق جي حيثيت ۾ امير علي چانڊئي پاڻ کي اڻ ڏريو رکڻ جي ڀڻ ڀرپور ڪوشش ڀڻ ڪئي آهي. هن تحقيقي مقالي جي پڇاڙيءَ تي، شيخ اياز جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت جيڪي لکيو آهي سو نهايت شاندار آهي: ”مان ان چوڻ ۾ ڪا زيادتي محسوس نٿو ڪريان ته اياز جي شاعريءَ ۾ گداز **(Pathos)** جي شديد ڪمي آهي، بنيادي طرح اياز موضوعي نه پر معروضي شاعر آهي ۽ سندس شاعريءَ جي عمارت، گهري تجربي، زبان داني ۽ موسيقيءَ جي زور تي تعمير ٿيل آهي، جنهن جا ڪيترائي رخ ۽ پاسا آهن.“ [چانڊيو، امير علي. سهڻي ش. ا. ن.: 1، 113]

مٿين حقيقتن باوجود به، ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪون ٿيندو ته: امير علي چانڊئي جو، هي تحقيقي مقالو، شيخ اياز جي شاعريءَ بابت، هڪ سٺي تحقيقي اپياس تي مشتمل آهي.

شيخ اياز جي شاعري، فن ۽ فڪر بابت، امير علي چانڊئي جي تحقيقي مقالي مان جيڪي تاثر جڙن ٿا تن جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي:

1. شيخ اياز هڪ ئي وقت انگريزي، فرينچ، فارسي ۽ هندي شاعريءَ مان متاثر هو.
2. مقالي جي ليکڪ امير علي چانڊئي، هن تحقيقي مقالي ۾، علم عروض توڙي چند وديا جي بنياد تي، شيخ اياز جي شاعريءَ جي ڇند ڇاڻ ڪئي آهي ۽ کيس هڪ صديءَ جو شاعر ڄاڻايو آهي.
3. شيخ اياز شاعريءَ ۾اهڙا فني تجربا ڪيا، جيڪي ڪانئس اڳ ڪنهن به نه ڪيا هئا. مثال: هن غزل کي نظم واري رواني ۽ سنڌي مزاج ڏنو.
4. شيخ اياز، سنڌي شاعريءَ جي قديم صنفن: بيت، وائي، ڪافي ۽ ڏوهيڙي کي نون تجربن سان نواڻ ڏني.
5. شيخ اياز سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي تجربن سان، ايڏو ته مالا مال ڪري ڇڏيو آهي، جو سنڌي شاعريءَ کي، ڪا به صنف ٻاهران اُڌاري وٺڻ جي ڪا گهرج ڪانهي.
6. محقق پنهنجي مقالي ۾ شيخ اياز کي، سندس شاعريءَ مان ٿلهي ليکي، کيس 3 روپن (اشتراڪيت، انسان دوستي ۽ وطن دوستي) جو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي ۽ انهن جن جي ڪارڻ تي تفصيلي لکيو اٿس.
7. شيخ اياز جي ابتدائي شاعريءَ واري دؤر ۾ وقتي اٿل پٿل، جنهن ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي، هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ، ترقي پسند انجمن جو وجود ۾ اچڻ، هندو سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي لڏ پلاڻ ۽ پٺ تي شيخ اياز جو اڪيلو رهجي وڃڻ جي پسمنظر ۾ سندس شاعريءَ جي اُسري جوڀن کي رسڻ تي پڻ هن مقالي ۾ کلي لکيو ويو آهي.
8. امير علي چانڊئي، شيخ اياز جو اهو ڪارنامو پڻ ڳڻايو آهي ته: هن سنڌي شاعريءَ مان صوفيت جي ڪلچر کي ٽڏي ڪڍيو، جيڪو وڏي عرصي کان سنڌي شاعريءَ تي ڀوت وانگر چانيل هو ۽ ان جي اثر هيٺ پوري سنڌي قوم نهٺائيءَ ۽ نماڻائيءَ جي نشي ۾ چور ٿي، تباهيءَ جي ڪناري تي وڃي پهتي آهي. ليکڪ موجب شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ذريعي اهڙن دقيانوسي خيالن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ نين حقيقتن کي روشناس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
9. امير علي چانڊئي موجب، شيخ اياز جي شاعريءَ جو جمالياتي عڪس پسي سگهجي ٿو. جنهن ۾ سندس ٻولي، شاعري ۽ فڪري سونهن سوڀيا جي عنصرن چٽائيءَ سان پروڙ پوي ٿي.

10. امير علي چانڊئي جي هن تحقيقي مقالي جو هڪڙو لائنون پاسو پڻ آهي، ته سندس لکت ۾ سنڌيءَ جي بدران فارسي لفظن جو واهپو ڪجهه سوايو آهي. جيڪو سندس لکت کي ٻاڙو ڪري ٿو.

## 3.2 شيخ اياز بابت تاثراتي مضمون

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبر 1 ۽ 2 ۾ شيخ اياز جي فن، فڪر ۽ شخصيت بابت 42 عالمن، جا ڪل 46 تاثراتي ليک ڇپيل آهن. ڳاڻيٽي ۾ اهو فرق انڪري آهي جو، 4 عالمن (پوپٽي هيراننداڻي، ملڪ نديم، انور فگار هڪڙي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ) ٻين ليکڪن وانگر هڪ هڪ ليک لکڻ جي بدران ٻه ٻه تاثراتي ليک لکيا آهن، جن مان سندن هڪڙا ليک، سهڻي شيخ اياز نمبر 1 ۽ ٻيا، ان جي ٻئين نمبر ۾ ڇپيل آهن.

حقيقت هيءَ آهي ته فني لحاظ کان ڏسجي ته هي 46 ئي لکڻيون مڪمل طور تي تاثراتي مضمونن جي ذمري ۾ اچن ٿيون، جيتوڻيڪ منجهن، شيخ اياز جي فن، فڪر ۽ شخصيت جي جهلڪ بخوبي پسي سگهجي ٿي ۽ پڻ منجهن شيخ اياز جي تصنيفن مان اعلىٰ درجي جا مثال ڪڍي انهن تي روشني پڻ وڌي وئي آهي. پر پوءِ به اهي سڀئي، تحقيق جي اصولن پٽاندر ڪي تحقيقي ليک نه آهن ۽ نه وري انهن کي ڪي، ادبي تحقيق جا اصول ڪتب آڻي لکيو ويو آهي ۽ نه ڪو منجهائن ڪي تحقيقي نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن. جو انهن کي مستند ۽ معتبر ڄاڻائي اڳتي ڪنهن تحقيق لاءِ مددي مواد طور ڪتب آڻي سگهجي. مطلب ته هي سموريون لکڻيون، شيخ اياز جي فن، فڪر توڙي شخصيت بابت ليکڪن جي، فقط ساڻس ذاتي لڳاءَ جي نشاندهي ڪن ٿيون، جيڪي هڪ پاسي سندن شيخ اياز سان تعلق کي واضح ڪن ٿيون ۽ ٻئي پاسي شيخ اياز جي تخليقن مان سندن پسند جي صنفن جي پرچار ڪن ٿيون ۽ ان سان گڏوگڏ شيخ اياز جي تخليقن کي پڙهڻ لاءِ ماڻهوءَ ۾ اتساهه پيدا ڪن ٿيون.

ڪنهن ليکڪ جي پورهئي کي عوامي سطح تي عام ڪرڻ، عوام ۾ ان جي تصنيفن پڙهڻ ڏانهن لاڙو پيدا ڪرڻ، توڙي سندس فن جي تشهير ڪري ان کي جتي ڪٿي عام ڪرڻ جو اهو هڪ بهترين طريقو آهي ته: ان جي تصنيفن توڙي شخصيت بابت حال حيات همعصرن ناليرن اديبن کان سندس فن ۽ فڪر بابت لکڻيون لکرائي انهن منجهان، سندس ڏانءَ ۽ ذات توڙي ان جي سماجي، سياسي ۽ ادبي اثرن بابت مؤثر آگاهي ڏياري وڃي. ان سلسلي ۾ سهڻي رسالي جا هي 46 ليک نه رڳو شيخ اياز جي شخصيت کي وڌندڙ تنقيد ۽ رجعت پسند اديبن جي اڻاريل عتاب جي زور کي ڇاپ ڏيڻ جي ڪتب آيا، پر هڪڙيءَ ريت شيخ اياز تي، وائيس چانسلري ماڻي، خاموشي اختيار ڪرڻ وارن ڳالهين جي اٽڪلءَ ريت، وڪالت ڪري کيس انهن الزامن مان آجي ڪرائڻ جي ڪوشش پڻ لڳن ٿا. يا ڪٿي هينئن سمجهجي ته هنن لکڻين پنهنجو وارو لاجواب نموني وڃايو آهي، ڇاڪاڻ ته ناليرن اديبن شيخ اياز جي فن، فڪر ۽ شخصيت کي اجو اجرو ڪري پيش ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ڀرپور نموني نڀايو آهي. سهڻي رسالي جي هنن مڙني ليکن کي، ادبي تحقيق توڙي تنقيد جي خيال سان جانچي ڏسڻ سان پتو پوي ٿو ته: سهڻي رسالي اهي سڀئي ليک

ڇاپي، شيخ اياز جي شخصيت بابت حال حيات قلم ڏٽين جي تاثرن جي شڪل ۾ عوام کي آگاهي ڏيڻ جو بندوبست ڪيو. پڌرو هجي ته اهي رڳو تاثراتي ليک آهن نه ڪي تحقيقي. تنهن ڪري انهن کي ان اک سان ڏسڻ گهرجي.

جيئن ته انهن 46 لکٽين جا ليکڪ شيخ اياز جا ويجها ساٿي رهيا آهن، تنهن ڪري سيڪنهن ساٿس، ڪنهن نه ڪنهن ساروٽيءَ کي سارينديي تاثر لکيو آهي. ظاهر آهي ته ان ۾ هنن شيخ اياز جي فن ۽ فڪر جي واکاڻ واري پاسي تي ئي لکيو آهي نه ڪي تنقيد واري تي. انڪري هنن ليکن مان تحقيق جي اصولن پٽاندر چنديل چڙيل، ڳر حاصل ڪرڻ جي اميد ڪرڻ نه کپي ۽ جيئن اسان مٿي چئي آيا آهيون ته هنن تاثراتي ليکن کي تحقيقي حوالي سان، ڪٿي حوالي طور مستند يا معبر تحيقيق ڄاڻائي، پڻ ڪتب آڻي نٿو سگهجي.

حقيقي اک سان ڏسجي ته هنن لکٽين سان، شيخ اياز جي قدڪاٺ تي پڻ ڪو فرق نٿو پوي، نه هي لکٽيون سندس حيثيت کي وڌائي سگهن ٿيون ۽ نه وري ان سان حقيقي سچاين کي لڪائي سگهجي ٿو. سچ اجري سج وانگر هوندو آهي، جنهن کي لڪائڻ ممڪن ئي نٿو سگهي.

شيخ اياز پنهنجي فن ۽ فڪر سان پنهنجي شخصيت ناهي ۽ ان جو هر عام ۽ خاص معترف آهي. ان لاءِ کيس، ههڙين لکٽين جي ڪا گهرج، نه هئي ۽ نڪو آهي. ها البت هن قسم جي لکٽين ۾ عام پڙهندڙن لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ جي، وڏي سگهه پريل آهي. ان کان سواءِ اسلوب بيان جي، ڪهڙي ڳالهه ڪجي. هنن تاثرن کي پڙهڻ سان هڪ قدآور شخصيت بابت، ذهن ۾ جيڪو خاڪو جڙي ٿو، تنهن کي عام اکرن ۾ بيان ڪري نٿو سگهجي. هتي هن مقالي ۾ انهن مڙني ليکن کي جيئن جو تيئن رکڻ جيتري جڳهه آهي ۽ نڪو گهرج. تنهن ڪري مڙني ليکن ۾ شامل مواد جي ڳر کي، ڏار ڏار ڪري بنهه مختصر نموني پيش ڪجي ٿو ته: جيئن انهن ۾ موجود رس ۽ چس جي، ساءَ کي پرکي ۽ پروڙي سگهجي:

**3.2.1. ”ذات ڏٺي _ شيخ اياز“ پوپٽي هيراننداڻي:** شيخ اياز، جڏهن پهريون پيرو هندستان ويو هو، ته هن اتان جي مقامي سنڌي اديبن سان، ڪيترين ئي رهاڻيون رچائيون هيون. ان دوران پوپٽي هيراننداڻيءَ، پڻ اتان جي مقامي 60 کن ذات ڏٽين کي، پنهنجي گهر ۾ سڏايو ۽ شيخ اياز جي مان ۾ هڪ گڏجاڻي رکي، سندس شان ۾ دعوت جو پروگرام سجايو هو. ان پروگرام ۾ شيخ اياز جيڪا سندس شاعري ٻڌائي، تنهن ٻين اديبن سان گڏ، کيس (پوپٽي هيراننداڻيءَ کي) پڻ بيحد متاثر ڪيو هو. ان کان اڳ پوپٽي هيراننداڻي، شيخ اياز جي نظم توڙي نثر جي ڪن ڪتابن کي پڙهي چڪي هئي، جن کيس ڏاڍو متاثر ڪيو هو. ”هر شاعر، پنهنجي وقت جو آواز هوندو آهي. سندس شعر ۾ زمان حال جا چتر چٽا هوندا آهن“. [پوپٽي، هيراننداڻي. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 6] ليکڪا پنهنجي هن ليک ۾ اديبن سان ڪيل ان گڏجاڻيءَ بابت، توڙي سندس پڙهيل ڪتابن مان حوالا ڏئي هيءُ تفصيلي ليک لکيو آهي. جيڪو شيخ اياز جي هندستاني دوري جو جهڙوڪر دستاويزي ثبوت يا رپورٽ آهي.

3.2.2. ”يگ ڪوي شيخ اياز“ پوپٽي هيراننداڻي: 3 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ پوپٽي هيرانندڻي، شيخ اياز جي، شخصيت، فن، فڪر جي ذات ۽ سندس جاکوڙ تي تفصيل سان لکيو آهي. هن موجب: ”جيئن ته هرڪو انسان، پنهنجي ملڪ جي جاگرافيائي حدن جو، باندي بڻجي پوندو آهي. تيئن ئي شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ به سنڌ، سنڌي ۽ سنڌيپڻو ليئا پائيندي نظر اچي ٿو.“ پاڻ، سندس تخيليقي فن، فڪر ۽ شخصيت کان، ايتريقدر ته متاثر آهي جو لکي ٿي ته: ”جيتوڻيڪ سنڌ جا اديب ذوالفقار علي ڀٽي واري دؤر ۾، شيخ اياز پاران وائس چانسلر ٿيڻ کي، سندس چُڪ سمجهن ٿا پر هوءَ ان عمل کي، سندس ڪيل درست فيصلو سمجهي ٿي.“ هوءَ سندس شاعريءَ کي سنڌ، سنڌي ساهت، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم جو جسم سمجهي ٿي ۽ ڪيس سندس شاعريءَ جي حوالن مان، هڪ بلند درجي جو شاعر ثابت ڪري ٿي. ان کان سواءِ هوءَ شيخ اياز جي سنڌ سان شديد محبت جي واکاڻ ۾ سندس بيت (توکي ڪهڙي ڪل، جيءَ نه اچي جهل، مون کان سنڌ نه وسري، تون چا چاڻين اوپرا، توکي ڪهڙي ڪل، مون کان سنڌ نه وسري) کي مثال طور ڪتب آڻيندي لکي ٿي ته: ”شيخ ايا سنڌي ٻوليءَ کي هزارين لفظ ڏئي ان کي مالامال ڪيو آهي.“ [پوپٽي، هيرانندڻي. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 30] شاه لطيف جي عوامي مقبوليت جو مثال ڏيندي لکي ٿي ته جيئن شاه لطيف کي سنڌ جا اٽڙهيل ڳوڻاٽا به ڳائين ٿا ساڳي طرح شيخ اياز جا شعر پڻ سنڌ جي ڳوٺن، واهڻن، واڙن ۽ گهرن ۾ ڳايا وڃن ٿا. گڏوگڏ محفلن ۽ مجلسن ۾ پڻ گونجن ٿا ڪيس لڳي ٿو ته جڻ شاه لطيف جو روح، شيخ اياز ۾ سمائجي ويو هجي. چاڪاڻ ته شيخ اياز شاه لطيف جي طرز تي ئي عام ماڻهن جي پسنديءَ موجب بيت ۽ وايون چيون آهن. ان کان سواءِ هن، شيخ اياز جي راڻي پرتاب، شيواجي، ميران ۽ ڪبير تي شعر کي سندس صوفيت جو گواه بڻايو آهي. ان ليک ۾ سندس مڃڻ آهي ته اهو ئي سبب آهي جوشيخ اياز هند ۽ سنڌ جي سنڌين کي پيارو آهي.

3.2.3. ”نه ختم ٿيندڙ دؤر ...“ ماهتاب محبوب: 13 صفحن تي مشتمل هن بڳهي لکڻيءَ ۾ ماهتاب محبوب، شيخ اياز جي شخصيت، فن، مطالعي ۽ زندگيءَ جي ٻين پاسن تي تفصيل سان لکيو آهي. پاڻ معترف ٿي آهي ته: شيخ اياز جهڙي باصلاحيت ۽ ڀرپور شخصيت تي، لکڻ لاءِ شيخ اياز خود ڪيس اعتماد ۽ حوصلو ڏنو، تڏهن ئي پاڻ لفظن جي جادوگريءَ سان، هيءُ طويل ليک، لکي سگهي آهي. ليکڪا جي لکت ۾ عجب نغمگي سمايل آهي، جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ عجب اثر محسوس ٿئي ٿو. سندس لکڻيءَ جو انداز هن ريت آهي، جنهن ۾ هوءَ شيخ اياز جي شخصيت کي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪري ٿي: ”جيئن پاڻيءَ کي رنگت، هوا کي گرفت ۽ خوشبوءِ کي شڪل ناهي، تيئن اياز جي شاعريءَ کي به ڪي محدودگيون ناهن... اها حقيقت آهي ته سندس شاعري، سنڌ ۽ سنڌ واسين تائين محدود ناهي پر هو ساري ڪائنات مان پنهنجا موضوع چونڊي ڪين شاعريءَ جي لڙهين پوئي ٿو. ايئن پيو لڳندو چڻ هن جي من ۾ پوري ڪائنات آباد آهي.“ [محبوب، ماهتاب. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 21] ان کان سواءِ هوءَ هن ليک ۾ ٻڌائي ٿي، پارٽيشن کان اڳ هندو ليکڪ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ هندي ۽ مسلمان فارسي ملائڻ جا عادي هئا. تنهن ڪري شيخ اياز جي شروعاتي شاعريءَ تي پڻ فارسيءَ جو اثر رهيو. جڏهن مٿس سنڌي ٻوليءَ جي ثقافتي لاڙن جو اثر ڇاتائين

ته هن پنهنجي پاڻ کي ڳولي لڌو ۽ پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي نج ٺٽي کي اپنائي ورتائين. هن، بيت، ڪافي ۽ وائيءَ جا مثال ڏيندي لکيو آهي ته اهي نج سنڌي آهن، جيڪي شيخ اياز کان اڳ، پراڻي فارم ۾ لکيا ويا پر اياز هڪ وڏو بريڪ ٿرو ڪيو ۽ انهن کي اظهار جو ماڊرن روپ ڏنو نتيجي ۾ سنڌس بيت ۽ وايون سندس دؤر جي ايذاءَ جو ڀرپور اظهار بڻجي ويا.

3.2.4. ”اياز ۾ منظر نگاري“ تاجل بيوس: تاجل بيوس، جي ليک جو عنوان ئي ٻڌائي ٿو ته هُن، شيخ اياز جي منظرنگاريءَ واري پاسي تي ڀرپور قلم کنيو آهي. جيئن ته تاجل بيوس پاڻ به شاعر آهي، ان ڪري پوري مضمون ۾ هن، شيخ اياز جي تخليقن کي، هڪ شاعر جي اک سان پرکي، پنهنجي مشاهدن کي بيان ڪيو آهي ۽ حوالي طور، شيخ اياز جي شاعريءَ جا نمونا پڻ ڏنا اٿس. ”هونءَ ته اياز جي شاعريءَ جا ڪيئي سندر رنگ ۽ روپ آهن. هن مضمون ۾ مان اياز جي منظر نگاريءَ بابت لکندس.“ [بيوس، تاجل. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 15] ان سان گڏوگڏ تاجل بيوس، ان ليک ۾ ڪنهن وڏي شاعر کي پرکڻ جون، 10 خوبيون پڻ مقرر ڪيون آهن. جن جي بنياد تي هن شيخ اياز جي شاعريءَ کي پرکيندي، هي ليک لکيو آهي. اهي 10 خوبيون هيٺ ڏجن ٿيون:

1. ڳوٺاڻي ماحول جي ٻولي عوامي هوندي آهي. ان جا لفظ، اصطلاح، چوڻيون ۽ پهاڪا ڏاهپ تي ٻڌل هوندا آهن. تنهن ڪري اهي، لوڪ ادب جا خالق هوندا آهن. شاعر جي تصنيفن ۾ پڻ، ان صبح جي ڪرڻن جي ڏيک جو اهڃاڻ هجڻ گهرجي.
2. فارسي ۽ اردو ٻولين سنڌيءَ تي پڻ اثر وڌو آهي. شاعر جي تخليقن کي، ان ڪسوٽيءَ تي جانچڻ گهرجي ته هن پنهنجي ٻوليءَ کي، ڌارين لفظن کان ڪيترو پاڪ صاف رکيو آهي.
3. شاعراڻين تخليقن مان، شاعر جي اپياس جي پرک ڪجي ته هن ڪتابي علم تي پاڙيو آهي يا ڪائنات جي، ڪتاب کي به پڙهيو اٿس.
4. پرک ڪجي ته شاعر تي عالمن، ڏاهن، سگهڙن جي علم توڙي پنهنجي مطالعي جو اثر آهي يا ٻين ٻولين جي شاعرن وانگر، درٻاري ماحول ۽ ثقافت جو اثر آهي.
5. اهو پڻ ڏسجي ته شاعر جي شاعريءَ کي، لوڪ (عوام) ۾ ڪيتري مقبوليت ملي آهي ۽ا نهن کي سندس ڪيترو ڪلام، برزبان ياد آهي.
6. شاعري جي شاعريءَ جي اثر هيٺ، ماڻهو وٽس هلي اچن ٿا يا تخليقڪار پاڻ، پنهنجو وکر مٿي تي کڻي، وتي ٿو ان جا پاڻ هوڪا ڏيندو.
7. جانچي ڏسجي ته شاعر، پنهنجي شاعريءَ ۾ ماڻهن ۽ ڌرتيءَ جي، اقتصادي ۽ سياسي آزاديءَ لاءِ اتساهه پيدا ڪيو؟ هنن جي ٻولي، ثقافت ۽ اخلاقي قدرن کي، ويتر ذرخيز بنائڻ ۾ ان جي شاعريءَ جو ڪو حصو پتي آهي.
8. ملڪي حالتن (آمريت ۽ جمهوريت) جو، شاعر جي تخليقي صلاحيتن تي، ڪو اثر رهيو آهي.
9. شاعر جون تخليقون ۽ انهن جي ٻولي، ٻوليءَ جي سونهن اسلوب، فڪر، فلسفي ۽ ان قسم جي ٻين، شاعراڻين خوبين سان ٿمٿار آهي.

10.شاعر جي شاعريءَ تي، ارتقائي اثر ۽ ترقي پسند لاڙن جي جانچ پرک ڪرڻ گهرجي.

تاجل بيوس جي ڏنل 10 معيارن جي دائري منجهان، ڪنهن شاعر جي شاعريءَ کي، پرکي ڏسڻ سان خبر پوندي ته منجهس، گهربل خوبين جي کوٽ آهي يا هو انهن معيارن تي، پورو لهندي هڪ وڏو شاعر ثابت ٿئي ٿو. هن جيڪي گڻ بيان ڪيا آهن، سي سڀئي هڪ ئي وقت ڪنهن شاعر جي شاعريءَ ۾، ميسر ٿيڻ ئي کيس وڏو شاعر ثابت ڪن ٿا. ڇاڪاڻ ته پنهنجي ماحول، ان جي ٻوليءَ لوڪ ڏاهپ ۽ اصطلاحن کان اڻڄاڻائي، ڌارين ٻولين جو اثر يا پنهنجي ٻوليءَ تي، ٻين لفظن کي ترجيح ڏيڻ، ڪتابي علم تي ڀاڙڻ ۽ ڪائنات جي علم کان اڻڄاڻائي، ڏاهن جي ڏاهپ نه وٺڻ ۽ درٻاريت کي ترجيح ڏيڻ، پنهنجي ثقافت تي پرائي تهذيب کي ترجيح ڏيڻ، کيس لوڪ ۾ مڃتا، ڪڏهن به ڏياري نٿا سگهن ۽ اهڙي شاعر جي شاعريءَ کي لوڪ، ڪڏهن به پنهنجو نه ڪندو آهي. نه ڪو سندس شاعري کين برزبان ياد هوندي آهي. اهڙو شاعر پنهنجي وکر (شاعريءَ) کي، لوڪ تائين پهچائڻ لاءِ وتندو آهي گهٽيءَ گام هوڪا ڏيندو. جنهن شاعر کي، پنهنجي لوڪ جي سماجي ۽ اقتصادي حالت جي، ڄاڻ ئي نه هجي ان کي ڪڏهن به وڏو شاعر نٿو مڃي سگهجي، ڇاڪاڻ ته شاعر قومن جي شعور جي آبياري ڪري، کين وڏي وک نه پر، ٻرانگهون ڪٽائي ڏکيائين مان پار اڪاريندا آهن. سندن شاعريءَ مان سماجي اڻبرابريءَ خلاف، سدائين ڪا دانهن ڪوڪ يا ڪو سڏ ڪو واڪو پيو ٻرندو آهي ۽ اهڙن شاعرن جي شاعري، ارتقائي اثرن ۽ ترقي پسند لاڙن سان، ثمرثار هوندي آهي. حاصل مطلب ته تاجل بيوس جي ڏسيل 10 نڪاتي وصف، ڪنهن وڏي شاعر جي پرک ڪرڻ لاءِ، ڏاڍي ڪارائتي ڪسوٽي آهي.

3.2.5. ”پوپٽ جو پيرو“ ڊاڪٽر عبد الجبار جوڻيجو: ڊاڪٽر عبد الجبار جوڻيجي، شيخ اياز جي مطالعي سان گڏ سندس وسيع مشاهدي، کي پڻ هن ليک ۾ وضاحت سان بيان ڪيو آهي. پنهنجي هن مختصر ليک ۾ هن شيخ اياز جي، خاص ڪري انهن ڪتابن بابت لکيو آهي، جن ۾ لاڙ ۽ ٿر جي وايومنڊل واري شاعريءَ جا اشارا ملن ٿا. ڊاڪٽر صاحب تن منجهان ڪي شعر حوالي طور ڪتب آڻي، پنهنجي راءِ هن طرح ڏني آهي ته: ”ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ جا سڀ رنگ، فقط اياز ۾ نظر اچن ٿا. جڏهن لاڙ جي ڳالهه اچي ٿي ته شيخ اياز وٽ، دودو ۽ وڳهه ڪوٽ تمام سگهاريون علامتون آهن. اياز جو ’دودي سومري جو موت‘ تي مڪمل منظوم ڊرامو موجود آهي. دودي جي ديس جي شاعرن: خواجا محمد زمان، مولوي احمد ملاح، علي مراد چانڊئي، دلريش، سرويچ ۽ ٻين به دودي کي خوب ڳايو آهي پر اياز ان کي، پنهنجي انداز ۾ ڳايو آهي.“ [جوڻيجو، عبد الجبار. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 24]

ڊاڪٽر عبد الجبار جوڻيجي، شيخ اياز جي مطالعي ۽ مشاهدي جي وسعت بابت، جيڪا راءِ قائم ڪئي آهي ۽ ان جي مثال ۾ شيخ اياز جي منظوم ڊرامي ”دودي سومري جو موت“ وارو حوالو ڏنو آهي سو، بيحد سگهارو آهي. جنهن کان ڪنهن به ريت، انڪار ڪري نٿو سگهجي. البت شيخ اياز جي پيٽ، خواجا محمد زمان، مولوي احمد ملاح ۽ ٻين پنهنجي وقت جي وڏن شاعرن سان ڪرڻ نه کپي، ڇاڪاڻ ته شاعرن کي هڪ ٻئي سان ڀيٽي، ڪنهن کي ننڍو يا وڏو ثابت ڪرڻ، سندن فن ۽ فڪر کي سواليه بڻائڻ

آهي. جيئن فطرت، سيني رنگن ۽ سرهاڻين ۾ پنهنجو پنهنجو ساءُ پريو ته ضرور آهي پر ڪنهن کي به، ڪنهن تي فوقيت ڪان ڏني آهي، تئين اسان کي پڻ، اهڙي روش کان پاسو ڪرڻ کپي ۽ ڪنهن کي وڏو ته ڪنهن کي ننڍو ثابت ڪرڻ هرگز ڪون جڳائي.

3.2.6. ”شيخ اياز _ پڙهڻ کان پوءِ“ زيب پنّي: زيب پنّي، شيخ اياز جي نظم ۽ نثر جي ڪتابن جي ور ور مطالعي کان پوءِ انهن ڪتابن جا تفصيلي حوالا ڏئي، پنهنجي راءِ قائم ڪندي دعوىٰ ڪئي آهي ته: ”شيخ اياز ايشيا جو سڀ کان وڏو شاعر ۽ دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ آهي ۽ اهڙو وقت به اچڻو آهي، جو شاهه لطيف کي قديم دؤر جي ڪلاسيڪل عظيم شاعر وانگر شيخ اياز کي جديد دؤر جو عالمي شاعر تسليم ڪرڻو پوندو.“ [پنّي، زيب. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 30] گڏوگڏ هن، هن لکڻيءَ ۾ ”روح رهاڻ“ جي سال 1965ع واري ڇاپي ۾ شيخ اياز لاءِ سنڌ جي عالمن جي لکيل خطن جو پڻ احوال ڏنو آهي. ان سان گڏ پاڻ، شيخ اياز جي، وائيس چانسلر ٿي سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري، اچڻ کان پوءِ ڪيس پنهنجي پيڊ تي، مبارڪباد جي خط لکڻ جو احوال ڏنو اٿس، جنهن جي شيخ اياز ڪيس پاڻ ورندي نه ڏني البت، سندس سيڪريٽريءَ شيخ اياز پاران، خط لکي سندس ٿورا مڃيا. جنهن تي ڪيس ڏک پهتو ۽ پاڻ کي آٿت ڏيندي لکيو آهي ته: ”مون مبارڪباد جو خط عظيم شاعر شيخ اياز کي نه پر وائس چانسلر مبارڪ شيخ کي لکيو هو“. ان کان پوءِ پاڻ ساڻس رابطو ڇڏي ڏنائين، پر بئي پاسي سندس تخليقن کي پڙهڻ نه ڇڏيائين، تن ته ويتر مٿس پنهنجو اثر ڇڏيندي، سندس دل ۾ ويتر وڏي جاءِ جوڙي ورتي.

جيتوڻيڪ، زيب پنّيءَ جي شيخ اياز کي جديد دؤر جو وڏو شاعر چوڻ واري دعوىٰ سندس ذاتي اپياس، توڙي ساڻس دلي لڳاءَ جي بنياد تي آهي، پر جانچ پرک کان پوءِ ڏسجي ته شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ اها ويڙهه جي اتساهيندڙ سگهه، ڪنن ۾ رس ۽ چس پريندڙ موسيقي، عشق جي عميق جون اونهايون توڙي درياهي جنبش وارو، جوش موجود آهي. جنهن ڪيس، عوامي مقبوليت ڏياري آهي. تنهن ڪري ڪيس وڏو شاعر مڃڻ ۾، ڪا قباحت نه هجڻ کپي.

3.2.7. ” جي تون سرجهڻهار، جيءُ انوکو جڳ ۾“ امداد حسيني: امداد حسينيءَ ان وقت جي سياسي اٿل پٿل ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ تي قلم کنيو آهي. سندس لکڻيءَ مان پتو پوي ٿو ته هو شيخ اياز جي شاعريءَ کي پاڻ لاءِ اتساهه سمجهي ٿو. گڏوگڏ هن ليک ۾ پاڻ شيخ اياز جي دؤر بابت پڻ حال اوريو اٿس ته ڪيئن انا جي انڌ ۾ ورتل، سياستدانن سنڌي قوم کي، پنهنجي انڌي سياست جي، اگهاڙي ترار سان، پوري وچ کان ٻه اڌ ڪيو هو. جڏهن ته اديبن ۽ شاعرن جو حال ته انهن کان به ابتڙ هو، اهي تاريخ جي بدترين غلاميءَ جو ڳٽ، سنڌين جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ جي سازش ۾، نه رڳو ساڻن ٻٽ هئا، پر ڪائن به رتيون ڪٿر هئا. ڪيس اهڙي ماجرا تي، اچرج ۽ ڏک ٿئي ٿو ته ان دؤر جي رجعت پرست سياستدانن ۽ اديبن ۾ مستقبل ۾، صدين تائين گهورڻ ته پري پر، ايندڙ پنجن ڏهن سالن ۾ گهورڻ جي سگهه به ڪان هئي. پنهنجي ليک ۾ اهڙي صورتحال جو چٽو نقشو چٽي، آگاهي ڏيڻ کان سواءِ امداد حسينيءَ، شيخ اياز جي شاعريءَ جي گهڻين صنفن ۾ طبع آزمائيءَ جا حوالا ڏيندي، تفصيل سان مٿس لکيو آهي. پاڻ لکيو اٿس ته: ”شيخ اياز

دنيا جو واحد شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ سڀ کان گهڻين صنفن ۾ لکيو آهي.“ [حسيني، امداد. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 33] شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر آهي ۽ هن ڪيترين ئي صنفن تي، طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ جيترو هن لکيو آهي، سو عام شاعر جي وس جي ڳالهه ڪانهي، پر امداد حسيني جي مٿي ڄاڻايل دعويٰ، سندس شيخ اياز سان ذاتي لڳاءَ جي بنياد تي ٻڌل آهي. ڇاڪاڻ ته دنيا ۾، ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن. جن جو پنهنجو خاص تعارف آهي. مرڻني تي، شيخ اياز کي گوءِ ڏيڻ، ساڻس محبت جو اظهار ته ٿي سگهي ٿو، پر حقيقت ڪڏهن به نه. وڪيپيڊيا موجب، دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر وليم شيڪسپيئر آهي. جڏهن ته هيستائين دنيا جي ٻولين ۾ شاعريءَ جو 168 صنفون ريڪارڊ تي آهن. [لي بريور، رابرٽ. رائيٽر ڊائجيسٽ. 12] هاڻ ڏسجي ته ايترين صنفن تي، شيخ اياز ته ڪون لکيو آهي جو اسان کيس مرڻني تي، مٿيرو ڪري پيش ڪريون. البت سندس قدڪاٺ هونءَ به اوچو آهي. جنهن کي هھڙين دعوائن جي ڪا گهرج، نڪا هئي ۽ نه وري آهي.

3.2.8. ”مون سي ڏٺا ماءِ...“ سحر امداد: سحر امداد پنهنجي ننڍ پڻ کان ئي شيخ اياز جي شاعريءَ کان متاثر ٿيڻ جو ذڪر ڪندي، هڪ ڪوي شاعر لاءِ پنهنجي اندر جي احساسن کي، هن لکڻيءَ ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ هن پنهنجي، هن لکڻيءَ ۾ سندس امداد حسينيءَ سان شاديءَ کان پوءِ شيخ اياز سان ملاقاتن جو ذڪر پڻ پيرائتو ڪيو آهي. ان کان سواءِ ڏکائتي انداز ۾، پنهنجي ساروڻي پڻ ساري اٿس، جنهن ۾ سندس ۽ امداد حسنيءَ جي، هڪ ٻئي کان نوڪريءَ جي ڪري پري رهڻ تي، شيخ اياز کيس چيو ته: ”ليڪڪن کان سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين (مخدوم طالب المولیٰ) تي زور بار وجهرائي رباني‌ءَ واري خالي ٿيل پوسٽ وٺي.“ پر جڏهن پاڻ وائس چانسلر ٿي، سنڌ يونيورسٽي پهتو تڏهن، سحر امداد کيس نوڪريءَ لاءِ چيو، جنهن تي جواب ڏنائين ته: سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ پوسٽ خالي ناهي پر جي هجي به ها ته اها، پاڻ شڪارپور جي ڪنهن چوڪريءَ کي ڏي ها. ان تي تبصرو ڪندي سحر امداد مٿس تنقيد ڪندي لکي ٿي ته: ”سيڪجهه اجايو آهي. اهم فرق اهو آهي ته توهين حيدرآبادي آهيو، سنائي آهيو، ٺٽڙائي آهيو، شڪارپوري آهيو. اسين انهن کي جيڪي دهلوي آهن بريلوي آهن، امروهوي آهن، هروپرو برو ٿا چئون. پر ان مهل مون سوچيو ته اهو جملو، مون کي شاعر شيخ اياز نه پر وائس چانسلر شيخ اياز چيو هو.“ [امداد، سحر. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 38]

3.2.9. ”ڪراچي شهر _ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾“ ملڪ نديم: ملڪ نديم جي هن لکڻيءَ موجب: ”ڪراچي شهر _ سنڌي شاعري“ جي عنوان سان سندس هڪ طويل تاريخي، تحقيقي، تنقيدي ۽ تخليقي مقالو لکيل آهي، جنهن ۾ هن شاهه لطيف کان، شيخ اياز جي دؤر تائين ڪراچيءَ تي ڪيل شاعريءَ جو اڀياس شامل ڪيو آهي. ليڪڪ لکيو آهي ته: ”صدين کان هتان جو لوڪ پنهنجي گڏيل دشمن سان وڙهندو آيو آهي. اهو پرماري طبقو آهي، ان کي علامتي طور مڇ سڏيو يا واڳون چئون.“ [نديم، ملڪ. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 42] جڏهن ته عوامي ۽ قومي ويڙهه جو تاريخي شعور رکڻ وارو فلسفي شاعر شيخ اياز ان کي هيٺين ريت اظهاري ٿو:

مانگر سامهون موورڙو، ازل کان آهي،
اج تائين انسان جي، ويڙهه ڪٿي ناهي،
چئون جو چاهي، اونهي بنا اڇ ڪي.“

ملڪ نديم جي ان لکڻيءَ ۾ جيئوٽيڪ رڳو شيخ اياز وارو پاڳو پيش ڪيل آهي. پر ان کي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته: ليکڪ نهايت شاندار نموني، سمنڊ جي معاشي، ثقافتي، تجارتي، سياسي، سماجي، تاريخي ۽ تهذيبي اهميت کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي ۽ شيخ اياز جي سمنڊ ۽ ڪراچيءَ تي ڪيل شاعريءَ کي، هن جي جدوجهد ڄاڻايو آهي. هن موجب، شاهه لطيف پڻ ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ پيدا ٿيل، مڇ کي مارڻ جي ترغيب ڏني آهي ۽ شيخ اياز پڻ ان پاسي تي تفصيل سان قلم ڪنيو آهي. ساڳئي وقت هو، شيخ اياز ۽ شاهه لطيف، کي پنهنجي حقن جي جاکوڙي جنگ وڙهندڙ ڄاڻائي ٿو. هو ان جنگ کي پيڙهين جي جنگ ڪوٺي ٿو. هو شيخ اياز ۽ شاهه لطيف جي چم ۾ 300 سالن جي وٿيءَ جو ذڪر ڪندي، سنڌي قوم کي پنهنجو وطن ۽ ان جا شهر بچائڻ جا ڏس پڻ ڏي ٿو ۽ ڄاڻائي ٿو ته شيخ اياز وٽ پڻ، ان ڪن ۾ پيدا ٿيل مڇ کي مارڻ جو، سڏ ڏنل آهي. چاڪاڻ ته ان مڇ کي مارڻ کان سواءِ ڪراچيءَ جا رهواسي، محفوظ رهي نٿا سگهن. جيئوٽيڪ سنڌس ٻولي علامتي آهي پر اها اينتري به ڏکي ڪانهي جو ڪو ان کي سمجهي نه سگهي.

3.2.10. ”شيخ اياز _ تاريخ جي چونڊ“ ملڪ نديم: 3 صفحن تي مشتمل هي ليک ملڪ نديم، شيخ اياز تي تنقيد ڪندڙن جي، جواب ۾ لکيو آهي. ان سان گڏوگڏ ليکڪ شيخ اياز جي، شاعريءَ توڙي، محمد ابراهيم جويي ۽ سراج جي مهاڳن مان حوالا ڏئي، سنڌس فن ۽ فڪر تي، تفصيل سان روشني وڌي آهي. هن، شيخ اياز جي وائيس چانسلريءَ واري دؤر، توڙي سنڌس جهموريت جي حمايت ڪرڻ تي، پڻ هن لکڻيءَ ۾ جوڳي روشني وڌي آهي. گڏوگڏ شيخ اياز جي شخصيت کي ساراهيندي لکيو اٿس ته: ”شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ جو هڪ به بيت، هڪ به وائي، ڪنهن دانشور جي خواهش تي، ڪنهن حڪمران جي حڪم تي نه لکي آهي. وائيس چانسلري ڪا درخواست پيش ڪري ورتل واري نوڪري نه هئي پر هڪ اعزاز آهي، جيڪو دنيا جي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن کي ملندو آهي.“ [نديم، ملڪ. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 53]

هن ليک ۾ ملڪ نديم، شيخ اياز جي جهموريت دوستيءَ کي واکاڻيندي، کيس سدائين جهموريت جو حمايتي قرار ڏنو آهي ۽ گڏوگڏ ذوالفقار علي ڀٽي جي، حڪومتي دؤر کي جهموريت جو دؤر ڄاڻائيندي، شيخ اياز پاران سنڌس ڪيل حمايت کي جائز قرار ڏيندي، اهو سنڌس جهموري حق ڄاڻايو آهي. جنهن ۾ هو حق بجانب آهي. ان کان سواءِ کيس، انهن ماڻهن جي روين تي افسوس آهي، جن مارشل لا دؤر ۾ احتجاجن نوڪريون ته نه ڇڏيون؟ پر اجا ترقيون ۽ گريڊ ورتا ۽ اهي ئي، شيخ اياز جي وائيس چانسلريءَ جي مخالفت ڪري رهيا هئا. هن پنهنجي، هن ليک ۾ جنرل ضياءَ جي، اهڙن حامي اديبن ۽ شاعرن تي، سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي.

**3.2.11. ”مون من رتو رنگ ۾ (ڊائريءَ جا پنا)“ نصير مرزا:** نصير مرزا، هي ليک پنهنجون ساروڻيون سارينديءَ لکيو آهي. جنهن ۾ هو شيخ اياز کي ويهين صديءَ جو وڏي ۾ وڏي شاعر ڄاڻائيندي، ساڻس ڪيل پنهنجين ملاقاتن جو پيرائتو احوال لکيو آهي. هو پاڻ کي خوش نصيب سمجهندي، معترف ٿئي ٿو ته: آئون پاڻ به انهن جي صديءَ ۾ پساهه کڻي رهيو آهيان. جنهن ۾ شيخ اياز موجود آهي. هو ان لاءِ پنهنجي ڊيئر ڊائريءَ کي گواهه بڻائي لکيو آهي ته: ”شيخ اياز، محض هڪ شخص ۽ شاعر جو نالو ڪونهي. هو سنڌ ۽ سنڌ واسين جي وچ ۾ فڪر جي جوالا وانگر ٻرندڙ روشن مينار آهي. هو دنيا جو اهو شاعر آهي، جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي، ليجنڊ بڻجي چڪو آهي. هن لاڙ، اتر. وچولي ۽ ٿر جي ثقافت کي، کڻي نئين ڊڪشن ۽ عوامي لهجي ۾ ڳايو آهي.“ [مرزا، نصير. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 45]

نصير مرزا جي لکڻي جيتوڻيڪ نثر ۾ آهي، پر ان ۾ شاعراڻي، موسيقي سمايل آهي. هن جو بيان هڪ پاسي رس چس سان ڀرپور آهي ته ٻئي پاسي، شيخ اياز جي وصفن جو ساکي پڻ آهي. هو اردو شاعر فيض جو ذڪر ڪندي، کيس ان کان به مٿانهون شاعر ڪري ڏيکاريندي، کيس بين الاقوامي شاعر ”لورڪا“ جي قدڪاٺ وارو شاعر ڪري پيش ڪري ٿو. جيتوڻيڪ اهو سندس اندر جو آواز آهي، جيڪو هڪ وڏي شاعر لاءِ لفظن روپ وٺي پنن تي اڪريو آهي، پر ان ۾ ڪو وڌاءَ ڪونهي ته هن، هن ليک ۾ شيخ اياز جي فني صلاحيتن کي، پڻ اجاگر ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي.

**3.2.12. ”هو جي وسندي مينهن وڙهيا“ عبد الله ملاح:** عبد الله ملاح، پنهنجي هن ليک ۾ دنيا جي مشهور عالمن، اديبن، شاعرن ۽ مصورن سان شيخ اياز کي ڀيٽيندي سندس انقلابي شاعريءَ تي تفصيل سان روشني وڌي آهي. هو شيخ اياز جي ڪتابن جي مطالعي جي آڌار تي پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته: ”شيخ اياز ترقي پسند شاعري ۽ ترقي پسند ادب کي، نئون نڪور نيرو آسمان ڏنو آهي. شيخ اياز جي شاعري تاريخ ۾ هڪ زماني جو آواز آهي. جيڪا سٽل جهانن ۾، سٽل غلامن کي جاڳائيندي رهندي.“ [ملاح، عبد الله. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 48] هن پنهنجي ليک ۾ رسول بخش پليجي جي، لفظن کي پڻ جاءِ ڏني آهي. جيڪي هن شيخ اياز جي، ڪلهي تي هٿ رکي چيا هئا: ” اياز! هن وقت تائين، ڪوئي طوفان کي زنجير وجهي نه سگهيو آهي. اياز، صدين کان پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن ويندڙ شاهه عنايت، گوتم، شاهه لطيف، ڪبير، ميران، ڪاليداس، ٽئگور، ڪرشن چندر جي قافلن جي اڏرندڙ مشرق ۽ مغرب جي مٽيءَ جو طوفان آهي.“ ان کان سواءِ هن محمد ابراهيم جويي جي حوالي سان لکيو آهي ته: ”فيض احمد فيض روسي سفارتڪار کي چيو هو ته ’شيخ اياز مون کان به وڏو شاعر آهي.‘“

عبد الله ملاح هن ليک ۾ رسول بخش پليجي ۽ ابراهيم جويي جي، حوالن توڙي شيخ اياز جي ڪتابن جي مطالعي آڌار، کيس وڏو شاعر ڪري لکيو آهي. سندس لکت ۾ آندل ڪوٽيشنس، توڙي سندس بيان مان 2 ڳالهيون پڌري پٽ ظاهر ٿين ٿيون: 1. عبد الله ملاح پنهنجي مطالعي آڌار شيخ اياز کي وڏو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. 2. عبد الله ملاح، شيخ اياز بابت، ٻين وڏن اديبن جي واتان بيان ڪيل لکتن کي، شاهد بڻائي کيس وڏو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. بلاشڪ شيخ اياز، سنڌي ادب جو وڏو شاعر آهي،

پر اهو ڪڏهن به مناسب ناهي ته ڪيس ڪنهن به ڏيهي يا پرڏيهي وڏي شاعر سان ڀيٽيو وڃي، عبد الله ملاح يا ٻين سنڌي اديبن توڙي دانشورن جي ساڻس محبت، پنهنجي جاءِ تي پر ادب ۾ قدڪاٺ جون، پنهنجون حدون ۽ سرحدون ٿينديون آهن. تن موجب قلم ڌڻي جي ڀهرين پرک، ٻوليائي بنيادن تي ٿيندي آهي ۽ پوءِ علاقائي حدن کان نڪري، ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي. تنهن ڪري شيخ اياز بابت راءِ ڏيڻ ڌار ڳالهه آهي ۽ ڪيس پنهنجي يا ڌارين ٻوليءَ جي، ڪنهن ٻئي شاعر سان ڀيٽڻ ڪنهن به ريت ڪو چڱو سنئوڻ نه آهي.

3.2.13. ”جپاني هائيڪو ۽ ٻن چڻ ٻڄاڻان“ احمد سولنگي: احمد سولنگي، پنهنجي هن لکڻيءَ ۾ شاعر هجڻ جي ڪري، جاپان جي شاعريءَ جي قديم صنف هائيڪو تي تفصيلي لکيو آهي. هن، سنڌي شاعريءَ ۾ سڀ کان ڀهرين هائيڪو لکندڙ شاعرن تنوير عباسي ۽ نارائڻ شيام جو ذڪر ڪندي، شيخ اياز جي هائيڪن تي مشتمل ڪتاب ”ٻن چڻ ٻڄاڻان“ جو، تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. جيڪو سال 1985ع ۾ ڇپيو هو ۽ ان سنڌي هائيڪن ۾ جوڳو واڌارو ڪيو آهي. ان ڪتاب ۾ شيخ اياز، پنهنجي هائيڪن کي ٽه سٽا سڏيو آهي، جڏهن ته نارائڻ شيام وري، پنهنجي هائيڪن کي تصويرون سڏيو آهي. احمد سولنگي، ”ٻن چڻ ٻڄاڻا“ جي هائيڪن بابت، پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته: ”سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ اياز، ڪلاسيڪل ڪيفيتن ۾ موضوعن جا هائيڪن جي فارم ۽ اسٽائيل ۾ نهايت خوبصورت ۽ وڻندڙ تجربا ڪيا آهن، انهن تجربن کي ڏسي نئين ٽهيءَ جي شاعرن ٻڻ ان ڍنگ سان هائيڪا لکڻ شروع ڪيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ هائيڪو جو اصل مزاج ته نه رهيو آهي پر ان ۾ بيت ۽ وائيءَ جي نهايت دلڪش ڪيفيت سمائجي وئي آهي.“ [سولنگي، احمد. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 52] احمد سولنگيءَ، شيخ اياز جي هائيڪن، جا ڪل 9 نمونا پڻ ڏنا آهن ۽ انهن کي، سنڌي شاعريءَ ۾ سهڻو واڌارو ڪوٺيو آهي.

جيتوڻيڪ، هائيڪو جپاني شاعري جي صنف آهي پر ان کي، سنڌي شاعريءَ ۾ نارائڻ شيام ۽ تنوير عباسيءَ متعارف ڪرايو. احمد سولنگيءَ موجب ”اها صنف سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ سهڻو واڌارو آهي.“ سندس اها راءِ نهايت اهميت جوڳي آهي، جنهن کي قبول ڪرڻ کپي. ڇاڪاڻ ته ٽن سٽن جي هن صنف جي، پنهنجي خوبي آهي. هن کان اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ 3 سٽن وارا بيت ضرور ملن ٿا پر انهن جو گهاڙيٽو، توڙي خوبيون پنهنجون آهن ۽ هِن جو پنهنجون.

3.2.14. ”اياز پيار جو شاعر“ اياز لطيف پليجو: اياز لطيف پليجي، پنهنجي هن پيرائتي لکڻيءَ ۾ شيخ اياز جي نظم توڙي نثر جي مطالعي کان پوءِ سندس ذهن ۾، جيڪو تاثر ابريو آهي، ان کي بيان ڪندي لکيو آهي ته: ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو ڳُر، سندس فڪر جو نچوڙ صرف ۽ صرف پيار آهي. پوءِ اهو پيار، ڪنهن نرالي حسين ۽ لاجوب فرد سان به ٿي سگهي ٿو، ته ڪنهن سرمست ۽ سرويچ قوم سان به، ڪارونجهر جي ڪنهن مور سان يا ڪيرٿر جي ڪنهن ڳڌ سان به، ٿي سگهي ٿو ته دودي، چوليءَ ۽ رني ڪوٽ جي ڪردارن يا ڀڳت سنگهه جي ساٿين سان به.“ [پليجو، اياز لطيف. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 54] مطلب ته ليڪڪ پنهنجي لکڻيءَ ۾ شيخ اياز جي، شخصيت جي پيار واري پاسي جي، گهڻي عڪاسي ڪئي آهي.

جنهن ۾ هن سنڌ جي فطرت جي سونهن سوپيا ۽ امر ڪردارن جو، ذڪر ڪري ساڻن شيخ اياز جي پيار کي ڳنڍيو آهي.

وڻ وڻ سان وهنوار ٿئي ٿو، پيار ٿئي ٿو.

اياز لطيف پليجي شيخ اياز کي پيار جو شاعر ڪري بيان ڪيو آهي. جنهن جو پيار پنهنجي ڌرتيءَ جي ڪک پن، وڻ ٽڻ، ماڳ مڪان، پکي پکڻ، مال متاع کان ويندي لوڪن ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي، پهرڻ اوڍڻ توڙي هنرن سان لاڳاپيل ڳالهين واقعن، ريتن ۽ رسمن مان چلڪندڙ ثقافتن سان آهي. هن انهن مڙني کي ڪٺي، پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن کي وڏيڪ رنگين ۽ چٽو ڪري، پيش ڪيو آهي. نه رڳو اهو پر شيخ اياز، پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي وطن جي، انهن مڙني رنگن پرڻ کي پنهنجو قومي فرض سمجهي نڀايو آهي.

3.2.15. ”نيارو پنڌ“ انور فگار هڪڙو: انور فگار هڪڙي، پنهنجي هن تفصيلي لکڻيءَ ۾، شيخ اياز جي ابتدائي دؤر جي، فڪر ۽ ان کان ٿورو پوءِ تائين، تفصيل سان لکيو آهي. ان سان گڏوگڏ هن، شيخ اياز پاران 1947ع ۾، اڳتي قدم جي نالي سان جاري ڪيل رسالي، تي پڻ تفصيل سان لکيو آهي. جنهن کي، سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جي تحريڪ جي تاريخ جي، پهرين ڪڙي مڃيو وڃي ٿو. جنهن ۾ شيخ اياز، وڏي دليريءَ سان کليو کلايو، رجعت پرستيءَ جي خلاف، بغاوت ڪئي. ملڪي ماحول جي حساب سان ”اڳتي قدم“ رسالي کي جانچبو ته اهو رسالو، شيخ اياز جي دؤر جو، لافاني ڪارنامو هو. انور فگار هڪڙي ان رسالي جي هڪ پرچي مان چند مثال پڻ پڙهندڙن لاءِ پيش ڪيا آهن. سيئي هتي ڏيڻ جيتري نڪو جاءِ آهي ۽ نه وري گهرج؛ تنهن ڪري انهن مان هڪ نموني طور شامل ڪجي ٿو ته جيئن رسالي جي قدڪاٺ کي پروڙڻ ۾ سولائي ٿئي. ”چوندا آهن ته هڪ ڪرستان پادريءَ ديول ۾ برسات پوڻ لاءِ دعا گهري چيو ته مٺا مسيحا تون هنن آدمين تي رحم ڪر جيڪي برسات لاءِ دعا گهرڻ لاءِ ته آيا آهن پر ساڳئي وقت ڪنهن به ڇٽي نه آندي آهي. تنهنجي رحمت مان دنيا جو اعتبار نڪري ويو آهي.“ [فگار، انور هڪڙو. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 57]

شيخ اياز جي اوائلي فن فڪر ۽ ڪمن تي لکندي انور فگار هڪڙي، جي ڏنل ڄاڻ موجب: شيخ اياز جو جاري ڪيل رسالو ”اڳتي قدم“ چڻ ته رجعت پسندن جي خلاف موروچو ٿي، ڪتب آيو جنهن ۾ هن کليو کلايو لکيو. جنهن مان سندس جرائت مند شخصيت جي، پروڙ پوي ٿي. شيخ اياز جي شخصيت کي ڏسجي ته هو، سرجندي ئي پنهنجي فني صلاحيتن سان، وڏي للڪار ٿي اڀريو هو ۽ ان ۾ ڏينهون ڏينهن ويو واڌارو ٿيندو. هن جو قلم، سدائين اڳي کان اڳرو رهيو ۽ هو مسلسل لکندو رهيو. جنهن ڪيس سنڌ جي وڏي شاعر، جي رتبي تي آڻي بيهاريو. سندس اڻٽڪ قلمي پورهئي، سنڌ کي 50 کان مٿي ڪتاب ڏنا. هو آخري دم تائين، پنهنجي فڪري صلاحيتن سان لکندو رهيو.

3.2.16. ”شيخ اياز_ گهڻ پهلو شخص“ انور فگار هڪڙو: 4 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ انور فگار هڪڙي، شيخ اياز جي، شخصيت جي ڪيترن ئي پاسن تي لکيو آهي. هن شيخ اياز جو پروفائل

لکنديءِ سندس چم جون 2 تاريخون لکيون آهن. جنهن ۾ پنهنجي تحقيق آڌار لکيو آهي ته: ”مبارڪ علي ولد غلام حسين شيخ (شيخ اياز) جي ڄمڻ جي تاريخ هندو سنڌي اسڪول نمبر 3، ورنيڪيولر اسڪول نمبر 2 (هاٿوڪي پرائمري ڄماٽي هال اسڪول) جيءِ جنرل رجسٽرن موجب، 2 مارچ 1923ع آهي. جڏهن ته ان کيءِ شيخ اياز پنهنجي خيال موجب 23 مارچ 1923ع ڄاڻايو آهي.“ [فگار، انور هڪڙو. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 66] ان کان سواءِ هن لکيو آهي ته: شيخ اياز جي ڪاليج ۽ پوءِ وڪالت واري دؤر ۾، جن مخزنن ۾، سندس شروعاتي شاعري ڇپيءِ تن ۾ ”سنڌو“، ”سدرش“ ۽ ”اڳتي قدم“ وغيره شامل آهن. وڌيڪ سندس شخصيت جي سياسي پاسي تيءِ جنهن ۾ جي. ايم. سيد سان، سنڌ محاذ ۾ گڏ رهڻ ۽ اڳتي هليءِ سن 1970ع ۾ سندس، شيخ مجيب الرحمن واري عوامي ليگ ۾ مرڪزي ڪاميٽي جي عهدي تيءِ ڪم ڪرڻ بابت ليکڪ جوڳي روشني وڌي آهي.

**3.2.17.** ”ڇا اسين شيخ اياز کي وساري سگهون ٿا؟“ اڪبر سومرو: اڪبر سومريءِ پنهنجي هن لکڻيءَ ۾ شيخ اياز جيءِ وائس چانسلريءَ واري دؤر ۾ جيڪا عام سوچ اپري هئيءِ جنهن ۾ شيخ اياز جي شخصيت ۽ ذات تيءِ الزام لڳي رهيا هئا، تنهن جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ ”شيخ اياز جي شاعريءِ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو سرمايو آهي“، واري پاسي تيءِ پڻ تفصيل سان لکيو اٿس. پاڻ لکيو اٿس ته: ”شيخ اياز جو معراج اهو آهي ته اهو صاحب شروع کان اڄ تائين، سنڌ جي ترقي پسند ادب سان گڏ رهيو آهي. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ تيءِ جڏهن به ڀاهوڙ ٿي آهي ته اياز لکيو آهي ۽ ڀرپور طريقي لکيو آهي. ان جو مثال، سندس اها شاعري آهيءِ جيڪا هر پڙهندڙ آڏو واضع آهي. دؤر ڪهڙو به هجيءِ اياز جي شاعريءَ جي وابستگي سنڌ سان ثابت آهي.“ [سومرو، اڪبر. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 59] اڪبر سومريءِ شيخ اياز جي ڪيل، ان تقرير جو ذڪر پڻ، ڏاڍي پر اثر انداز ۾ ڪيو آهيءِ جيڪا هن، سچل سرمست ڪانفرنس ۾صدارت ڪندي ڪئي هئي. پاڻ (اڪبر سومرو) تڏهن حيدرآباد ريڊيو تان، ماهوار ادبي پروگرام ”ادبي دائريءَ“ جي ڪمپيئرنگ ڪندو هو. لکيو اٿس ته پاڻ اها تقرير، ان پروگرام ۾ جيئن جو تيئن، نشر پڻ ڪئي هئائين.

**3.2.18.** ”اسان تي الزام آندا، جڳ جيئڻ جا“ غفار کوسو: غفار کوسيءِ 4 صفحن تي مشتمل، پنهنجي هن لکڻيءَ ۾ شيخ اياز جي هڪ اهم ڪارنامي ”سنڌي غزل“ بابت لکيو آهي. جيڪو ان کان پهرين رڳو، محبوبا جي ساراهه ۾ لکيو ويندو هو، پر ان کي شيخ اياز نئين رنگ ۽ ڍنگ ۾ انقلابي رنگ ڏنيءِ جديد دؤر جي گهرجن موجب، پهريون ڀيرو سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايو هو. غفار کوسي شيخ اياز جي عمر جي پوئين پهر جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته هو پنهنجي عمر جي چاڙهيءَ جا آخري ڏاڪا چڙهي رهيو آهي. غفار کوسو موجب: ”شاعريءَ ۾ شيخ اياز جو ڪارنامو اهو پڻ آهي. ته هن سنڌي غزل کي نئين رنگ ڍنگ ۾ پيش ڪيو آهي.“ [کوسو، غفار. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 62] هن جي نظر ۾ شيخ اياز سچي زندگي شاعريءَ جي تخليق ۾ گذاري آهيءِ جيڪو شاهه لطيف کان پوءِ هڪ وڏي شاعر جي حيثيت ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي فڪري تحريڪ جي سرواڻيءَ وارو ڪردار آهي. هن کيس جديد سنڌي شاعريءَ جو اهو اهم

شاعر ڄاڻايو آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ موجود روايتي تصوف جي لاڙن کي ڪڍي پنهنجي عظيم ۽ اعلىٰ شاعريءَ جي ذريعي سنڌي عوام کي سنهري صبح جا ڏس ڏنا آهن. ان کان سواءِ هُن عبد الواحد آريسر جي شيخ اياز تي ڪيل تنقيد تي پڻ، تفصيل سان لکيو آهي.

3.2.19. ”اي ڪاش _ اهو تون ڄاڻين ها“ ماڻڪ ملاح: ماڻڪ ملاح، پنهنجي هن لکڻيءَ ۾، سنڌ جي جديد دؤر جي، ترقي پسند شاعريءَ جي بانيڪار ڪشنچند بيوس جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن کان پوءِ، سنڌي شاعريءَ جي، ترقي پسند سجاڳيءَ کي، ترقي وٺرائڻ لاءِ جن ٻن مهان شاعرن پنهنجو ڀرپور ڪرادار ادا ڪيو آهي، تن ۾ نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز جا نالا ڳڻايا آهن. ان سان گڏوگڏ ليکڪ، نارائڻ شيام جي جلاوطنيءَ واري ڪيفيت تي، لکندي، دليل طور سندس شعرن کي ڪتب آندو آهي. ماڻڪ ملاح شيخ اياز جي شخصيت کي نارائڻ شيام سان ڀيٽيندي ڄاڻايو آهي ته: ”هو پڻ نارائڻ شيام جيان راتيون جاڳي، سنڌ جي دک درد تي لکندو آهي ۽ هن ۾ وسندڙ سنڌين لاءِ تڙپندو آهي.“ [ملاح، ماڻڪ. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 67]

شيخ اياز پنهنجي همعصر شاعر، نارائڻ شيام تي خاص سر نارائڻ شيام لکيو. جنهن ۾ سندس اندر جي پيڙا ۽ وياڪلتا کي پسي سگهجي ٿو، جنهن سندس من اندر ۾ سک جا پنيڻ ٻاريا. سندس يادن جي ڇٽن عڪسن ۽ اهڃاڻن سان ڀريل بيت ان جا گواهه آهن. ليکڪ انهن مان چونڊ بيت هن ليک ۾ پڻ ڏنا آهن.

3.2.20. ”شيخ اياز _ سنڌي ادب جو بنيادي ڪهاڻيڪار“ ڊاڪٽر قاضي خادم: ڊاڪٽر قاضي خادم، پنهنجي هن لکڻيءَ ۾، جديد سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي شروعات، جيڪا 15_1914ع ڌاري ٿيل آهي، تي تفصيلي روشني وڌي آهي. ان کان پوءِ شيخ اياز جي، ورهاڱي کان اڳ وارين، ڪهاڻين (سفيد وحشي، پاڙيسري، ڪارو رنگ، رولو، ڪلڻي، نظيران) تي تبصرو ڪندي: سندس آدرشن ۽ مطالعي بابت تفصيل سان لکيو آهي. ڀاڻ لکيو اٿس ته: ”شيخ اياز جي، ڪهاڻين جي، خوبي اها آهي ته: وزن ۽ رفتار سان، سندس ڪهاڻيون، هڪ ٻئي کان مختلف آهن. شيخ اياز سنڌيءَ جي، جديد ڪهاڻين جي، بانين مان هڪ آهي. سندس ڪهاڻيون، اصلوڪيون ۽ نج سنڌي آهن؛ جن ۾ هن پنهنجي دؤر جي، مڪمل عڪاسي ڪئي آهي.“ [خادم، قاضي. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 69] ان کان سواءِ هن ٻيا به ڪيترائي مثال ڏنا آهن ۽ شيخ اياز جي ڪم کي مثال طور ڪتب آڻي، ان تي تبصرو ڪندي هي ليک لکيو آهي. هُن سفيد وحشيءَ مان پڻ هڪ ٽڪرو (جنگ کان پوءِ سنڌي جنتا جي جاڳرتا جو نظارو مون سفيد وحشيءَ ۾ ڪڍيو آهي...) هن ليک ۾ شامل ڪيو آهي.

3.2.21. ”سنڌ اياز آهي اياز سنڌ آهي (يڪ نعره حيدري)“ غلام نبي مغل: غلام نبي مغل، پنهنجي هن تنقيدي، لکڻيءَ ۾ هڪ فرضي ڪردار ”شرابي ملنگ“ کي ڪچهري ڪندي ڏيکاريو آهي. جنهن دؤران ساڻس ڳالهائيندي، هن مختلف موضوعن کي اٿاري، سندس واتان شيخ اياز تي تنقيد ڪرائي آهي. اها تنقيد گهڻو ڪري، ادبي گهٽ ۽ ذاتي وڌيڪ، ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڇاڪاڻ ته هن ياران شيخ اياز تي لڳايل الزام رڳو ڳالهه ٻولهه تي مشتمل آهن نه ڪي ڪن مدلل بيان واري شڪل ۾ مثال: ”شيخ اياز جي مرضي هئي ته: سندس سپئي مداح، اها ڳالهه ان ميڊيا تان ڪن ته، شيخ اياز آمرن سان مهاڏو اٽڪايو. پر

جڏهن، ڪنهن هڪ ڇٽي به اهڙي ڳالهه نه ڪئي ته، شيخ اياز کي پاڻ اها شعوري ڪوشش ڪرڻي پئي ۽ پنهنجي واتان پاڻ چيائين ته: 'مان ايترو بڪنيئرن سان اٽڪيو آهيان ۽ انهن سان ڪيڏو مقابلو ڪيو اٿم' اهڙيءَ ريت شيخ اياز عظمت جي، شطرنج جي هڪ اهم خاني، کي پر ڪرڻ جي، ڪوشش ڪئي آهي.'' [مغل، غلام نبي. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 73] ان مثال جو ڇيد ڪرڻ مان پتو پوي ٿو ته هي فڪشن جي هڪ سٺي لکڻي آهي جيڪا پڙهندڙ کي، چس ضرور ڏيندي پر ان جو حقيقت سان ڪو واسطو ڪون هوندو. چاڪاڻ ته هيءَ ڪا، تحقيقي رپورٽ يا مقالو نه آهي. تنهن ڪري منجهس بيان ڪيل، ملنگ جو ڪردار جيئن فرضي آهي تيئن ان ۾ بيان ڪيل، قصا پڻ پنهنجو اثر فڪشن جي حد تائين رکن ٿا جن کي حقيقت سان ڳنڍي نٿو سگهجي.[3]

3.2.22. ''ڪجهه شيخ اياز بابت'' تاج بلوچ: تاج بلوچ جي هن هڪ صفحي تي مشتمل بيحد مختصر لکڻيءَ جي، مطالعي ڪرڻ مان پتو پوي ٿو ته: جيتوڻيڪ هن گهڻو نه لکيو آهي پر تڏهن به هن شيخ اياز جي، فن، فڪر ۽ شاعري جي هر پاسي تي قلم ته کنيو آهي؛ پر ڏاڍو مختصر لکيو اٿس. جنهن ۾ هن ادبي تنقيد سان گڏ شيخ اياز جي، اعلىٰ ۽ معياري فن کي، پڻ پيش ڪيو آهي. سندس خيال موجب: ''هيل تائين ڪنهن به شخص، شيخ اياز جي فن جو، تجزيو نه ڪيو آهي. هو عظيم شاعر آهي. هو شاهه ثاني آهي. هو ٻوليءَ جو بادشاهه شاعر آهي. هن جي شاعري مهانگي پٿر جيان آهي. هن تمام گهڻو شعر لکيو آهي. هن جي شاعري سبجيڪٽو آهي هو معروضي حقيقتن جو علمبردار شاعر آهي. هو متضاد شاعر آهي. شيخ اياز لفظن سان راند کيڏي ٿو. هن پڻائيءَ جي تتبع ڪئي آهي. '' [بلوچ، تاج. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 115] هن ليک ۾ هن اهو پڻ لکيو آهي ته: شيخ اياز کي محمد ابراهيم جويي ناهيو آهي. هن شيخ اياز تي لڳل الزامن: ''شيخ اياز ادبي ۽ سياسي تاريخ جي حوالي سان پنهنجي لکڻين ۾ ڪوڙ ڳالهايا آهن، ته جيئن ٻين تي ڌاڪو ڄمائي سگهجي. شيخ اياز ادبي مفاد پرست آهي وغيره وغيره'' سندس خيال آهي ته مٿس لڳل الزامن جي سنجيدگيءَ سان ڪڇ _ وهڻ ٿيڻ گهرجي ۽ انهن لڪل خاموش پهلوئن جو اپياس سامهون اچڻ گهرجي.

جيتوڻيڪ تاج بلوچ، شيخ اياز تي الزام ته ڳڻايا آهن. پر انهن بابت ڪو دليل نه ڏنو اٿس ته اهي مٿس ڪنهن ڪنهن، ڪٿي ڪٿي لڳايا ۽ انهن جي پويان ڪهڙا محرڪ هئا يا ڪهڙن ليکڪن جي ساڻس ڪهڙي، ذاتي دشمني يا ڪهڙيون زميني حقيقتون هيون، جيڪي هو عيان ڪرڻ گهري ٿو. پر هن پنهنجي سموري ليک ۾ اهڙي ڪا به سچائي، ڪنهن علمي ادبي حوالي سان پيش نه ڪئي آهي. تنهن ڪري سندس ليک نه ته ادبي تنقيد تي مشتمل آهي ۽ نه وري ڪن واضع سچاين تي. هي رڳو سندس خيالي وٽت ۽ اٿوٽت جي ٻوڙ تي ٻڌل ليک آهي، جنهن کي سندس ذاتي ويچارن کان وڌيڪ ڪا، حيثيت نٿي ڏئي سگهجي.

3.2.23. ''ڪو ڏوهي گهاٽ ته ڳولي آءُ (اياز جي شاعريءَ ۾ تصوف جا انقلابي پهلو)'' غلام حسين رنگريز: غلام حسين رنگريز، پنهنجي هن لکڻيءَ ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ تصوف جي، انقلابي

[3] نوٽ: هن لکڻيءَ جي جواب ۾ نسرين جوڻيجو، سهڻي شيخ اياز نمبر 2 ۾ خط لکي غلام نبي مغل جي هن تنقيد کي مدلل نموني رد ڪيو آهي. ان لکڻيءَ جي تفصيل لاءِ ڏسو! هن ٿيسز جو موضوع نمبر: 3.6.3.1 '' نسرين جوڻيجو جو غلام نبي مغل ڏانهن لکيل خط''

پهلوئن تي لکيو آهي. گڏوگڏ انسانيت جي پرچارڪ، دنيا جي مختلف جاکوڙي ڪردارن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن (رومي، شاه لطيف، سامي، نشي وغيره) تي پڻ لکيو آهيس. هن شيخ اياز جي اهڙي شاعري، جنهن ۾ ’انسانيت سان پيار ۽ جبر ڏانهن ڌڪار آهي‘ سا حوالي طور ڏني، ان جي فن ۽ فڪر تي تفصيل سان لکيو اٿس. پاڻ لکيو آهيس ته: ”سنڌ شيخ اياز جي حوالي سان قلب ۽ نظريئي جي انقلاب جو اعلان آهي، سنڌ ساڃاهه رواداري، انسان دوستي ۽ عالمي امن جي پيغمبر آهي. شيخ اياز، جنهن فلسفي کي، اپنائڻ جو ڏس ڏنو آهي؛ سو سندس شاعريءَ ۾ موجود آهي.“ [رنگريز، غلام حسين. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 118] ان کان سواءِ هن، شيخ اياز جي پيار واري پاسي تي پڻ روشني وڌي آهي ۽ کيس پيار جو پيامي سڏيو آهي. اڳتي پيار جي خوبين کي پڻ پيرائتو ڪري بيان ڪيو اٿس. هو سمجهي ٿو ته پيار، نفرتن جي ڪاهين کي لٽي ٿو، پيار، ڪائنات جي سونهن آهي. پيار، ۾ پنهنجائپ جو رس آهي. پيار، صدين جي چڪندڙ زخمن جو مرهم آهي. پيار، مصيبت جي ماريلن جو آخري اجهو ۽ پرجهلو آهي. پيار، ڌرتيءَ تي امن ۽ انساني برابريءَ جو ساکي آهي. پيار، بارود جي باهه تي ٿڌو ڇنڊو آهي. پيار، انسانن درميان ميلاپ جي پل آهي.

3.2.24. ”رات اڃان پيي جاري آ“ ستار: ستار، پنهنجي هن لکڻيءَ ۾ شيخ اياز جي فن تي ٽيڪاٽپڻي ڪندي، سندس لکتن جو ساکي ٿيندي، واضح ڪيو آهي ته هن دؤر جي مڙني صنفن تي شيخ اياز پرپور نموني لکيو آهي. جنهن ۾ بيت، دوها، سورٺا، وائي، گيت، نظم، غزل، چيچ، لوليون ۽ همرچا پڻ شامل آهن. نه رڳو اهو پر هن، شيخ اياز پاران ڌارين ٻولين مان ايندڙ صنفن جهڙوڪ: آزاد نظم، هائيڪو، ترائيل وغيره تي سنڌي شاعريءَ ۾ طبع آزمائي کي پڻ ساراهيو آهي. ان کان سواءِ هن، اديبن ۽ شاعرن جي ترقي پسندي گروهه تي، تفصيل سان لکيو آهي. جنهن جي اڳواڻي، شيخ اياز ۽ ٻين اديبن ڪئي. رجعت پسند ٽولي جي، مخالفت ڪندي شيخ اياز پنهنجي شعر ۾ جيڪا نواڻ آندي تنهن جو پڻ ذڪر ڪيو اٿس ۽ ان جي موٽ ۾ کيس رجعت پسندن پاران، جيڪي تهمتون ۽ مخالفتون سهڻيون پيون تن جو احوال سان گڏوگڏ اهو پڻ ٻڌايو اٿس ته رجعت پسندن جي اهڙي چلت جي جواب ۾ سنڌ جي ڏاهي رسول بخش پليجي کي نيٺ ”انڌا اونڌا ويچ“ ڪتاب لکڻو پيو. ان سان گڏوگڏ هن شيخ اياز جي مشاهداتي سگهه بابت پڻ لکيو آهي. هن موجب: ”اياز جو مشاهدو اهڙو ته گهرو آهي، جو اهو اڄ جي ڪنهن شاعر ۾ گهٽ ملندو. وري کيس ان کي اهڙي ته نموني پيش ڪرن جو ڏانءُ آهي جو ماڻهوءَ کي ڪٽي ان جاءِ تي وڃي پهچائي بيهاري ڇڏيندو آهي.“ [ستار. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 121] پنهنجي ان لکت لاءِ هن، سندس شاعريءَ مان مثال پڻ هن ليک ۾ شامل ڪيا آهن.

3.2.25. ”ساروڻيون سؤ ساهه ۾ (شيخ اياز سان گهاريل گهڙين جون ڪجهه يادگيريون)“ ادل سومرو: هن لکڻيءَ ۾ ادل سومري، پنهنجي يادگيرين کي پيش ڪيو آهي. هن پنهنجون ساروڻيون سارينڌي، شيخ اياز جي شخصيت، شاعري ۽ ذاتي زندگيءَ بابت تفصيل سان لکيو آهي. هن پنهنجي پاڻ لاءِ اهو وڏو اعزاز ڄاڻائيندي لکيو آهي ته: شيخ اياز جا سوين گيت، بيت، وايون ۽ نظم سيني کان پهريان مون ٻڌا يا پڙهيا آهن. ڇو ته انهن جي تخليق کان پوءِ مون انهن کي اتاريو يا شيخ اياز کان ٻڌو آهي. ڇاڪاڻ ته

سندس، شاعري اتارڻ جي سلسلي ۾، مهينن جا مهينا روزانو شيخ اياز وٽ وڃڻ ٿيندو هو. سندس لفظ آهن ته:”شيخ اياز جي ذات اسان جي ادب جو اهو بي بها سرمايو آهي، جنهن جو هن وقت اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. ڪوي شيخ اياز، ادب جي اپ تي پنهنجن واين، بيتن ۽ نظمن جا هزارين ستارا چمڪايا آهن جن جي جوت ڪڏهن جهڪي ٿيڻي ناهي.“ [سومرو، ادل. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 123] ادل سومرو هن ليک ۾ ڄاڻايو آهي ته ڪو به شخص، شيخ اياز سان شخصي توڙي نظرياتي اختلاف رکي سگهي ٿو، ڇو ته انسان بحرحال انسان آهي ۽ ماڻهن جا هڪ ٻئي سان اختلاف پيا ٿيندا آهن. هو انهن اختلافن کي، هڪ پاسي ڪندي لکندو رهي ٿو.

## 3.2.26. ”اياز جي شاعريءَ ۾ ٿر جو پسمنظر“ ولي رام ولڀ:

ولي رام ولڀ، 10 صفحن تي مشتمل، پنهنجي هن لکڻيءَ ۾ شيخ اياز جي، نثري توڙي شعري مجموعن مان، ٿر بابت سندس شاعريءَ توڙي سوچن کي سمائي، ڄڻ ته ڪوزي ۾ درياهه کي بند ڪيو آهي. جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ، محسوس ٿئي ٿو ته: ڄڻ پاڻ شيخ اياز سان گڏ، سموري ٿر جو سير ڪري رهيو آهي ۽ اها ’پيڙا ۽ درد‘ جنهن مان، ٿر جا ماڻهو گذري رهيا آهن، سا هو پڙهندڙن کي، شدت سان، محسوس ڪرائي رهيو آهي. ٿر ديس جو اهو حصو آهي، جنهن جون ڏڪار سان لائون لڌل آهن. ڏڪار ۾ جڏهن ڪاڏي لاءِ ان ته نهيو پر ڏٿ ڳوليو نه ملندو آهي، ڪنهن وٽ پيٽ قوت لاءِ ان ڪٽا هجن ته وڏي ڳالهه ٿيو پوي. هن شيخ اياز جي هڪ خط مان، اهڙي احساس کي هن ريت ڪوٽ ڪيو آهي: ”هڪ ڀيري اسان ٿر جي سفر تان موٽي رهيا هئاسين. اسان کي 2 سواريون هيون، ڇاڇري وٽ ٻنهين جا ڦيٿا پنڪچر ٿي پيا هئا. ڊرائيور پنڪچر ڳنڍي رهيا هئا ته سج لهي رهيو هو، واريءَ تي ڪنڊيءَ ۽ نم جا وڻ سنجها جي پرڇاين ۾ ڌرتي ديول جا 2 پرهٽ ٿي لڳا، ان وقت مون واريءَ تي 2 اڪ مڪڙ ڏٺا جيڪي شفق جهڙا رنگين هئا ۽ هڪ ٻئي جي ڪڍ ٽپا ڏئي رهيا هئا.“ [ولڀ، ولي رام. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 125]

وليرام ولڀ موجب، شيخ اياز ”جل جل مشعل جل جل“ لکيو. ان کان سواءِ ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ ۾ هن مارئيءَ جي داستان جي پسمنظر ۾ شاعري ڪئي آهي، جيڪا اجوڪين حالتن سان پڻ ٺهڪي بيهي ٿي. ان ۾ لفظن جو سٽاءُ ۽ چونڊ فطري، بي اختيار ۽ بر وقت آهي.

## 3.2.27. ”جيئن ڏٺو اٿم“ طارق اشرف:

طارق اشرف، پنهنجي هن لکڻيءَ ۾ پهرين سندس ننڍپڻ ۾ ادب سان چاهه، پڙهڻ ۽ لکڻ بابت لکيو آهي. جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۽ شيخ اياز جي انقلابي شاعريءَ کان متاثر ٿي پاڻ ۾ ’سنڌ پرستي‘ ۽ ’قوم پرستي‘ پيدا ٿيڻ واري جذبي تي پڻ طبع آزمائي ڪئي اٿس. ’سهڻي رسالي‘ جي ايڊيٽوريلس ۾ شيخ اياز جي ڪري، جيڪا قوم پرستي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، يا شيخ اياز تي سندس همعصر اديبن ۽ شاعرن، جن ”سهڻي _ شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2)“ ۾ مڙس نه لکيو آهي. انهن تي پڻ تفصيلي روشني وڌي اٿس. گڏوگڏ شيخ اياز جي، خوبين ۽ خامين تي پڻ لکيو اٿس. ان کان سواءِ، هن لکڻيءَ ۾ امر جليل ۽ نسيم کرل نمبر بابت پڻ لکيل آهي. ان کان سواءِ هن محمد ابراهيم جويي پاران کيس 69_1968ع ۾ ڪيل تنبيهه کي پڻ پنهنجي ليک ۾ جاءِ ڏني آهي. جنهن ۾ هن کيس سختيءَ سان چيو هو ته: ”شيخ اياز

جي خلاف لکڻ، سنڌ جي خلاف لکڻ آهي.“ ان تي پنهنجي راءِ لکي اٿس ته: ”مان سندس ان ڳالهه سان تڏهن به متفق نه هئس ۽ اڄ به نه آهيان. ها اهو ضرور چوندس ته اياز جي خلاف بد نيتيءَ سان لکڻ، نه فقط سنڌ جي خلاف بلڪ سنڌي زبان، سنڌي ادب ۽ سنڌي قوم جي خلاف آهي.“ [اشرف، طارق. سهڻي ش. ا. ن.: 01، 137]

هن ليک ۾ طارق اشرف اعتراف ڪيو آهي، ته جيئن ”امر جليل“ نمبر رکو واڪاڻ وارو نمبر ٿي ويو هو تيئن، هو نٿو چاهي ته: شيخ اياز نمبرن ساڻ پڻ، ساڳيو لقاءُ ٿئي. سندس مرضي آهي ته شيخ اياز جي شخصيت جي ثنا خوانيءَ بجاءِ حقيقي سچاين تي ٻڌل ليک لکيا وڃن، جن کي هو جيئن جو تيئن ڇاپڻ چاهي ٿو. هن اهو پڻ لکيو آهي ته: مون کي پڪ آهي ته هڪ وقت اهڙو به اچڻو آهي، جڏهن شاه وانگر اياز جا گيت، وايون ۽ بيت سنڌي ماڻهو ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ ڳائيندا. منهنجو ان ڳالهه تي به ايمان آهي ته شاه کان پوءِ سڀ کان وڏو شاعر شيخ اياز آهي. جيئن ٻيو شاه عبد اللطيف نه ايندو تيئن ٻيو شيخ اياز به نه ايندو. اسان جي اها خوشقسمتي آهي.

**3.2.28. ”سنڌ جي سوني ڌرتيءَ جو شاعر“ ڪيرت ٻاٻاڻي:** ڪيرت ٻاٻاڻي 3 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ جي شروعات ان دؤر کان ڪئي آهي، جنهن ۾شيخ اياز جي پيدائش ٿي. هو انهي کي تاريخ جو شاندار ۽ ولولي خيز دؤر ڪري ڄاڻايو آهي. هن موجب، قومي توڙي بين الاقوامي سطح تي، انساني تاريخ ۾ اهي ڏماڪا ٿيا، جن تاريخ جا وهڪرا ڦيرائي ڇڏيا ۽ قومن جون قسمتون نئي بدلائي ڇڏيون، پراڻا عقيدا، قدر ۽ مڃتائون اڇي پٽ پيا. صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ روس اندر انقلاب آيو ۽ ٻئي طرف قومي سطح تي هندستان جي، تاريخ ۾ وڏو ولولو شروع ٿيو، نتيجي ۾ پوري ديس ۾ جيڪا عوامي تحريڪ اڀري، تنهن جو ذڪر پڻ تفصيل سان ڪيو اٿس. سندس مڃڻ آهي ته هنن ٻنهين واقعن جو، شيخ اياز جهڙي حساس طبيعت شاعر تمام گهڻو اثر ورتو، جنهن جو اولڙو سندس تخليقن مان بخوبيءَ پسي سگهجي ٿو. 1940ع واري زماني ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز سان گڏجي، جيڪا قومي شعور لاءِ جاکوڙ ڪئي، هن لکڻيءَ ۾ تنهن جو پڻ پيرائتو احوال لکيو اٿس. شيخ اياز جي شخصيت بابت، هن لکيو آهي ته: ”شيخ اياز هڪ اعلیٰ وطن پرست شاعر آهي، پنهنجي ڌرتيءَ جو شاعر آهي، ورهاڱي کان پوءِ سندس شاعري اپرڪو ڏئي آڪاس اڏاڻي، اهو ڪو اتفاق نه آهي جو سندس پهرين وڏي شاعريءَ جي مجموعي جو نالي ’ڀنئور ڀري آڪاس‘ ئي سندس اندر ٻوليو پيو، ته هاڻي سندس شاعري اڏام جي منزل تي پهچي رهي آهي.“ [ٻاٻاڻي، ڪيرت. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 07] سندس خيال آهي ته اهو هڪڙو ڪتاب ئي اياز کي زنده رکڻ لاءِ ڪافي آهي. اهڙيءَ ريت، هو سندس شاعريءَ جي خوبين بيان ڪندي نٿو ٿڪجي.

ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز کي هڪ ڪميٽيڊ شاعر ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ماڻهن، پنهنجي زماني ۽ انساني زندگيءَ سان ٻڌل آهي. سندس خيال آهي ته ڪو به ليکڪ ۽ شاعر، حال ۾ نه رهندو آهي ۽ نه وري حال ۾ لکندو آهي پر هو نبض شناس ٿي وقت جي گهرجن کي سمجهي ان پٽاندر پنهنجي قلم کي جوش ڏيندو آهي. شاه، سچل ۽ سامي مشعلون ٻڌجي شيخ اياز جي سونهائپ ڪري رهيا آهن. ايترين ڳالهين ڪندي به هو، هن ليک جي آخر ۾ معترف ٿيو ته پاڻ هن ننڍڙي مضمون ۾ شيخ

اياز جي فن جي خوبصورتيءَ کي ڇهي به مس سگهيو آهي ۽ اها سندس محدودگي آهي. تنهن هوندي به هن پنهنجي حال آهر، شيخ اياز جي فن ۽ فڪر تي جوڳي روشني وڌي آهي.

3.2.29. ”شيخ اياز سنڌ جي صدا“ ڪيرت ٻاٻاڻي: 3 صفحن تي مشتمل هن مختصر لکڻيءَ ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، پنهنجي تخليقي ڏانءَ سان، هي جاندار ليک لکيو آهي. هن ليک ۾ ليکڪ پنهنجي ۽ شيخ اياز لاءِ هڪ پيڙهيءَ جو هجڻ، ساڳئي دؤر ۾ پڙهڻ، لڙڻ، رسڻ ۽ سياسي هلچل واري دؤر کي لاجواب ڪوٺيو آهي. گڏوگڏ دنيا ۾ اهي تبديليون جيڪي انسانن جي ذهنن ۾ آيون، جن انساني تاريخ کي، نوان موڙ ڏئي ڇڏيا ۽ انساني قسمت جو رنگ بدلائي ڇڏيو. ليکڪ انهن تي تفصيل سان لکيو آهي. ان سان گڏ ان دؤر جي سياسي ۽ قومي هلچل، توڙي سامراج خلاف تحريڪن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. جن ۾ هن پاڻ، شيخ اياز سان گڏجي جدوجهد ڪئي. وڌيڪ پاڻ ’ورهاڱي جي وڍ‘ کي ناسور ڄاڻائيندي، ان سموري وارتا جي پيڙا جي درد تي قلم کنيو اٿس. ليکڪ، شيخ اياز جي شاعريءَ حوالي طور ڪتب آڻي، هڪ باغي شاعر جي، جنگ لاءِ نفرت ۽ انسان لاءِ عظيم محبت، بيان ڪندي کيس ’وڏو ڪوي‘ ڪري پيش ڪيو آهي ۽ سندس عظيم آدرشن تي، پڻ روشني وڌي اٿس. هن شيخ اياز جي فن ۽ فڪر سان جيڪا سماج ۾ اٿل پٿل پيدا ٿي ان بابت پنهنجا خيال ونديي لکيو آهي ته: ”مدي خارج ملان ۽ نفرت جا پوڄاري پاڪستان جا حڪمران، ڪٿي ٿا شيخ اياز جي، بلند انسانيت جي سطح تي پهچي سگهن. سندس خلاف طوفاني پرچار شروع ٿي ويو. فرقي پرست اخبارن ۽ رسالن پنهنجا ڪاغذ اياز مٿان ڪارا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ مٿس دهريو (ناستڪ)، ڪافر، غدار، هندو نواز ۽ ٻيا الائي ڪهڙا ڪهڙا لقب لڳايا ويا.“ [ٻاٻاڻي، ڪيرت. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 10]

ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز جي ڪتاب ”ڀنئور ڀري آڪاس“ تي بندش جو ذڪر ڪندي، 1963ع واري شيخ اياز جي نثري مجموعي ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ تي پڻ تبصرو ڪيو آهي ۽ ان جي نثر کي ڪوتا ڪري لکيو اٿس ۽ ڄاڻايو اٿس ته ان ڪتاب کي پڻ غير اسلامي قرار ڏئي 1968ع ۾ ضبط ڪيو ويو. ان کان سواءِ هن سچل سائينءَ جي بغاوت کي شيخ اياز جي بغاوت سان ڀيٽيندي بيان ڪيو آهي ته سچل سائينءَ تي ايتريون سختيون نه ڪيون ويون هيون، جيتريون شيخ اياز کي سعوبتون سهڻيون پيون آهن. سندس ليک هڪ زماني جي سياسي ۽ سماجي هلچل مٿان پردو لاهي، سچي روداد پيرائتي ڪري بيان ڪري ٿو، جنهن مان شيخ اياز جي فڪري پورهئي جي پروڙ سان گڏوگڏ مٿس حڪمرانن طرفان ڪيل سختين جي پڻ عڪاسي ٿئي ٿي.

3.2.30. ”ٻڙ جهڙو ڪو گهاٽو ماڻهو“ قمر شهباز: 12 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ قمر شهباز، شيخ اياز کي موجوده صديءَ جو ’مهان شاعر‘ ڄاڻائيندي، سندس شاعريءَ تي ڀيرائتو لکيو آهي. شيخ اياز، جهڙي امله هيري ۽ سندس تخليقن جو، قدر نه ڪرڻ تي مايوسيءَ منجهان، ان کي پنهنجي قوم جي بدقسمتي ڪري ليکيو آهي. سندس راءِ موجب: ”ٿيڻ ته ائين گهربو هو ته: هن عظيم ڪويءَ جي مڃتا طور، سندس فن کي هر زبان ۾ ترجمو ڪري، سندس فن ۽ زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي اجاگر ڪري، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙيو وڃي ها.“ [شهباز، قمر. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 12] قمر شهباز، شيخ ايازجي

شاعريءَ جي ڪيترن ئي ارتقائي ۽ تجرباتي مرحلن سان گڏ، سندس شروعاتي شاعريءَ جي صنفن ۾ تجنيس حرفيءَ تي، پڻ تفصيل سان لکيو آهي. هو تجنيس حرفيءَ کي مشرقي شاعريءَ جو ڏاج ڪري پيش ڪري ٿو ۽ سنڌي شاعري جي صنفن بيت، دوهي، وائي يا ڪافي، گيت توڙي غزل کي ان زيور سان سنواريل ڏيکاري ٿو. ان سان گڏوگڏ شاهہ سچل ۽ ساميءَ توڙي ڪانئن پوءِ وارن سگهڙن ۽ شاعرن جي تجنيس حرفيءَ کي ڪتب آڻڻ تي پڻ چڱي روشني وڌي اٿس. موجوده دؤر جا شاعر پڻ تجنيس حرفيءَ کي ڀرپور نموني پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آڻين ٿا. هو شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ پڻ تجنيس حرفيءَ جي استعمال کي وڏي واکي ساراهيندي، ان کي سندس شاعريءَ جي وڏي خوبي، ڪري پيش ڪري ٿو.

قمر شهباز جو هي ليک پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ کي، نه رڳو شيخ اياز جي فن ۽ فڪر جي پروڙ پوندي پر ان سان گڏوگڏ شاعريءَ جي گهاڙيٽن بابت دانشوراڻن خيالن جي پڻ پروڙ پوندي ٿي. چاڪاڻ ته هن فني نڪتن تي شيخ اياز جي شاعريءَ مان شاندار مثال پڻ هن لکڻيءَ ۾ ڪتب آندا آهن.

3.2.31. ''شيخ اياز هڪ عظيم شاعر ۽ عظيم شخص'' پريو ''وفا'': 3 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ پريو ''وفا''پنهنجي ننڍپڻ جون، ساروڻيون سارينديِ، شيخ اياز جي تخليقي فن ۽ شخصيت تي قلم کنيو آهي. ليکڪ، سندس ۽ شيخ اياز جي عمر ۾ 7 سالن جي فرق جو ذڪر ڪندي، سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي يادن کي ساريو آهي. ليکڪ لکيو آهي ته: پاڻ 1938ع ۾ سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ کي الوداع ڪيائين ته ان کان پوءِ شيخ اياز ان ڪاليج ۾ قدم رکيو، تنهن ڪري روبرو سندن پاڻ ۾ ويهڪون نه ٿي سگهيون. پوءِ هڪ معياري ''سنڌو مخزن'' جيڪو ''بولچند راجپال'' ڪيندو هو، جنهن ۾سنڌي شاعرن جي شاعري ڇپبي هئي. جڏهن ان ۾ شيخ اياز جي شاعري ڇپي ته ان کيس ڏاڍو متاثر ڪيو. ستت ئي ورهاڱي جي ڪري، هندو اديبن ۽ شاعرن کي سنڌ ڇڏڻي پئي ۽ اهي سنڌ کان عملي طور ڇڇي ويا. ان کان پوءِ سال 1963ع ۾ شيخ اياز جڏهن هندستان ويو، ته اتي نارائڻ شيام جي ساٿ سان، سندس ملاقات شيخ اياز سان ٿي. جنهن جو تفصيلي ذڪر پڻ هن لکڻيءَ ۾ ڪيو اٿس. ان کان سواءِ هن، شيخ اياز جي تخليقي فن تي روشني وجهندي، لکيو آهي ته: ''شيخ اياز ذات پات کان مٿي، هڪ الهلوڪ انسان آهي. هڪ پيار جي پنڌ جو پانڌيئڙو جو زندگيءَ جي سفر ۾ سيني کي ڳلي لڳائي، منزل ڏانهن ويندڙ رستن جو ڏس ڏيئي ٿو. اسان جي ايندڙ پيڙهي پڻ، مٿس فخر ڪندي چوندي ته: 'اسان ڪيڏا نه خوش نصيب آهيون، جو شيخ اياز اسان جي هن پوتر ڌرتيءَ تي پير پاتا هئا.''' [وفا، پريو. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 26] ان کان سواءِ نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز جي پاڻ ۾ دوستيءَ بابت تبصرو ڪندي، سندن هڪ ٻئي سان پيار ۽ پاٻوهه جي ڪري ڪين جاڙا پائر ڪري ڪوٺيو اٿس. نارائڻ شيام جي هن جهان مان ڪوچ ڪرڻ تي شيخ اياز کي پهتل صدمي تي لکندي سندس شعر (سانورا تون سنڌ کي، ڪر ڪائي آسيس؛ جيئن نه جهڪن سيس، ڪنهن جي اڳرائيءَ اڳيان) کي ڪوٽ ڪندي سندن پاڻ ۾ محبت ۽ منجهس سنڌ ۽ سنڌيت جي اثر کي پڻ نمايان ڪري ڏيکاريو اٿس.

3.2.32. ''شيخ اياز سنڌ ۽ سنڌيت جو عيوضي شاعر'' گوبند مالهي: 3 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ گوبند مالهي، شيخ اياز جي سنڌ ۽ سنڌيت تي، روشني وجهڻ کان پهرين ان دؤر جي نوجوانن جي

سنڌي ڪهاڻين جي ليکڪن جي مجموعي ”ريگستاني ڦول“ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن، انهن ڏينهن ۾ ادبي دنيا ۾ جوڳي مقبوليت ماڻي هئي. گڏوگڏ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي سياسي، ٽريڊ يونين جي سرگرمين ۽ نئين دنيا ڪتاب گهر جي اشاعت ۾ پنهنجي دلچسپيءَ بابت پڻ لکيو اٿس. جنهن دؤران سوڀي گيانچنداڻيءَ کيس، شيخ اياز جي شاعري، ڇپڻ جي صلاح ڏني. جنهن ڪان پوءِ سندس، شيخ اياز سان ملاقات ٿي ۽ بعد ۾ سندس انقلابي شاعري پرهه ڦٽي ميگزين جي منڌ ۾ ڇپي. جنهن سان ادبي افق ۾ سندس نالو روشن ٿيو، گڏوگڏ سندس لکيل ڪهاڻيون ”سفيد وحشي“ ۽ ”نظيران“ پڻ ڪامياب ٿيون. ان ڪان پوءِ هُن ”اڳتي قدم“ مخزن شروع ڪيو. سنت ئي کيس ورهاڱي جي ڪري سنڌ ڇڏڻي پئي. ان ڪان پوءِ شيخ اياز جي اڪيلي سر، محمد ابراهيم جويي ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي ساٿ سان پنهنجون ادبي تخليقي سرگرميون جاري رکيون ۽ ”اڳتي قدم“ جا 3 پرچا پڻ جاري ڪيا. ليکڪ سندس شروعاتي ڪتابن ”پينئور پري آڪاس“ ۽ ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ تي پابندي، سندس جيل وڃڻ، وائيس چانسلر ٿيڻ وغيره تي تفصيل سان لکيو آهي. ان ڪان سواءِ هن، الهداد ٻوهئي کي ڪوٽ ڪندي لکيو آهي ته: ”الهداد ٻوهئي جو رايو آهي ته شاهه لطيف تاريخ جوڙي ۽ شيخ اياز ان تاريخ جو عظيم ڪردار رهيو آهي. هن ائين به چيو ته اياز وائيٽل جگر وارو آهي.“ [مالهي، گوبند. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 28] ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي پاڻ لکيو اٿس ته اياز جي جگر جي پرک تڏهن ٿي، جڏهن سموري اولهه پاڪستان کي ’ون يونٽ‘ مڙهي، يڪو پرڳڻو ڪيو ويو. ان سنڌين جي زندگي تهان ئي وبال ڪري ڇڏي، پراونشل اٽانامي صوبي جي خودمختياري مڪمل ريت اسلام جي نالي ۾ ختم ڪئي وئي. سنڌ کي پنجاب جي ملٽري ڪالوني بڻايو ويو. گاديءَ جو هنڌ ڪراچيءَ مان بدلائي لاهور ڪيو ويو، جيئن سنڌ جي رهي کهي اهميت به ختم ٿي وڃي. اهڙيءَ ريت هن ون يونٽ جي احوال سان گڏوگڏ شيخ اياز جي ان جي خلاف جاکوڙ کي ساراهيندي، پنهنجي هن ليک کي پڄاڻيءَ تي پهچايو آهي.

3.2.33. ”اياز تي ٿيل تنقيد جو جائزو“ اي. جي. اتم: هندوستان جي سنڌي اديبن پاران، شيخ اياز جي شخصي ۽ شاعراڻين خامين تي جيڪا ٽيڪاٽپڻي ڪئي وئي هئي، تنهن تي تصبرو ڪندي، اي. جي. اتم 2 صفحن تي مشتمل هي ليک لکيو آهي. هن موجب اهي تنقيدي ليک، جن مخزنن ۾ ڇپيا تن ۾ ”ڪونج“ سال 1983ع ۽ ”سنڌي ٽائيمس“ سال 1986ع شامل آهن. ٻنهين مخزنن جي لکڻين ۾، جن اديبن ۽ شاعرن، تنقيدي ليک لکيا تن ۾ ڪلپنا، ايم ڪمل، هرچند اجهل شامل هئا. اي. جي. اتم موجب: شيخ اياز جي، جن ڳالهين تي تنقيد ٿيل آهي، تن مان هڪ: شيخ اياز پاران وائيس چانسلري قبول ڪرڻ ۽ ان ۾ ڪيل سندس غلطيون ۽ ٻي: سندس شاعريءَ ۾ خاص ڪوشش تحت، تجنيس خطيءَ سان موسيقي پرڻ، جنهن ڪري ان ۾ خيال جي گهرائيءَ جي کوٽ، جو پيدا ٿيڻ. ٽين ته: شيخ اياز، شاهه لطيف جي جهوني ۽ پراڻي ٻوليءَ جو پنهنجي شاعريءَ ۾ نقل ڪندي ڪيترائي، اهڙا متروڪ لفظ شامل ڪيا، جيڪي اڄوڪي ۽ ايندڙ دؤر ۾ ڏکيا ۽ منجهائيندڙ ثابت ٿيندا. هنن ڳالهين جي ليکڪ تفصيل سان ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. گڏوگڏ طارق اشرف لاءِ پڻ ”جهولي لعل“ جي شيخ اياز ۽ شيام لاءِ نڪتل پرچي ۾ اي. جي. اتم لکيو ته: ”سنڌ وارن کي اهو ٻڌي عجب لڳندو ته طارق هتي شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ شرڪت وقت، مون کي اياز پرچي جي ڪاپي ڏيندي، مغل جو ليک پڙهڻ لاءِ ور ور چيو ۽ پنهنجو ليک، خاص سنڌو نگر ۾ وڃي

نارائڻ پارٽيءَ جي ’سنڌي ٽائيمز‘ ۾ ڇپايو. ان مان طارق ۽ پارٽيءَ جي مراد ظاهر آهي.“ [اتم، اي جي. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 34]

اي. جي. اتم جي ان لکت جو وضاحتي جواب طارق اشرف، سندس هن لکڻيءَ جي آخر ۾ تفصيل سان ڏيندي، سندس موقف کي مڪمل رد ڪيو آهي. هتي ان جو اختصار ڏجي ٿو: ”اتم جي انهي ڳالهه ۾ حقيقت ڪانهي. انهي جو ثبوت اهو آهي ته اياز نمبر مون نه بلڪ، هري موٽواڻيءَ کيس ڏنو هو. مان ته بيماريءَ سبب انهي ڏينهن سيمينار ۾ ويو ئي ڪون هوس. سنڌو ننگر ۾ منهنجي ملاقات نارائڻ پارٽيءَ سان نه ٿي هئي. انهي جو شاهد موهن ڪلپنا آهي، منهنجي اتم سان ملاقات مختصر ۽ بيٺي بيٺي ٿي هئي سو مان کيس مغل جي مضمون پڙهڻ لاءِ ور ور ڪيئن ٿي چئي سگهيس. منهنجي نيت خراب هجي ها ته مان شيخ اياز تي به به نمبر نه ڪڍان ها. مان مصلحت پسند هجان ها ته پوءِ ايترا پيرا جيلن ۾ نه وڃان ها، پريس به ضبط نه ٿئي ها ۽ نه ئي سهڻيءَ تي 13 سال پابندي رهي ها ۽ اڄ مون وٽ گهٽو ڪجهه هجي ها.“ [اشرف، طارق. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 34]

**3.2.34. ”اياز جي شاعريءَ تي هڪ اڏامندڙ نظر“ هري دلگير:** 3 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ هري دلگير، شيخ اياز جي شروعاتي شاعريءَ تي روشني وڌي آهي. جنهن ۾ شيخ اياز جي شروعاتي شاعري، جيڪا ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ ٿي، جنهن سنڌ توڙي هند ۾ پنهنجي ڌاڪ ڄمائي هئي. هري دلگير موجب، سندس شاعري ڪشنچند بيوس جي پيچري تي هئي، جنهن جو اعتراف نئين زندگيءَ جي اپريل 1963ع واري ڇاپي ۾ شيخ اياز پاڻ ڪيو آهي. گڏوگڏ مختلف اديبن ۽ شاعرن جا مثال ڏئي شاعريءَ جي صنف، گيت ۾ سندس فن تي، ڇڻي روشني وڌي آهي. ان کان سواءِ هن سندس وائي، بيت، هائيڪي ۽ منظوم درامن تي روشني وجهندي، پڻ لکيو آهي. هن موجب: ”شيخ اياز جي شاعري، شاهه لطيف جي شاعريءَ وانگر، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ ڪرشمو آهي ۽ هو شاهه کان پوءِ اسان جو مڙني ۾ ممتاز شاعر آهي.“ [دلگير، هري. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 35] هري دلگير، شيخ اياز جي شاعريءَ تي پنهنجي لکڻيءَ جي آخر ۾ تبصرو ڪندي، ڄاڻائي ٿو ته: اياز جي شاعري بلندين کي ڇهي، هيٺ لهي رهي آهي. هو سندس تازي شاعري ۾ اڳيون دم ۽ اڳين اڇل نٿو ڏسي جيڪا کيس، سندس پهرين 5 ڪتابن ۾ ڏسڻ ۾ آئي. کيس انهن ڪتابن جي ٻولي لاجواب لڳي آهي. جنهن لاءِ وزن جو مثال ڏيندي پاڻ چوي ٿو ته: ”انهي شاعريءَ ۾ ڪا به ماترا ڪيرائي نه وئي آهي ۽ نه وري وزن کي پرڻ لاءِ ڪو اجايو لفظ ڪتب آندل آهي. تجنيس جي ترڪيب به لڳ ڀڳ اهڙي آهي، جهڙي شاهه جي ٻوليءَ ۾. پر سندس پوين ڪتابن ۾ تجنيس به گهٽ آهي ۽ ماترائون به حذف ڪيون ويون آهن.“ اپر چند پس پرين ۽ راڄ گهاٽ تي چنڊ ۾ ڏنل هائيڪن تي تبصرو ڪندي، هري دلگير لکيو آهي ته: ”اهي هائيڪا جڻ ته لفظي راند آهن ۽ فن غلطيون به ڪافي آهن. پر هتي اپٽار جي گنجائش ڪانهي.“

اهڙي تنقيد کان پوءِ به هري دلگير، شيخ اياز جي هن صديءَ جي 7 ڏهاڪي تائين لکيل پورهئي بابت لکيو آهي ته سندس (شيخ اياز جي) ان پورهئي کي، ڪٽي باقي جيڪڏهن رد به ڪجي تڏهن به شيخ

اياز ۽ شاهہ لطيف کان ٻيو نمبر وڏو شاعر آهي. پاڻ معترف ٿيو آهي ته جيتوڻيڪ کيس ڪشنچند بيوس ۽ نواز علي نياز جهڙا رهبر مليا تڏهن به اياز جو شعر پڙهندي بعضي بعضي سندس دل ۾ خيال پيدا ٿيندو آهي ته پاڻ، اياز جهڙو شعر چو نٿو لکي سگهي، جڏهن ته پاڻ شيخ اياز کان ڏهاڪو سال اڳ شاعري شروع ڪئي اٿس. هن ليک جي آخر ۾ پنهنجي ان مونجهاري تي پاڻ کي شاهہ جي شعر سان ئي آٿت ڏني اٿس ته:
”ڏات نه آهي ذات، جو وهي سو لهي.“

3.2.35. ”ڳهٽي جهڙو ڳاٽو“ حميد سنڌي: 4 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ حميد سنڌي، شيخ اياز جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت تفصل سان لکندي، پنهنجي ننڍپڻ جي ساروڻين کي ساريو آهي. هن، زندگيءَ جي انيڪ تجربن جي روشنيءَ ۾، اميد، خوف، خوشي ۽ حراس تي تفصيل سان لکيو آهي. گڏوگڏ ”روح رهاڻ“ ۾ سنڌ جي مستقبل لاءِ فڪرمنديءَ سان لکندڙ ليکڪن تي لکندي، لکيو آهي ته: ”شيخ اياز جي شاعريءَ ’روح رهاڻ‘ ۾ روح وجهي ڇڏيو هو.“ هن روح رهاڻ جي ايڊيٽر ۽ جي حيثيت سان، شيخ اياز بابت لکيو آهي ته: ”مون شيخ اياز جي شاعريءَ کي، ڏاهپ جي راند وڙهندي ڏٺو ۽ هن ڪيترن هنڌن تي، منفي انداز ۾ اظهار مان مثبت نتيجا حاصل ڪيا.“ [سنڌي، حميد. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 39] وڌيڪ سندس نظم ۽ نثر ۾سنڌ جي نئين نسل لاءِ فڪرمنديءَ واري جذبي تي پڻ، تفصيل سان روشني وڌي اٿس.

حميد سنڌيءَ، شيخ اياز جي شاعريءَ کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪرشمو سڏيو آهي. گڏوگڏ هو سمجهي ٿو ته سندس شاعري، سنڌ جي هر ڏکويل جي دانهن ۽ ڪوڪ ٻڌجي سنڌ جي ماٿريءَ ۾ گونجي ۽ پڙاڏا پيدا ڪندي رهي، جنهن سان هر فڪرمند ۽ خوف ۾ ورتل طبقو پنهنجا ڪن کڙا ڪري چرڪي آسائتيون اکيون کڻي اپو ٿي ويو. روح رهاڻ بابت لکندي، هن ان کي سڄاڻ طبقي جو پليٽ فارم سڏيو آهي ۽ کين متحد ڪرڻ جو وسيلو سڏيو اٿس. جتي، محفلون ۽ مشاعرا ڪرائي فڪرمندن کي ڌيءِ ڏنو ويندو هو ته جيئن هرڪو نئون فڪر پرائي پر اميد ٿي سنڌ جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ سندرو ٻڌي نڪري.

3.2.36. ”اپر چنڊ، پسُ پرين“ (اياز جا فڪري لاڙا) يوسف شاهين: 3 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ جو عنوان، شيخ اياز جي مجموعي ”اپر چنڊَ، پَسُ پرين“ تان کنيو آهي. جنهن ۾ يوسف شاهين شيخ اياز جي فڪري لاڙن تي، تفصيل سان لکيو آهي. شيخ اياز شروعات کان سوشلسٽ ۽ ترقي پسند قدرن کان متاثر ٿي، انهن کي بنياد بنائي پنهنجي شاعريءَ جي، شاندار عمارت تعمير ڪئي، پر نيٺ مايوس ٿي، انهن قدرن کي مدي خارج قرار ڏنائين. يوسف شاهين لکيو آهي ته: ”ڪتاب ’اپر چنڊ پسُ پرين‘ جي مهاڳ ۾ شيخ اياز پاڻ اهڙو ذڪر ڪيو آهي ته: سندس گهڻي رغبت، ماديت جي فلسفي سان رهي آهي. جنهن جو اظهار ۽ سندس شاعريءَ مان پسي سگهجي ٿو. سندس ڪميونزم جي بنيادي فلسفي، جدلياتي ماديت جي اعتبار کي لوڏي ڇڏيو آهي.“ [شاهين، يوسف. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 42] ان سان گڏوگڏ ليکڪ ۽ شيخ اياز جي ٻيهر جنم وٺڻ، روح بقاء ٻي ڪائنات، انت، لا انت، زمان ۽ مڪان بابت سندس بحثن ۽ ذاتي مشاهدن تي پڻ تفصيل سان لکيو آهي. سندس خيال آهي ته اهڙيءَ ريت شيخ اياز ۽ ان واٽ ڏانهن نهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن تي شاهہ، سچل ۽ سامي هلي چڪا آهن. سندس خيال موجب، اهڙيون ڳالهيون شيخ اياز ۽

گذريل چند سالن کان ان ڪري ڪرڻ شروع ڪيون آهن، چاڪاڻ جو ڪيس سج لهڻ جو احساس، پوري قوت سان ويڙهي ويو آهي. سندس الوداعي بيت ۾ گيت ان احساس جا گواهه آهن.

3.2.37. ''شيخ اياز _ منهنجو دوست'' فتاح ملڪ: 3 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ فتاح ملڪ، شيخ اياز سان پنهنجي دوستيءَ جا 2 سبب ڄاڻايا آهن: هڪ شيخ اياز جو پاڙيسري ۽ هم پيشه هجڻ ۽ ٻيو علمي ادبي ۽ سياسي ساٿي هجڻ. ان کان سواءِ هن، شيخ اياز جي ون يونٽ ۽ مارشل لا واري دؤر وارين حالتن ۾ سندس انقلابي شاعريءَ جي ڪري گرفتار ٿيڻ ۽ ڪيس مليل عقوبتن بابت پڻ پيرائتو لکيو آهي. هن موجب تن ڏينهن ۾ جن اديبن ۽ شاعرن، شيخ اياز جو ساٿ ڏنو تن ۾ محمد ابراهيم جويو، رشيد ڀٽي، غلام رباني آگرو، حميد سنڌي تنوير عباسي ۽ بيگم زينت چنا شامل آهن. هن شيخ اياز جي شاعريءَ بابت لکيو آهي ته: ''اياز جي سچي انسان واري پر عظم انقلابي شاعريءَ سنڌي ماڻهوءَ تي ڏاهپ جو ڏنگ هنيو. 1965ع واري جنگ دؤران اياز هڪ اهڙو شعر لکيو، جنهن هند ۽ سنڌ ۾ ٽرٿلو مچائي ڇڏيو. اهو شعر دراصل امن جو پيغام هيو. پر پاڪستان جي فاشي ڪتن کي امن گهرجي ئي ڪون، سو ڪين تير وانگيان هنيانءَ ۾ لڳو. اياز کي ان شعر چوڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو.'' [ملڪ، فتاح. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 47] جيتوڻيڪ پاڪستان جا ڪيترائي شاعر جنگي ترانا لکي رهيا هئا پر سنڌ جي شاعر امن جي شعر لکڻ جي ڏوهه ۾ جيل ڪاٽيو. اهڙي عجب جهڙي صورتحال هن رياست جي ٻٽي معيار تان پردو کڻي ٿي. ليکڪ انهن پاسن تي پڻ روشني وڌي آهي.

3.2.38. ''اياز جي فڪر جو سفر'' نند جويري: نند جويريءَ 4 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ جي شروعات، وڏن وڏن اديبن جي وڏين وڏين مڃتائن يا سرٽيفڪيٽن سان ڪئي آهي، جيڪي شيخ اياز کي وڏن اديبن هٿان ڏنا ويا هئا. ان سان گڏ سندس تخليق ڪيل شاعريءَ کي، ادبي ڪسوٽيءَ سان پرکڻ جي، جن اديبن ڪوشش ڪئي آهي ۽ ادبي تنقيد واري پهلوءَ تي قلم کنيو آهي، تن جو پڻ تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿس. گڏوگڏ هن، شيخ اياز جي شروعاتي شاعريءَ تي پڻ لکيو آهي. جنهن ۾ شيخ اياز پاران ڀڳت سنگهه تي لکيل طويل نظم، راجا ڏاهر، هيمون ڪالاڻي وغيره کي پنهنجي نظمن ۾ امر ڪرڻ شامل آهي. ليکڪ، انهن مرڻني جي ذڪر سان گڏ، شيخ اياز جن پنهنجن، ڪميونسٽ دوستن مان متاثر هو، تن تي پڻ ليکڪ تفصيل سان روشني وڌي آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ تي تبصرو ڪندي لکيو اٿس ته: ''سندس ليک کي، اپياسي مضمون سمجهڻ کپي، ڇاڪاڻ ته هو نه ڪا تنقيد ڪرڻ ٿو گهري ۽ نه وري ڪا ثناخواني ڪرڻ جي خواهش اٿس.'' [جويري، نند. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 48] نند جويري، شيخ اياز جي پهرئين شعر بابت لکيو اٿس ته: اهو شاگرديءَ واري زماني جو هڪ ڪيڪار (سواگتي) شعر آهي، جيڪو شيخ اياز، وير ساورڪر جي آجيان جي لاءِ لکيو جيڪو ''سنسار سماچار'' جي پهرئين صفحي تي ڇپيو. شيخ اياز سان لڳ لاڳاپي بابت لکيو اٿس ته هن ڪانئس ڪيترائي ڪتاب گهرايا جن ۾ ساورڪر، جو 1857ع جي لڙائيءَ بابت لکيل ڪتاب، ساورڪر، جي جيون ڪٿا شامل آهن. شيخ اياز جي طويل نظم ''ڀڳت سنگهه کي ڦاسي'' جيڪا 30 صفحن تي مشتمل آهي. تنهن بابت پڻ وضاحت سان لکيو اٿس. جڏهن ته ليکڪ شيخ

اياز پاران ”راجا ڏاهر“ کي سنڌي قوم جو قومي هيرو ڪري پيش ڪرڻ، واري عمل کي پڻ ڏايو واکاڻيو آهي.

3.2.39. ”شيخ اياز نثر نويس“ ڊاڪٽر نارائڻ پارتي: 2 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ نارائڻ پارتي، شيخ اياز جي نثرنويسيءَ تي، تفصيل سان لکيو آهي. جنهن ۾ سندس نثري ڪتاب: سفيد وحشي، پنهل کان پوءِ، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي شامل آهن، جن پڙهندڙن جو وڏيڪ ڌيان ڇڪايو. ان سان گڏ ليکڪ سندس يادگيرين تي مشتمل 2 ڪتابن: ”ساهيوال جي ڊائري“، ”ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون“ تي پڻ لکيو آهي. نه رڳو اهو پر هن، آتم ڪٿائي روپ ۾ لکيل ڪتابن: ”خط، تقريرون ۽ انٽرويو“، ”جگ مڙوئي سپنو“ توڙي شيخ اياز جي وسيع مطالعي تي پڻ تفصيل سان لکيو آهي. ليکڪ شيخ اياز جي اپياس جي واکاڻ مان نٿو ڍاپي لکيو اٿس ته: ”سنڌيءَ جا ڪي ٿورڙا شخص آهن، جن اياز جيترو، جهڙو اپياس ڪيو آهي ۽ ان اپياس کي پنهنجي نموني بخوبي پيش ڪيو آهي“ [پارتي، نارائڻ. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 55] هن شيخ اياز جي نثر جي ڪتابن: ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“، ”ساهيوال جيل ڊائري“، ”خط تقريرون انٽرويو“، ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون“ ۽ ”جگ مڙوئي سپنو“ جا نالا ڪڻي، انهن جي هر صفحي تي دنيا جي جدا جدا ٻولين جي ادب جي ليکڪن جي ڏنل حوالن کي پڻ سهڻي نموني واکاڻيو آهي. هن شيخ اياز جي ادب، سياست ۽ ٻين موضوعن تي ڪيل اپياس بابت پڻ لکيو آهي ته شيخ اياز انهن عنوانن سان لاڳاپيل ڪتابن کي نه رڳو پڙهيو آهي پر انهن ۾ موجود مواد کي سمجهيو به آهي. اهو ئي نتيجو آهي جو سندس قلم مان نڪتل لفظ لفظ، گهڙهي مطالعي جو شاهد آهي. منجهس دنيا جي، اڪابرن جي آزمودن مان نڪتل، توريل تڪيل، ڏاهپ جا ڏس ڏنل آهن.

3.2.40. ”ڪاتب جو قلم“ ريٽا شاهاڻي: ريٽا شاهاڻيءَ پنهنجي هن ڏيڍ صفحي تي مشتمل لکڻيءَ جي، شروعات سن 1965ع جي، انهن ڏينهن جون ساروڻيون سارينديءَ ڪئي آهي، جڏهن هوءَ پنهنجي مائٽاڻي گهر (ڪلڪتي شهر) ويندي هئي. جتي سندس ڏاڏي وٽ شعر و شاعريءَ جي محفل مچندي هئي. جنهن ۾ شيخ اياز جي ڪتاب ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ مان شعر پڙهيا ويندا هئا. ان سان گڏ هن، پنهنجي انهن يادگيرين جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. جڏهن سن 1990ع ۾ ”شاهه سچل ۽ سامي“ سيمينار دؤران سندس ملاقات، شيخ اياز ۽ سندس زال زرينه سان ٿي هئي. هن لکڻيءَ ۾ شيخ اياز جي هندستان جي سفر ۽ گڏجاڻين جو، احوال پڻ تفصيل سان ڏنو اٿس. سندس لکڻ ۾ عجب چاشني آهي، هتي سندس ليک مان هڪ ٽڪرو ڏجي ٿو: ”مان ڪاتب جي ان قلم تان ٻلهاري آهيان، جنهن مون کان اهو بنگلو خريدايو، جنهن ۾ منهنجو چاچو ’منگهارام ملڪاڻي‘ ديهانت کان ڪجهه ڏينهن اڳ اچي رهيو هو ۽ مون هن جي صحبت جو فيض حاصل ڪيو هو. مان ڪاتب جي ان آڱر تان به ٻلهاري آهيان، جنهن ان ئي بنگلي ۾ شيخ اياز جو چئن ڏهاڙن جو قيام ڪرايو. ان ئي بنگلي ۾ اڪثر ادبي گڏجاڻيون، ٿينديون رهنديون آهن ۽ ٿينديون رهنديون.“ [شاهاڻي، ريٽا. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 57]

3.2.41. ”شيخ اياز، سنڌي شاعريءَ جو نئون جنم“ پروفيسر ڊاڪٽر ارجن شاد: پروفيسر ڊاڪٽر ارجن شاد، 2 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ جي شروعات، ”شيخ اياز جي شروعاتي شاعري ڪرڻ“ ۽ ”شعر کي نئون جنم ڏيڻ“ کي 2 الڳ ڳالهيون ڄاڻائيندي مٿن لکڻ سان ڪئي آهي. ان کان سواءِ هو، شاهه لطيف کان پوءِ شيخ اياز کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ پاڳوند پائيندي، ڪيس سنڌي ٻوليءَ لاءِ اهڙي، شاعريءَ کي جنم ڏيندڙ شاعر سمجهي ٿو، جنهن سان سنڌي ٻولي اجاگر ٿي آهي ۽ منجهس خوبصورت واڌارو پڻ آيو آهي. ان سان گڏ ليکڪ، ديس جي ورهاڱي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين، جي ٻي وطن ٿي رهڻ وارين حالتن تي پڻ، تفصيل سان لکيو آهي. هن، شيخ اياز جي شاعريءَ لاءِ لکيو آهي ته: ”شيخ اياز جي شاعري سماجواد، انسان دوستي ۽ سنڌ سان بي انتها محبت جو اظهار آهي ۽ اهو سندس وجود جو عڪس آهي، جيڪو هميشه سندس جيءَ سان جڙيل رهيو آهي.“ [شاد، ارجن. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 59] ان کان سواءِ هن، ديس جي ورهاڱي سبب پنهنجي پياري وطن جي وڃائجڻ جو دک پڻ ونديو آهي. هن سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين جي حالت جو ذڪر پڻ وڏي شد مد سان ڪيو آهي. جنهن ۾ هو چڻ ته سندن وطن ۾ هوندي بي وطن هجڻ واري احساس جي نمائندگي ڪري ٿو. شيخ اياز جي شاعر هجڻ جي باوجود به سياست کان پري نه ٿيڻ تي روشني وجهندي، لکيو اٿس ته اجوڪي دؤر ۾ سياسي حالتن کان هرڪو متاثر ٿئي ٿو، پر شيخ اياز ته هڪ نهايت جذباتي انسان آهي. هڪ حساس شاعر پنهنجي پياري ڌرتيءَ مٿان ڊڪٽيٽر شاهيءَ جو ظلم ڏسي، پنهنجي آزاد طبيعت جو جولان پڙڪا کائي قلم جي ذريعي ڪئين نه چوڦير ڦهلجندو، شيخ اياز جي اهڙي انقلابي شاعريءَ کان هر سنڌي چڱيءَ ريت واقف آهي. ان کان سواءِ شيخ اياز سان، پنهنجي تعلق بابت پڻ لکيو اٿس ته هن جي، ڪاليج کان وٺي ساڻس دوستي هوندي هئي.

3.2.42. ”اياز انسان دوست شاعر“ رڪن الدين قاسمي: 2 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ رڪن الدين قاسمي، شيخ اياز سان گهاريل گهڙين بابت، پيرائتو لکيو آهي، جنهن ۾ شڪارپور جي ڪاليج، سي اينڊ ايس (چيلا رام ۽ سيتل داس) جو ذڪر ڪيو اٿس، جيڪو تنهن وقت اتر سنڌ ۾ هڪ ئي ڪاليج هوندو هو. جنهن ۾ ٻئي گڏجي پڙهيا هئا ۽ ان دؤران سندن پاڻ ۾ دوستي ٿي هئي. وڌيڪ پنهنجي دوستيءَ جو مثال ڏيندي، پاڻ ڪاليج ۾ منطق جو مضمون پڙهڻ جو ذڪر ڪيو اٿس: ”منطق مون کي سمجهه ۾ نه ايندو هو ۽ اهو سمجهائڻ لاءِ شيخ اياز روزانو، شڪارپور جي شيخ محلي کان صدر تائين، هڪ ميل پنڌ جو ڪري ايندو هو.“ [قاسمي، رڪن الدين. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 61] ان کان سواءِ ليکڪ، سندس سياسي سفر توڙي، ڪوي ٻڌجي اڏرڻ ۽ جماعت اسلاميءَ پاران، سندس مخالفت ڪرڻ جو پيرائتو احوال پڻ درج ڪيو آهي. شيخ اياز جي شخصيت بابت، ويچار ونڊيندي لکيو اٿس ته: ”شيخ اياز هڪ سوشلسٽ آهي ۽ سنڌي قوم ۽ سنڌيءَ جي ڏک درد کي، پنهنجي من جي پيڙا ٿو سمجهي. اياز جنگ جدل جو سخت مخالف آهي. جڏهن ته هو ڏسي ٿو ته هڪڙو ملڪ ٻئي ملڪ کي هيسائڻ لاءِ بم هڻي ٿو ته ان کي پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏي ٿو.“

3.2.43. ''پنهنجا ساريم سومرا'' مدد علي سنڌي: 3 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ جي شروعات، مدد علي سنڌيءَ شيخ اياز سان، سندس پهرين ملاقات ۽ چاڻ سڃاڻ سان ڪئي آهي. جيڪا ساڻس ''روح رهاڻ'' جي جشن ۾ ٿي هيس. جنهن کان پوءِ منجهن، دوستيءَ جو لاڳاپو جڙيو. وڌيڪ هن لکڻيءَ ۾، ان وقت جي سياسي اٿل پٿل جو پڻ، پيرائتو احوال درج ٿيل آهي. جنهن ۾ هن، ايوب خان جي مارشل دؤران، انقلابي شاعريءَ جي ڪري، شيخ اياز جي جيل پوڳڻ جو احوال پڻ لکيو آهي. ان سان گڏوگڏ ليڪ يحيىٰ خان جي مارشل لا دؤران عوامي تحريڪ جو وجود ۾ اچڻ، شيخ اياز سميت ڪيترن ئي اديبن جي، ان ۾ شموليت توڙي بنگال ٽٽڻ کان پوءِ هڪ پيرو ٻيهر، سندس قيد ٿيڻ ۽ ضياءَ جي مارشل لا سان گڏ شيخ اياز جي وائيس چانسلريءَ واري دؤر تي پڻ روشني وڌي آهي. شيخ اياز بابت پنهنجا ويچار ونديندي لکيو آهيس ته: ''شيخ اياز بنيادي طور تي، هڪ حساس دل شاعر آهي ۽ شاعر هجڻ سان گڏ، هڪ انسان به آهي. سندس ٻگهي جدوجهد ۽ وسيع اپياس، اسان جي آڏو آهي. نئڊي کنڊ ۾ هن وقت ڪو اهڙو اديب ڪونهي، جنهن پنهنجي ٻوليءَ ساهت جا مٽ، ويهي ايئن پريا هجن، جيئن شيخ اياز سنڌي ساهت کي مالا مال ڪيو آهي.'' [سنڌي، مدد علي. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 63] ماضيءَ جون ساروڻيون سارينديي لکيو آهيس ته ڪيس اهو زمانو به ياد آهي، جڏهن سمورا ماڻهو ويهي اياز تي گند اڇلائيندا هئا ۽ ڏسڻ وائسڻ ڳائڻ، شيخ اياز جو ڪلام ڳائڻ، بند ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪن سڄڻن نقلي نالن ۾ ويهي مٽس لکيو، پر شيخ اياز جي شاعري، ڪنهن اوچي وڻ جيان آسمان سان ڳالهيون ڪندي پي وئي.

3.2.44. ''ڌرتيءَ جيڏو شاعر ۽ سنڌ'' ناهيد ممتاز مغل: 2 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ ۾ ناهيد ممتاز مغل شيخ اياز جي جنم کي، سنڌ ڌرتيءَ لاءِ پاڳوند پائيندي، سندس تخليقي فن کان متاثر ٿيندي لکيو آهي ته: ''شيخ اياز رڳو ڌرتيءَ لاءِ نه، پر سموري ڪائنات لاءِ گيت لکي ٿو. سندس ذات، خوشبوءِ جيان ڦهلجندڙ ۽ اڏامندڙ آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ مارئي، سسئي، سهڻي ميهار، هير رانجهو ۽ مومل جي گونج جو پڙلاءُ آلاپجي ٿو.'' [مغل، ناهيد ممتاز. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 70] ان کان سواءِ هن پنهنجي هن لکڻيءَ ۾ شيخ اياز کي ڌرتيءَ جيڏو شاعري ڪري پيش ڪيو آهي، جنهن سنڌ ۽ سنڌ واسين تي جڏهن لکيو آهي ته سندس ذات جو سمنڊ سندس قلم کي بيهڻ نه ڏنو آهي، هو لکندو ٿو رهي ۽ ايئين ٿو پائني ته جنهن وقت به مون گيت چيو، هن ڌرتيءَ جو چڻ ڪو ئي قرض چڪو آهي.

تو چيو سنڌڙي، مون چيو جنڊڙي
مون پرولي سلي، مون پرولي سلي.
تو تان واريان جند، منهنجي منڙي سنڌ.

3.2.45. ''اسان تي الزام آندا جڳ جيئڻ جا'' غفار ڪوسو: هن لکڻيءَ ۾ غفار ڪوسي، شيخ اياز جي تخليقي فن تي روشني وڌي آهي. جنهن ۾ لکيو اٿس ته: ''شيخ اياز جي، سموري زندگي تخليقي فن ۾ گذري آهي. سندس عظيم شاعريءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو واڌارو ڪيو آهي.'' [ڪوسو، غفار. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 72] گڏوگڏ ليڪ سنڌ، سنڌي عوام ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ شيخ اياز جيڪا فڪري تحريڪ، جي

سرواڻي ڪئي هئي، تنهن تي سندس شاعريءَ مان مثالن سان حوالا ڏئي تفصيلي روشني وڌي آهي. ان کان سواءِ هن، شيخ اياز تي ٿيل، تنقيد تي پڻ لکيو آهي. جنهن ۾ خاص ڪري، قومپرست ڏاهي عبد الواحد آريسر پاران لکيل، تنقيدي مضمون جي جواب وارو حصو، وڏي اهميت رکي ٿو. هن ٻوليءَ جي هنگامن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته ان دؤران سنڌ دشمنن شيخ اياز تي حملا فقط ان ڪري ڪيا ته هو، سنڌي ٻوليءَ جي جديد سنڌي شاعريءَ جو اهم شاعر هو. پر شيخ اياز ان جي پرواهه نه ڪئي ۽ ان ٻوليءَ کي امر بڻائي ڇڏيو، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن ترقي پسند خيالن کي پيش ڪيو جن، رجعت پرستيءَ جي صدين کان بيٺل ديوار ۾ ڏار وجهي ڇڏيا. ليڪ موجب ان سبب جي ڪري دشمنن طرفان شيخ اياز کي دهريو، ڪافر سڏيو ويو ۽ واويلا مچائي سنڌ دشمن اردو پريس ۽ رجعت پرست سنڌ دشمن اديبن شيخ اياز کي منڪر ثابت ڪرڻ لاءِ حيلا هلايا.

3.2.46. ”سنڌي ادب جي اندلٺ _ شيخ اياز“ سنتوش ڪامراڻي: سنتوش ڪامراڻيءَ پنهنجي 2 صفحن تي مشتمل هن لکڻيءَ جي شروعات، پنهنجي ساروڻين سان ڪندي، انهن کي پاڻ لاءِ املهه خزانو ڄاڻايو آهي. جنهن ۾ هو شيخ اياز سان گهاريل سندس انهن گهڙين کي ڪارائتو ڄاڻائي ٿو، جن ۾ علم، ادب، انقلابي ادب ۽ ٻين موضوعن تي، هن جون ساڻس ڪچهريون ٿيون. اهو ذڪر ڪندي هو، ڪيس ادب جو ”گاڊ فادر“ ڄاڻائي ٿو. ان کان سواءِ هُن، هن لکڻيءَ ۾، سندس شاعريءَ جي فن ۽ فڪر تي پڻ تفصيل سان روشني وڌي آهي. سنتوش ڪامراڻي، شيخ اياز جي انقلابي ادب بابت لکيو آهي ته شيخ اياز کيس ٻڌايو ته: ”اها ڪا راند نه آهي، پر اهو ته سچي عمر جو پورهيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اڄوڪي ههڙي ادب ۾ جذبات ته آهي، پر روح ڪونهي. سچي روسي انقلابي ادب کي هڪ نظر ۾ ڏسجي ته هنن مائڪو وسڪي ئي پيدا ڪيو آهي. ڪو به ماڻهو شاعري جوڙي نٿو سگهي، اها ته اندر جو آواز هوندو آهي.“ [ڪامراڻي، سنتوش. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 77]

## 3.3 شيخ اياز جي ڪتابن مان چپيل چونڊ نثري ٽڪرا

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڇپيل، گهڻن ئي مضمونن جي پڇاڙيءَ ۾ گهڻي ڀاڱي، شيخ اياز جي ڪتابن مان چونڊ ٽڪرا ڪٽي ڇاپيل آهن. انهن مڙني نثري ٽڪرن جو ڳاڻيٽو 53 آهي. جيڪي شيخ اياز جي هيٺين 5 ڪتابن مان کنيل آهن:

3.3.1. رڻ تي رم جهم
3.3.2. ساهيوال جي ڊائري
3.3.3. خط، انٽرويو، تقريرون
3.3.4. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي
3.3.5. ڪراچيءَ جا راتيون ۽ ڏينهن

جيتوڻيڪ، ڇاڻايل سڀئي نثري ٽڪرا مختصر طور تي مواد جي پراءَ طور ڪتب آندا ويا آهن؛ يعني جتي ڪنهن ليک جي پوري ٿيڻ کان پوءِ جوڳي جاءِ بچي پئي آهي ته اتي، چونڊيل نثري ٽڪرو ڇاپيو ويو آهي. اها ته ٿي سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن جي، ڇاپي ضرورتن جي سيٽنگ جي گهرج؛ پر رسالي جي ان بچيل جاءِ کي اهڙي نموني، ڪارائتو بڻائي ڪتب آڻڻ هڪ نهايت سچاڻ پبلشر جي ماهراڻي خوبي آهي. پئي پاسي وري انهن نثري ٽڪرن جي مواد جو جائزو وٺڻ سان ڪل پوي ٿي ته انهن جي چونڊ، جنهن ماهراڻي انداز سان ڪيل آهي، تنهن جو ڪو جواب ڪونهي.

هيٺ سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل، مڙني نثري ٽڪرن کي پنهنجي ڪتابن جي عنوان موجب ورڇي، انهن جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي:

**3.3.1. ڪتاب ’’رڻ تي رم جهم‘‘ مان ڇپيل چونڊ نثري ٽڪرا:** شيخ اياز جي هن ڪتاب مان ڪل 06 نثري ٽڪرا، سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇاپيل آهن. جيڪي ان ڪتاب جي مهاڳ منجهان کنيل آهن ۽ اهو مهاڳ، ماهتاب محبوب جو لکيل آهي. هنن نثري ٽڪرن منجهه، ماڻهپي تي گهڻو زور ڏنل آهي. گڏوگڏ ليکڪا هڪ شاعر ۽ اديب جو لاڳاپو، سڌو سنئون انسان ذات سان ڳنڍيل ڏيکاريو آهي ۽ سندس خيال آهي ته ان کي، سياسي توڙي سماجي نظام، سان پيڙهه بنهه غلط ٿيندو. ’’جڏهن ڪو ليڪ عظيم ٿيندو آهي، تڏهن سماج کيس، بغاوت ڏانهن مائل ڪندو آهي.‘‘ [محبوب، ماهتاب. سهڻي ش. ا. ن. 01، 41] ڪنهن شاعر ۽ اديب کي، ڦرندڙ گرندڙ سياسي ۽ سماجي نظام سان پيڙهڻ نه گهرجي. عظيم ليک سماجي اٿبرابريءَ کي ڏسي ان کان بغاوتون ڪندا آهن. ليکڪا، شيخ اياز جي سياسي غلطي ۽ حالتن سان ڪمپرومائيز ڪرڻ تي پڻ روشني وڌي آهي. جڏهن ته هن اهڙي وضاحت پڻ ڏني آهي، ته: ’’شيخ اياز پاڻ ان غلطيءَ کي، پنهنجي چڪ نٿو مڃي.‘‘ [محبوب، ماهتاب. سهڻي ش. ا. ن. 01، 45] ڏسجي ته ليکڪا اهڙيون سچايون، بيان ڪرڻ سان هڪ شاعر جي شخصيت جي، سيني پاسن تي چٽي روشني وڌي آهي. ان

ڪان سواءِ انهن نثري ٽڪرن ۾ ليکڪا شاعر جي حساس احساسن جي ترجماني، ڪندي ڪيس ”دلين جو ڪاٽڪو“ پڻ سڏيو آهي. ”شاعرن جي تخليقي اڏار، سخت دلين کي پڻ نرم ڪري، مٿن دائمي اثر ويهاري ڇڏيندي آهي.“ [محبوب، ماهتاب. سهڻي ش. ا. ن. 01، 53] ليکڪا اٽڪري راءِ ڏيندي، شيخ اياز جي وائيس چانسلري ماڻڻ تي، ارهائي ڏيکاريندي لکيو آهي ته ڪيس اهو عهدو قبولڻ نه کپندو هو، ڇو ته حال جا ذهين شاعر، ماضيءَ جي عظيم شاعرن جا جانشين ٿيندا آهن. تنهن ڪري هوءَ ڪيس شاه لطيف جو، جان نشين سمجهي ٿي. پر هن اهو به لکيو آهي ته: ”اها بي ڳالهه آهي ته هن (شيخ اياز) سدائين شاه لطيف کي پنهنجو مرشد ڪوٺيو آهي.“ [محبوب، ماهتاب. سهڻي ش. ا. ن. 01، 53]

ماهتاب محبوب جا لکيل هي نثري ٽڪرا جيئن ته هڪڙي مهاڳ مان کنيل آهن ۽ مهاڳ فني اعتبار کان رڳو ڪتاب ۽ ان جي ليکڪ جو عاليشان تعارف هوندو آهي. تنهن ڪري ان ۾ ڪا ڇنڊيل ڇڙيل، مصدق تحقيقي معلومات ته ظاهر آهي ته شامل نه هوندي ۽ نه وري ان کي ان (تحقيقي) ڪمن لاءِ نتيجي طور ڪتب آڻي سگهجي ٿو البت، سندس ان ليک منجهان ان وقت جي حالتن، جن منجهان ڪتاب جو ليکڪ (شيخ اياز) گذري آيو هو يا، گذري رهيو هو، تن بابت سٺي ڄاڻ ملي ٿي. جنهن سان ان دؤر جي حالتن توڙي، شيخ اياز جي سڻل، سعوبتن جو پڻ جوڳو احوال ملي ٿو. ان سان گڏوگڏ اهو پڻ پتو پوي ٿو ته ليکڪا شيخ اياز جي، فن مان بيحد متاثر آهي، جنهن جو عڪس سندس لفظن ۾ اجهو هن ريت بيان ڪيل آهي: ”شيخ اياز جون لکڻيون، اهڙو ته من کي موهين ٿيون، جو دل جي حالت ان لالچي شخص جهڙي ٿيو پوي، جيڪو پاڻئي ته مال خزانا، هڪ ئي چست ۾ سندس حصي ۾ اچي وڃن.“ [محبوب، ماهتاب. سهڻي ش. ا. ن. 01، 61] ان کان سواءِ ليکڪا، شيخ اياز پاران، وائيس چانسلريءَ جي عهدي قبولڻ جو ذڪر ڪندي، سندس آتم ڪٿا جو، حوالو ڏئي سندس نالي سان لکي ٿي ته: ”وقت جي سربراه، جي بيحد اسرار هيٺ، ڪيس اهو عهدو، قبول ڪرڻو پيو.“ ان تي تبصرو ڪندي ليکڪا اڳتي لکيو آهي ته شيخ اياز کي، ان ذميواري کڻڻ کان پوءِ پوريءَ ريت ان کي نڀائڻ لاءِ موقعو ڏجي ها، ته ان سان يونيورسٽيءَ جي تعليم جو معيار سٺو ٿئي ها.

## 3.3.2 ڪتاب ”ساهيوال جي ڊائري“ مان چپيل چونڊ نثري ٽڪرا: هن ڪتاب مان، ڪل 13

نثري ٽڪرا، سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇاپيل آهن. جيئن ته هي نثري ٽڪرا، ڊائريءَ جا ورق آهن ۽ وصفي لحاظ کان ڏسجي ته: ڊائري هڪ اهڙي ڪاپي، نوٽبڪ يا ڇوپڙي آهي، جنهن ۾ روز بروز ڪيل ڪمن ڪارين جو ليکو رکيو وڃي ٿو. ڊائريءَ لاءِ سنڌيءَ ۾ ’روزنامچي‘ جو لفظ پڻ مناسب آهي. سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل هنن، مڙني ٽڪرن کي ڏسڻ سان، خبر پوي ٿي ته شيخ اياز، پنهنجي دوستن: رشيد ڀٽي، سترام، گيتا ۽ راج سان گڏ تاج محل گهمڻ ۽ اتان جي وڻندڙ ماحول جي احوال توڙي مٿس گذريل سختين، جيل اندر ٿيل ڪن مشاهدن ۽ واقعن کي بيان ڪيو آهي.

ساهيوال جي قيد جون يادگيريون سنڀاريندي، شيخ اياز هڪ پوليس جمعدار جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ڪيس روزانو بليڊ ته ڏيندو هو پر ڪيس پئه هوندو هو ته مٽان! شيخ اياز ان بليڊ سان پنهنجو ڳلو ڪپي

وجهي. ان تي تبصرو ڪندي شيخ اياز لکيو آهي ته: ”ان کي ڪهڙي خبر ته هن ڳلي ۾ هزارين گيت آهن، جيڪي ڪنهن به زندان جون ديوارون ڏوڙڻ جي سگهه رکن ٿا ۽ مان ان کي ڪپڻ لاءِ هرگز تيار نه آهيان.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 08]

ساهيوال جيل جي هڪ ٻي يادگيري هڪ ٻئي نثري ٽڪري ۾ ڏنل آهي، جنهن ۾ شيخ اياز، ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سندس ڪوٺڙيءَ ۾ رکڻو وچان پٽ هجڻ ۽ ڀٽي صاحب جي دليريءَ بابت لکيو آهي ۽ پڻ سرڪار پاران ريڊيو پٽ تي لڳائي ڏيڻ جو احوال هن ريت درج ڪيو اٿس: ”جيل اختيارين کيس (ذوالفقار علي ڀٽي کي) ريڊيو نه ڏنو، جنهن تي اخبارن ۾ شڪايتون هليون ۽ پوءِ کيس ريڊيو ڏنو ويو، جنهن کي هن، لتون هڻي ڀڃي ڇڏيو. جنهن کان پوءِ انتظاميه قيد خاني جي وچين پٽ تي ريڊيو هڻي ڏنو. جنهن تان ٻئي پيا خبرون ٻڌندا هئاسين.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 70] ان سان گڏوگڏ هن، جيل ڪاٽڻ جي ڏکيائين ۽ پنهنجي اندروني ڪيفيتن بابت پڻ لکيو آهي. سندس ”بي موت مئا، تو لاءِ ڪئا انسان هزارين مان نه رڳو“ جهڙو شاندار انقلابي غزل پڻ، انهن ڏينهن جي تخليق آهي.

حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر جي حڪم تي، شهر نيڪالي ملڻ واري يادگيريءَ تي مشتمل، نثري ٽڪرو پڻ هنن ٽڪرن سان گڏ ڇاپيل آهي. جنهن تي شيخ اياز پنهنجي دوستن: غلام رباني آگري ۽ مولانا گراميءَ کي چيو هو ته: ”اڄ کان سنڌ جي قومي تحريڪ، شروع ٿي وئي آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 167] ان کان سواءِ هڪ ٽڪري ۾ ساڻس دوستيءَ جي ڪري، جن سندس دوستن سختيون سٺيون تن ۾ خاص ڪري، محمد ابراهيم جويي جي لڳاتار بدلين جو پڻ ذڪر ڪيل آهي.

ساهيوال جيل ڊائريءَ مان چونڊيل هڪ نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، تن ڏينهن پاڪستان ٽائمز ۾ هليل خبر: ”ذوالفقار علي ڀٽي، جيل اندر ڏاڙهي رکي آهي ۽ روزا پڻ رکي رهيو آهي.“ تي پنهنجو تبصرو ڪندي لکيو آهي ته: ”هو (ذوالفقار علي ڀٽو) اينترو ڊڄڻو ناهي، هو ته موت کي اکيون اکين ۾ وجهي چاٽي. ممڪن آهي ته کيس جيل ۾ بليڊ نه مليو هجي. ٿي سگهي ٿو ته کيس جيل جي ڪاڏي تي اعتراض هجي ۽ هن بک هڙتال ڪئي هجي. ڇو ته اسان کي اڳ رڳو ڪاڏي ۾ واڳڻ ملندا هئا، پر اڄ اپريل اندا پڻ ڏنا اٿن.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 08]

ساهيوال جيل ڊائريءَ مان چونڊيل هڪ نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ علي محمد راشديءَ جي پٽ، حسين شاهه راشديءَ جو مولانا سان بيحد محبت جو ذڪر پڻ ڪيو اٿس. گڏوگڏ لکيو اٿس ته: ساڻس صحبت جي ڪري، سندس دوستن پڻ سختيون سٺيون. جنهن ۾ محمد ابراهيم جويي کي، لڳاتار بدلين کي منهن ڏيڻو پيو. لکيو اٿس ته: ”دوستن مٿان اهڙين سختين جي نتيجي ۾مون پنهنجي، گهڻ گهرن دوستن سان رڳو ان ڪري ملڻ گهٽائي ڇڏيو ته مٿان منهنجي ڪري، ڪين پڻ عقوبتون سهڻيون پون.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 119] شيخ اياز، جيل ڪاٽڻ جي ڏکيائين ۽ ان دوران پنهنجي، اندروني ڪيفيتن جو اظهار، پڻ ساهيوال جيل ڊائريءَ ۾ ڪيو آهي. هن موجب سندس غزل (بي موت مئا، تو لاءِ ڪئا، انسان هزارين. مان نه رڳو.) پڻ انهن ڏينهن جي تخليق آهي. ان کان سواءِ هڪ نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، ساهيوال جيل وڃڻ واري رات جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ هن، پنهنجي

ٻارن کي آئت ڏيڻ تائين پنهنجي زال زرينه سان، سچي رات ڪچهريءَ جو ذڪر ڪيو آهي. گڏوگڏ پاڻ، ايوب جي حڪومت، جي جلد خاتمي جي، اڳڪٿي پڻ ڪئي اٿس.

هنن نثري ٽڪرن مان هڪ نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، پنهنجي هڪ خواب جو ذڪر ڪندي، پنهنجي مخالفن بابت پڻ هڪ خواب جو پسمنظر ڏيکاريندي لکيو آهي. جنهن ۾ هن پاڻ کي برفاني چوٽيءَ تي چڙهندي ڏيکاريو آهي ۽ مخالفن کي هيٺان رڙيون ڪندي ۽ روڪيندي ڏيکاريو آهي. منجهائن ڪي چئي رهيا هئا ته هي سج کي پڪڙڻ ٿو چاهي، ڪيس ڇڏي ڏيو. هو مٿي چڙهي هڪ چپ تي اچي بيهي ٿو، سج اپري هڪ چپ تي اچي بيهي ٿو، جتان ڪيس هيٺ اڇلائين ٿا. جنهن جي ڪري سندس هڏ گڏ پچي پور پور ٿي پون ٿا. ”ايتري ۾ مون پنهنجي هڏن کي، هڪ ٻئي هٿان ميڙيندي ڏٺو، ڪانئس پڇيم ته ڪير آهين؟ وراڻيائين ته آئون پٿائي آهيان ۽ سمجهان ٿو ته توکي، مون کان به وڌيڪ سزا ملي آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 69] هڪ نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، پنهنجي نثر توڙي شاعري سنڌي زبان ۾ لکڻ تي، فخر ڪندي لکيو آهي ته: ”سنڌيءَ جو هر لفظ، مون سان صديون گڏ رهندو.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 62]

جيئن ته ڊائري پنهنجي روزاني جي ڪارگزارين تي مشتمل لکتي ريڪارڊ جو فائل آهي، جنهن کي ليکڪ پاڻ لکندو آهي ۽ اهڙين لکڻين ۾ ساڻس، پيش آيل يا لاڳاپيل ڳالهيون لکيل هونديون آهن. تنهن ڪري انهن جي، ادبي حيثيت ڏاڍي وڏي هوندي آهي. ڪنهن سڄاڻ اديب جي ڊائريءَ جا ورق ان وقت جي تاريخي، واقعن ۽ حالتن جي منظرنگاريءَ تي مشتمل ليک هوندا آهن. جن منجهان تنهن دؤر جي حالتن کي بخوبيءَ پروڙي سگهبو آهي. شيخ اياز جي هنن نثري ٽڪرن مان، پڻ سندس قيد ۾ بند وارين حالتن کان ويندي، مٿس توڙي سندس دوستن تي، ساڻس دوستيءَ جي ڪري مڙهيل سختين جي پڻ، چڱي ريت خبر پوي ٿي. ان سان گڏوگڏ، سندس لکت جي نغمغي ۽ شاعراڻين خوبين جو اولڙو، پڻ سندس ڊائريءَ جي هنن نثري ٽڪرن مان چلڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. بلاشڪ سندس ڊائري هڪ ادبي دستاويز جي حيثيت رکي ٿي، جنهن منجهه تنهن وقت جي حالتن، خاص ڪري سرڪاري ڏاڍ ڏهڪاءَ ۽ مٿس ٿيل سختين بابت پيرائتا احوال موجود آهن.

3.3.3. ڪتاب ”خط، انٽرويو، تقريرون“ هن ڪتاب مان 17 نثري ٽڪرا سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇاپيل آهن. جن مان هڪ ٽڪرو شيخ اياز جي دبئي ۾ ڪيل تقرير منجهان کنيل آهي، جنهن ۾ هن دبئيءَ جي اديبن کي ”ننڍي سنڌ“ سڏيو آهي. ورهاڱي کان پوءِ فوجي آپيشاهيءَ کي پنهنجي قوم جي ڳچيءَ جو ڳٽ ڄاڻائيندي، هن ان تي پڻ کُلي ڳالهايو آهي. ٻيو ٽڪرو پڻ هڪ تقرير منجهان کنيل آهي، جنهن ۾ شيخ اياز ڏکڻ آفريڪا جي سياهه فامن جي نعري ”انقلاب اڳ، تعليم پوءِ“ تي ڳالهائيندي ان تي تنقيد ڪندي ان کي رد ڪيو آهي ۽ تعليم کي پهرين ترجيح ڪري پيش ڪيو آهي. ان کان سواءِ هڪ ٽڪري ۾ شيخ اياز سماج سان بغاوت جي فن جو ذڪر ڪندي، سنڌ جي اديبن جي ادب ۽ ٻاهرين دنيا جي، اديبن جي انهن ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جن جي ڪري انقلاب آيا يا مٿن پابندي لڳي. شيخ اياز ان منجهان مثال

ڪٿي هر باضمير اديب کي، چڱائيءَ جو ساٿ ڏيڻ واري تلقين ڪئي آهي. سندس هڪ تقرير جو ٽڪرو اهڙو به ڇاپيل آهي، جنهن ۾ هو ”جيئي سنڌ“ جي نعري جو ذڪر ڪري، ان نعري کي رڳو نعرو نه پر، قوم جي تقدير بدلائڻ جو نعرو ڄاڻائي ٿو. ان کان سواءِ هڪ نثري ٽڪري ۾ هن، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ بيان اظهار جي سليقي بابت ڳالهائيندي، سندس لفظن جي چونڊ، استعارن جو استعمال وغيره جو ذڪر ڪندي ٻڌايو آهي ته هن، اهي سڀ پنهنجي ڌرتيءَ مان چونڊيا ۽ ڌرتيءَ جي تهذيب ۽ تاريخ کي، پاڻ ۾ سمائي اتي وسندڙ انسانن جي اندر ۾ جهاتي پائي، سندن ڏکن سکن کي سهيڙيو آهي. هيٺ انهن نثري ٽڪرن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

شيخ اياز کي دبئي جي، سنڌي اديبن پاران ڏنل آجياڻي جي، صدارتي تقرير منجهان هڪ ٽڪرو ڪٿي، سهڻي رسالي ۾ ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ شيخ اياز دبئيءَ جي، اديبن پاران جوڙيل ماحول کان متاثر ٿيندي، ان کي ننڍي سنڌ سڏيو آهي. ”اوهان دبئيءَ ۾ ننڍي سنڌ آهيو ۽ سنڌ منهنجي وجود جو حصو آهي، منهنجو جسم آهي جنهن جا عضوا ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويا آهن“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 11] ان کان سواءِ شيخ اياز، ورهاڱي کان پوءِ جمهوريت واري د ؤر کي ڇڏي، باقي فوجي آپيشاهيءَ کي، پنهنجي قوم جي ڳچيءَ جو ڳٽ ڄاڻائيندي، ان جي مرڻي پاسن تي جوڳي روشني وڌي آهي.

شيخ اياز، ڏکڻ آفريڪا جي سياهه فام شاگردن جي نعري ”انقلاب اڳ ۽ تعليم پوءِ“ جو ذڪر ڪيو آهي. شيخ اياز موجب: ”اهو نعرو سفيد فام لوڪن جا وار ڪانداري منجهن ڪنبڻي وجهي ڇڏي ٿو.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 32] شيخ اياز ان نعري جي ناڪاري پاسي تي پڻ روشني وڌي ته سياهه فام نسل نه انجنيئر، نه ڊاڪٽر، نه ٽيڪنيشن ۽ نه وري سماج جا ٻيا پڙهيل ڪڙهيل فرد، پيدا ڪري رهيو آهي ۽ نه وري نوجوانن کي صحيح انقلابي تعليم ڏئي رهيو آهي. ان کان سواءِ ڪيوبا، ويٽنام وغيره جي انقلابن جا مثال پڻ ان نثري ٽڪري ۾ شامل آهن.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، سماج سان بغاوت جي، فن جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي اديبن جي ادب ۽ ٻاهرين دنيا جي انهن ڪتابن جو ذڪر ڪيو اٿس جن جي ڪري انقلاب آيا يا وري انهن مٿان پابندي لڳي. هن موجب، ”هر باضمير اديب کي چڱائيءَ جو ساٿ ڏيڻو آهي ۽ برائيءَ سان تضاد ڪائڻو آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 37] سندس خيال آهي ته روسي انقلاب کان پوءِ ادب مان بغاوت، يا زوريءَ ختم ڪئي وئي، يا دٻ وچان ختم ٿي وئي. ”اسٽال“ جهڙن ناولن تي پرائيز کٽيا هاڻ اهڙو ادب نٿو لکيو وڃي.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، شاعرن ۽ اديبن جو ذڪر ڪندي، کين پنهنجي قومي ذميواريءَ جو احساس ڏياريندي ياد ڏياريو آهي ته: کين ڪهڙي قسم جو ادب، تخليق ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته: ”هر اديب، پنهنجي دؤر جي تهه تائين، پهتل هوندو آهي. تنهن ڪري کيس، پنهنجي اندر جي اک سان، پنهنجي سماج جا مختلف پهلو جانچڻ گهرجن.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 41] ماهر معاشيات کان کيس، ڦيرگير جو پتو پئجي وڃي ٿو. وڏيڪ جيڪي ادارن جي، پر تڪلف جي ڪري، خريد ٿي وڃن ٿا تن جي، وصفن جو پڻ هن ٽڪري ۾ اظهار آهي.

هي نثري ٽڪرو، شيخ اياز جي تقرير مان کنيل آهي. جنهن ۾ هن ”جيئي سنڌ“ جي نعري جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ هو هن نعري کي رڳو نعرو نه پر قوم جي تقدير بدلائڻ جو نعرو سمجهي ٿو. ثقافت، قوميت ۽ ٻوليءَ جي ڇانداڀي جي سياءَ تي روشني وجهندي، شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي سبق جي اپٽار ڪندي چوي ٿو ته: ”جي، سنڌن وجود نه هجي ها ته پسي ۽ پيرونءَ جي ڌرتي، قوم پيدا نه ڪري سگهي ها.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 44] هو، هن تقرير ۾ سنڌي نوجوانن کي، پنهنجي ماءُ جي ٿڃ جو قسم ڏيندي، ڪانئن ڌرتيءَ جي حفاظت جو، وچن پڻ وٺي ٿو.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، شاهه لطيف جي شاعريءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هُن موجب شاهه لطيف، بيانِ اظهار جو جيڪو سليقو، سنڌي شاعريءَ کي بخشيو آهي. تنهن جا سبب جانچيندي، منجهس جيڪي خوبيون، ڏسڻ ۾ اچن ٿيون تن ۾: لفظن جي چونڊ، استعارن جو استعمال وغيره شامل آهن. جيڪي ”هن پنهنجي ڌرتيءَ مان چونڊيا ۽ ڌرتيءَ جي تهذيب ۽ تاريخ کي پاڻ ۾ سمائي، اتي وسندڙ انسانن جي اندر ۾ جهاتي پائي سندن ڏکن سکن کي سهيڙيو آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 47] هن سڌو سنئون عوام سان ڳالهايو ۽ لفظن جي چونڊ وقت عوام جي ريتن رسمن، کي پڻ اڳيان رکيو، تنهن ڪري سندس ڪلام جهونگاريندي، لوڪ تي وجد طاري ٿي ويندو آهي.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، جمهوريت جي اهميت جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ پيرس جي آزاديءَ جو حوالو ڏيندي، چوي ٿو ته: ”هڪ سياسي نظام جي اصلاح لاءِ، ذهنن کي کليو رکڻ گهرجي، انتظامي معاملن تي بحث مباحثو ٿيڻ گهرجي، پريس جو عمل دخل هئڻ گهرجي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 47] اهڙي طريقي سان جمهوريت کي تقويت ملي سگهي ٿي.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، پنهنجي 5 سالن جي لکيل تخليقن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ لکيو اٿس ته: ”مون هنن سالن ۾ جيڪو لکيو آهي، سو اڳ ڪڏهن ڪون لکيو اٿم، سچ پڇي رهيو آهي، جيڪو لکي سگهان ٿو، سو لکي وٺان.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 51] ان کان سواءِ انگريز سامراج خلاف لکيل ناولن، ڪهاڻين ۽ ڪتابچن جا حوالا پڻ ڏنا اٿس، جيڪي پنهنجي دؤر ۾ نهايت ضروري هئا. وڏيڪ جيئي سنڌ، عوامي تحريڪ ۽ سنڌي ادب جي جاڪوڙ تي پڻ روشني وڌي اٿس.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، نڪارا گوا جي هڪ اديب جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن کي 1984ع ۾، سندس ادبي خدمتن تي نوبل انعام مليو هو. ان اديب هڪ پيري چيو هو ته: ”جڏهن آمريت، اوهان جي ديس تي، مسلط ڪئي وڃي ٿي، تڏهن جيڪا پهرين ڳالهه، محسوس ٿئي ٿي سا آهي، اهو احساسِ ذلت جيڪو روزانو وڌندو رهي ٿو ۽ اهو ان آمر جي لڳاتار ڪوششن جو نتيجو آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 54] هڪ شهريءَ جي حيثيت ۾ اوهان جو ضمير، شديد زخمي ٿي پوي ٿو پر ان جي نتيجي ۾، اوهان جو عوام سان ناتو وڌيڪ مظبوط ٿئي ٿو.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، شاعري ۽ سياست ۾ جيڪي بنيادي ڳالهيون هڪجهڙيون آهن، تن جو ذڪر ڪيو آهي. هن موجب: ”شاعر ۽ سياستدان، ٻئي راءِ جو اظهار زوردار ٻوليءَ ۾ ڪن ٿا. هنن جو نقطه نظر قبول ڪيو وڃي ٿو پر سياست، اڇٽي وڃٽي شي آهي ۽ شاعريءَ کي هڪ مستقل جاءِ آهي.“

[اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 58] سياست پنهنجي دؤر سان ماضيءَ جو حصو ٿي وڃي ٿي، جڏهن ته شاعري اڳي کان به وڌيڪ اجري ٿي وڃي ٿي.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، آمريڪا جي ”بڪ آف دي منٿ ڪلب“ جي حوالي سان ڪتاب ”ثقافت جون راهون“ جو ذڪر ڪندي، ثقافت جي اهميت بيان ڪندي لکيو آهي ته: ”انساني ثقافت اهو ڏند ڪٿا وارو وڻ آهي، جنهن جي هر ٽاريءَ جي، اوسر الڳ آهي ۽ هر ٽاريءَ جي ڦل ڪي، پنهنجو پنهنجو سواد آهي. پر اهي ساڳئي، هڪڙي ٿڙ مان ڦٽيون آهن.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 62]  شيخ اياز سنڌي ثقافت کي پڻ، اها ٽاري سڏيو آهي، جنهن جي اوسر نيسر، ڌار نموني سان ٿي آهي. جنهن جي ميوي جو، سواد پڻ پنهنجو آهي. ان کان سواءِ هو سنڌي ثقافت کي اهو ڌار سڏي ٿو، جنهن مان ڪيتريون ئي ڌاريون ڦٽي نڪتيون آهن. جيڪي برصغير ۾ ٽڙيون پکڙيون پيون آهن. ان جي مخالفن کي، شيخ اياز بددعا ڏيندي لکيو آهي ”شال! انهن جا هٿ ڪپجن، جيڪي ان جي ڇانوَ هيٺان ويهي، ان جي جڙ کي، ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.“

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، سنڌ جي ماڻهن کي، هڪ ٿي ٻڌي ڪرڻ جو درس ڏيندي چوي ٿو ته: ”توهان سياسي طور، ڪنهن سان به گڏ آهيو پر، هڪ ٻئي جا چنبا نه پٽيو، ٽٽل پل جي ملبي کي ڪٺو ڪري ڍڳ ڪريو، ته جيئن پاڻيءَ جو ريلو، سيني کي لوڙهي نه وڃي. ڪمزوريءَ کي به، پنهنجي طاقت وانگر استعمال ڪيو.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 71] ٻڌيءَ جو هيڙو سبق شيخ اياز جهڙو ڏاهو، ئي ڏئي سگهي ٿو جنهن جي اک ايندڙ للڪارن کي، چڱيءَ ريت ڏسي ٿي. تنهن ڪري هو پنهنجي پيارن کي، اڳواٽ مڙي مٺ ٿيڻ جي تلقين ڪري ٿو.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، اردو اديبن ۽ اردو اخبار ”نصرت“ جي ڳالهه ڪئي آهي. جنهن ۾ پنجابي اديب ”شفقت تنوير مرزا“ سال 1958ع ۾ ڪنهن پروگرام جي باري ۾ لکيو هو. جنهن ۾ اردو جي تعليمي ماهر حميد احمد خان جي صدارت هيٺ ڪيل هڪ ميڙ ۾ مولوي عبد الحق چيو هو ته: ”اردوءَ کان سواءِ پاڪستان جون ٻيون سڀ زبانون، بت پرست ۽ ڪافرن جو زبانون آهن.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 75] مولوي عبد الحق جون، اردو ٻوليءَ لاءِ نهايت وڏيون خدمتون آهن. پر ان جي ابتڙ ملڪ جي، ٻين ٻولين کي گهٽ ڪري ڄاڻڻ، ڪڏهن به مدبراڻي سوچ نٿي ٿي سگهي. جنهن جو شيخ اياز کي چڱيءَ ريت ادراڪ هو.

هي نثري ٽڪرو شيخ اياز، شاعريءَ جي باري ۾ لکيو آهي. هن موجب: ”شاعري ويڇا مٽائي، ويجهڙائپ پيدا ڪري ٿي. شاعري ڀڳت ڪبير ۽ شاهه لطيف آهي، جيڪا پنهنجي پاڪر ۾ سڄي انسانيت کي وٺي ٿي ۽ هڪ ٻئي کي پيار آڇي ٿي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 77] شيخ اياز ”اسٽالن“ جو مثال ڏيندي لکيو آهي ته ڪيس، ڪير ليکي ئي ڪون ٿو، جڏهن روسي شاعر ”پاسٽر ناڪ“ کي ڪوٺ ڪيو اٿس ته ماڻهو ڪيس، پيار ڪندي روزانو سندس قبر تي گل رکندا آهن.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، سنڌ جي بقا ۽ جمهوريت لاءِ جدوجهد، توڙي غير طبقاطي معاشري جي ڳالهه ڪئي آهي. هن موجب: ”آزاديءَ کان سواءِ گهٽ ٻوسٽ ۾ ادب جي تخليق ناممڪن آهي.“ [اياز،

شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 83] پاڻ، سنڌي اديبن جو هن پاسي ڌانهن ڌيان ڇڪايو اٿس ته انسان، پنهنجي ماڻهپي سان جين ۽ مٿائن وڌل غلاميءَ جو بار لاهي ڦٽو ڪجي ته جيئن هو، پنهنجي چاهتن موجب زندگي گذاري سگهن.

شيخ اياز جو هي نثري ٽڪرو، اديب جي تخليقي سگهه ۽ ان جي آزاديءَ جي باري ۾ آهي. هن موجب: ”ادب پنهنجي جاءِ تي، هڪ آزاد مملڪت آهي ۽ پاڪستان ۾ غير سنڌي اديب ايئين لکي رهيا آهن جيئن نازي جرمنيءَ ۾ نسل پرستيءَ تي ڪتاب لکندا هئا.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 91] شيخ اياز نوٽن، يا اقتداري اعوانن مان، انعام اڪرام ميڙيندڙن کي ننديو آهي ۽ پوئين پير موٽندڙ کي، پاٽيءَ تي ڦوٽا ڪري چاڙهيو آهي. هن قلم ۾ ويتر اتساهه پرڻ لاءِ لکيو ته: بندوق مان ايترو بارود نه نڪرندو آهي، جيترو هڪ قلمڪار جي قلم مان نڪرندو آهي.

هي نثري ٽڪرو شيخ اياز جي تقرير مان کنيل آهي، جنهن ۾ هو سنڌ ڌرتيءَ جي، نوجوان نسل سان مخاطب ٿيندي، کين مستقبل جي تاريخ ۽ حال بابت مثال ڏئي، ٻوليءَ جي جدوجهد لاءِ اتساهي ٿو ۽ کين چوي ٿو ته: ”اوهان جو ادب، اوهان جي پوري ڌرتيءَ لاءِ هڪ اوچي مشعل آهي. اڳ به اوهان برصغير کي زندگيءَ جو مهذب نظريو ڏنو هو، اوهان جي ڪلهن تي بار آهي. تاريخ جو نئون موڙ اوهان جو منتظر آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 111] هن تقرير ۾ مياڻيءَ کان موهن جي دڙي جي عڪاسي ڪندي، هُن شاهه جي ڏنل جرائت جي سبق کي ورنائيندي، ڌرتي جي جوانن ۾ جوش پريندي چيو هو ته شاهه جي تنبوري جي تان، سان سچي سنڌ ۾ ٻري رهي آهي. اوهان جو ادب اوهان جي اوچي مشعل آهي، جنهن کي ڪو به وسائي نٿو سگهي.

شيخ اياز جي خطن، تقريرن ۽ انٽرويوز مان کنيل هنن ٽڪرن مان، سندس شخصيت جي چڱيءَ ريت پروڙ پوي ٿي. هو ڪيڏو وڏو شاعر ۽ اديب آهي ۽ سندس علم، ادب ۽ سياست توڙي سماج تي ڪيتري گهري نظر آهي ۽ ڪيس انهن جو ڪيترو ادراڪ آهي. سو سندس انهن نثري ٽڪرن مان چڱي ريت پروڙي سگهجي ٿو. البت هي سندس ذاتي خيال آهن، نه ڪي ڪا تحقيق. تنهن ڪري ادب ۾ انهن جي جاءِ پڻ ايتري ٿئي ٿي. پر ان جو مطلب اهو به ناهي ته سندس اهو مواد ناڪاره آهي. ادب ۾ خطن، انٽرويوز ۽ تقريرن جي پنهنجي جداگانه حيثيت آهي ۽ ان حساب سان، سندس هنن نثري ٽڪرن کي ڏسي، کيس اعلىٰ پايي جو مدبر انسان چئجي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪون ٿيندو.

**3.3.4. ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ مان چيپل چونڊ نثري ٽڪرا:** شيخ اياز جو هي ڪتاب، سندس خطن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب مان 15 نثري ٽڪرا سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇاپيل آهن. هي ڪتاب، شيخ اياز جي خطن تي مشتمل آهي، جنهن جو مهاڳ محمد ابراهيم جويي جو لکيل آهي ۽ سندس هي ڪتاب، سوڀي گيان چنداڻيءَ جي نالي ڪيل آهي. هن منجهان کنيل هڪ ٽڪري ۾ شيخ اياز پاڻ کي سنڌي ماڻهن پاران مليل مان، مرتبي تي خوشيءَ منجهان معترف ٿيندي لکيو آهي ته: هو پنهنجي زندگي ۽ شخصيت کي ايتري محبت لائق نٿو سمجهي، جيتري کيس سنڌي ماڻهن ڏني آهي. ان کان سواءِ هن ادبي تخليقن مان، ڪنهن شخصيت کي پرکڻ واري روش کي پڻ رد ڪيو آهي،

سندس خيال آهي ته: ”ڪيترائي شاعر پنهنجي زندگيءَ جي قباحت کان پڇي، شعر وشاعريءَ جي دنيا ۾ پناهه وٺندا آهن.“ هڪ ٻئي ٽڪري ۾ شيخ اياز، مرزا قليچ بيگ سان سندس لڳاءَ عزت ۽ احترام جو اظهار ڪيو آهي، سندس خيال آهي ته: ”مرزا قليچ بيگ پنهنجي وسيع ذوق سان سنڌ واسين کي گوناگون ادب سان روشناس ڪرايو، هو ادبي ذوق ۽ انقلاب جو باني هو. مرزا قليچ بيگ، شاهه لطيف کان پوءِ سنڌ جي عظيم ترين شخصيت آهي.“ هڪ نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، محمد ابراهيم جويي کي خط جو جواب ڏيندي، کيس لکيو ته جيتوڻيڪ اهو خط پاڻ کيس ڪشمير مان لکي رهيو آهي ۽ ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته پاڻ کيس اتان جي منظرن بابت لکي پر هن ائين نه ڪيو ۽ کيس، موهن جي دڙي بابت لکيائين. هن ان اظهار کان پوءِ پنهنجي شعور جي اڏار کي زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد ڄاڻايو آهي. ان کان سواءِ شيخ اياز هڪ نثري ٽڪري ۾ جيڪو محمد ابراهيم جويي جي خط جو جواب آهي، کيس چانڊوڪيءَ بابت ٻڌايو آهي ته ڪيئن اها کيس بيچين ڪري ٿي ۽ کيس چانڊوڪيءَ ۾ هيءَ ڪائنات ڪنهن ڪوريئڙي جو ڄار لڳندي آهي، جنهن ۾ کيس انسان ڪنهن جيتڙي مانند لڳندو آهي، جنهن کي ڪو ڪنڊي وجهي، ڪنهن ازلي منزل ڏانهن ڇڪي رهيو هجي ۽ کيس ٻڌائي اٿس ته: ”مان به ان جي پٺيان، ڪيئي منزلون طئه ڪري ويندو آهيان.“ انهن مڙني نثري ٽڪرن جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي:

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز پنهنجي زندگيءَ ۽ شخصيت کي ايتري محبت لائق نٿو سمجهي، جيتري کيس سنڌي ماڻهن ڏني آهي. سندس خيال موجب، ڪنهن به انسان جي ذاتي زندگيءَ جي پرک سندس ادبي تخليقن مان پرکڻ، نهايت غلط آهي. ڪيترائي شاعر پنهنجي زندگيءَ جي قباحط کان پڇي شعر و شاعريءَ جي دنيا ۾ پناهه وٺندا آهن. ”آرٽ ۽ ادب حسن جي تلاش آهن، ڪڏهن ادب جي ماحول ۾ ڪڏهن سندس ذاتي جذبات ۽ احساسيت ۾ اهو لازمي نه آهي ته هر شاعر جي زندگي به ايتري حسين هجي جيترو سندس شعر هوندو آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 26] اياز جي هھڙي وضاحت کان پوءِ مٿس جيڪي شخصي تضاد واريون تنقيدون آهن، تن کي بند ٿيڻ کپندو هو. ڇاڪاڻ ته هن اهڙو ليڪو ڪڍي شاعر جي ذاتي زندگي ۽ شاعريءَ ۾ بيان ڪيل تمثيلي حسناڪين کي، ڌار ڪري ڇڏيو آهي.

هي نثري ٽڪرو، محمد ابراهيم جويي جي، خط جي جواب مان ورتل آهي. جنهن ۾ شيخ اياز ڏانهس، نئين شاعري نه لکي موڪلڻ جي سببن بابت لکيو آهي ته: ”وڪالت جي ڪري، گهڻو مصروف رهڻ لڳو آهيان ۽ پيو ته ڏات، بيوفا سريت ٻڌجي، ڪجهه عرصي کان مون کان، رسي وئي آهي. محسوس ٿو ڪريان ته پکيئڙن وانگر شعر، چوڌاري پرڙا ڦڙڪائي ڳٽ ڳٽ ڪري رهيا آهن، پر لفظن جي ڪوڙڪيءَ ۾ نٿا ڦاسن، جڏهن ڪجهه لکيم، ته توکي ضرور اماڻيندس.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 119]

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، سنڌي اسڪالر مرزا قليچ بيگ لاءِ پنهنجي عزت جو اظهار ڪندي، هن بابت لکيو آهي ته: ”مرزا قليچ بيگ پنهنجي وسيع ذوق سان، اسان سڀني کي پنهنجي دؤر جي، گونانگون ادب سان روشناس ڪرايو ۽ هو ادبي ذوق ۽ انقلاب جو باني هو. شاهه لطيف کان پوءِ قليچ بيگ سنڌ جي عظيم ترين ادبي شخصيت آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 138] شيخ اياز، مرزا قليچ بيگ جي لکتن

مان ايترو ته متاثر هو جو، سندس نالو ڪٿي ان جي نه رڳو واکاڻ ڪئي اٿس پر منجهائس متاثر ٿيڻ جو، اعتراف پڻ ڪيو اٿس: ”ڪڏهن ڪڏهن شعور جا قالين کوليندو آهيان ته انهن ۾ به ٿي رنگين ڌاڳا قليچ جا پڻ هوندا آهن.“

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، محمد ابراهيم جويي جي، پڇيل سوال: ”تو، ڪنهن به صنف سخن سان وفا ڇو نه ڪئي آهي؟“ تنهن تي جواب ڏيندي شيخ اياز ڪيس لکيو ته: ”نظم لڳاتار لکڻ سان دل ڪٿي، ٿي پوندي اٿم ۽ پوءِ غزل، گيت لکندي، ڪڪ ٿي پوندو آهيان. هاڻ بيت لکي رهيو آهيان، چاڪاڻ ته انهي ۾ ذات جي يگانگيت آهي، ان ۾ اها تخليقي انفراديت آهي، جا گيت، غزل ۽ نظم ۾ نه آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 165] شيخ اياز پنهنجي اندر جو احوال لکڻ کان پوءِ معترف پڻ ٿيو آهي ته لڳاتار ڪم، ڪيس ورچائي وجهندو آهي، تنهن ڪري هو، ڪم جي نمونن کي مٽائيندو رهي ٿو ته جيئن، ڪم ۾ چس قائم رهيس.

هن نثري ٽڪري ۾ ڪشمير جي جنت جهڙن نظارن، بدران موهن جي دڙي جو احوال ڏنل آهي. شيخ اياز جو هي خط، محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيل آهي، جنهن ۾ هن، ڪيس موهن جي دڙي جون يادگيريون لکيون آهن. هن موجب: ”انساني ذهن، ڪٿان جو ڪٿان وڃي ٿو نڪري، ان تي نه زمان جي پابندي آهي ۽ نه مڪان جي. مون توکي ٽيڪسيلا جي احوال بدران، موهن جي دڙي جون يادگيريون لکيون آهن.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 165] شيخ اياز ان ئي خط ۾ ٽيڪسلا جي احوال سان گڏ، ڪيس اتان جي ننداڪڙين ناچڻين تي لکڻ جي سڌ پڻ ڏيکاري آهي.

هي نثري ٽڪرو شيخ اياز پاران، محمد ابراهيم جويي جي لکيل خط جو جواب آهي. جنهن ۾ شيخ اياز چانڊوڪيءَ بابت، اندر جو اظهار ڪيو آهي، جا ڪيس بيچين ڪري ٿي. هن موجب: ”چانڊوڪيءَ ۾ هيءَ ڪائنات مون کي، ڪنهن ڪوريئڙي جو جار لڳندي آهي، جنهن ۾ انسان ڪنهن جيتڙي وانگر نظر ايندو آهي. گويا ڪيس ڪو ڪنڍي وجهي، ڪنهن ازلي منزل ڏانهن ڇڪي رهيو آهي. مان به پنهنجي منزل جي تلاش ۾ ان جي پٺيان، ڪيئي منزلون طئه ڪري ويندو آهيان.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 195] شيخ اياز چانڊوڪيءَ بابت احوال اوريندي، محمد ابراهيم جويي سان پنهنجي اندر جو احوال اوريو آهي، ته هو ڪيئن چانڊوڪيءَ ۾ پاڻ کي، بي چين روح محسوس ڪندي، مسلسل جاڪوڙيندو رهي ٿو.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، بزرگ ۽ وڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن جي ڇانوَ ۾ ويهي ساهي پٽڻ کان ۽ نٽهڻ اسن کان بچڻ کان پوءِ بزرگ، رب سائينءَ جو شڪرانو ادا ڪري ٿو. جنهن تي وڻ کي مٺيان لڳي ٿي ۽ پنهنجون ٽاريون آسمان ڏانهن ڊگهيون ڪري پاڙائيندي چوي ٿو ته: ”جي تون هن بزرگ جو خدا آهين ته پوءِ منهنجو هرگز نه آهين. مان صديون اس ۾ سڙيو آهيان، مون تي اجا تائين ڪنهن ڪڪريءَ ڇانوَ نه ڪئي آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 200] ههڙو فڪشن تخليق ڪرڻ شيخ اياز جهڙي، باڪمال قلمڪار جي ذات ۽ ذانءَ جو ڪرشمو آهي، ٻئي ڪنهن جي جاءِ ئي ناهي.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، آڪاش ۽ ڪتيءَ جي ڳالهه ڪئي آهي. هن ڪتيءَ ايرڻ واري گهڙيءَ کي، پاڻ لاءِ امر سمجهندي ان جو اظهار هن ريت ڪيو آهي ته: ”هيءَ گهڙي وري نه ايندي، مگر

مرندي ڪڏهن به نه“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 200] پوءِ هن گهڙي کي پاڻ سان مشابهت ڏني، پاڻ کي امر، آدجڳاد ۽ ساري سرشتي جي سونهن سمجهي ٿو ۽ ان کي پنهنجو ساهه سمجهي، ٽئگور جي گيتن ۽ شاهه لطيف جي بيتن سان مشابهت ڏني ان گهڙيءَ کي ابدي سمجهي ٿو.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، چنڊ جي حسن جو ذڪر ڪيو آهي. جو قديم دؤر کان اڄ تائين ان کي، حسين سمجهيو وڃي ٿو، جڏهن ته مادي فلسفي کي مڃيندڙن موجب، حسن ڪو دائمي قدر نه آهي. ”ان جي تصور ۾ زمان ۽ مڪان جي فاصلي سبب، ڪيترو ئي اختلاف آهي. پر پوءِ به انسان ۾ اهو ڇا آهي جو ان جي حسن کان، يڪدم متاثر ٿيو وڃي؟“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 200] شيخ اياز ان سوال جي جواب کي، پنهنجي لاءِ خود شناسائيءَ ڪري ڄاڻايو آهي ۽ اهو پڻ لکيو اٿس ته ڪيس، ان کان پوءِ ئي اهو پتو پوندو ته پاڻ شاعر ڇو آهي.

هن نثري ٽڪري ۾ ادبي تنقيد جو ذڪر ٿيل آهي. شيخ اياز موجب: ”ادبي تنقيد لاءِ جديد ادب جو ڳوڙهو ۽ وسيع مطالعو، زبان ۽ ادب جي مزاج کي پرکڻ ۽ فنِ تحرير تي، مهارت حاصل ڪرڻ، بيحد ضروري آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 200] تنقيد نگار جي اهڙي وصف ڄاڻائڻ کان پوءِ شيخ اياز اها دعويٰ پڻ ڪئي آهي ته ڪيس اهي سڀئي خوبيون، سنڌ جي ڪنهن به تنقيدنگار ۾ ڏسڻ ۾نه ٿيون اچن.

هي چونڊ نثري ٽڪرا، اياز ابڙي ان تمهيد سان ڏنا آهن ته: ”شيخ اياز جي فن کي سمجهڻ لاءِ، سندس شعر توڙي نثر جو، مڪمل مطالعو ڪرڻ ضروري آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 56] پاڻ مثال طور ننڍا ننڍا جملي 20 ٽڪرا شامل ڪيا آهن. انهن مان چند ٽڪرن جو ڳُر هتي ڏجي ٿو.

1. مان دهريو صوفي آهيان، ناستڪ جوڳي آهيان.
2. جيڪڏهن عورت ۽ شراب مان، ڪنهن هڪ کي چونڊڻو پوي ته مان، جيڪر شراب کي چونڊيان ۽ جيڪڏهن شراب ۽ ڪتاب مان ڪنهن هڪ کي چونڊڻو پوي ته مان جيڪر ڪتاب کي چونڊيان.
3. فنڪار جي شخصيت، فن جي فتح آهي.
4. فطرت جي حسن مان، اک جو ڍءُ ته ٿئي ٿو، پر پيٽ جي بک نٿي لهي.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، قديم دراوڙن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پاڻ کي انهن سان پيٽيندي پنهنجي تخليقات ۾ قديم سنڌ جي، ان دهرئي دراوڙ جي روح کي محسوس ڪيو اٿس. ”جي پپل ۽ ٻڙ جي ٿڙ وٽ ڏيئا جلائيندا هئا ۽ وڻ ٻوٽي جي پوڄا ڪندا هئا. اڄا تائين منهنجي جبين کي انهيءَ سجدي جو شوق آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 62] شيخ اياز ان دهرئي دراوڙ جي ڪردار کي چٽيندي موهن جي دڙي جي، قديم سنڌ جي ماڻهوءَ جي سڀاءَ کي چٽڻ جي، ڪوشش ڪئي آهي.

ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، ڪتاب مان شيخ اياز جي چونڊ نثري ٽڪرن طور هيٺيون 2 سٽون چونڊيون ويون آهن. [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 62]، جيڪي ظاهري طرح ته رڳو 2 سٽون آهن پر انهن ۾ ڏاڍي ڳوڙهي معنيٰ رکيل آهي:

1. جو اڻ ڄاتي کي ڏسي ۽ اڻ ڏٺي کي ڳائي، اهو ئي بهترين شاعر آهي.

2. شاعر فرشتو نه آهي، پر فرشتو به ته شاعر نه آهي.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز پنهنجي ادبي تخليقات تي، مڙس تنقيد ڪندڙن جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ شڪايت جو اظهار ڪيو آهيس ته: مڙس تنقيد ڪندڙن جو ڪو نوٽيس نٿو وٺي! هو پاڻ کي هڪ پهاڙ تي ڏسي ٿو ۽ تنقيد ڪندڙن کي وڇونءَ سان مشابهت ڏني اٿس: ”مون پهاڙ تان هيٺ ڏٺو هڪ وڇون هيٺ تري ۾ پهاڙ کي، ڏنگ هڻي رهيا آهن ۽ پهاڙ خاموش ۽ اٽل هو.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 69]

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، ورهاڱي وقت هندستان مان آيل مهاجرن جي، ڳالهه ڪئي آهي. هن واضح ڪيو آهي ته ڪيئن، سنڌي پائرن کين وڏي دل ڪري، سندن آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ ڇپر ڇانءَ ڏني ۽ جڏهن هو ڀير ڇمائي طاقتور ٿي ويا ته ڪيئن سنڌين کان پنهنجا گهر ۽ وسيلا کسڻ لڳا آهن.”تون بکيو هئين، مون توکي ماني ڏني. تون اجيو هئين، مون توکي پاڻي ڏنو. جڏهن تو ڪائي ٻي ڊِءُ ڪيو تڏهن تو، منهنجي وات مان گرهه ۽ ڇپن تان پيالو کسي ڇيهون ڪري ڇڏيو.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 75]

هي نثري ٽڪرا شيخ اياز جي خطن منجهان کنيل آهن. جيئن ته خطن کي ادب ۾نهايت وڏي حيثيت حاصل هوندي آهي، تنهن ڪري هنن نثري ٽڪرن کي پڻ ان اک سان ڏسڻ گهرجي. عام طور تي هونءَ ته خطن جو وڏو حصو حال احوال تي ٻڌل هوندو آهي، پر انهن ۾ ونديل اديباڻن توڙي شاعراڻن خيالن جي اهميت نهايت وڏي هوندي آهي. مٿي بيان ڪيل نثري ٽڪرن مان رڳو هڪ ٽڪري کي ڏسجي، جنهن ۾ شيخ اياز محمد ابراهيم جويي کي، ڪشمير مان موهن جي دڙي جا احوال ٻڌائيندي، کيس زمان ۽ مڪان جي قيد مان آزاد هجڻ وارو فلسفو سمجهائيندي نظر اچي ٿو. اهڙيءَ ريت سندس خطن کي پڙهڻ سان پڙهندڙ نه رڳو سندس فن، فڪر ۽ شخصيت مان متاثر ٿئي ٿو پر کيس، ڪي علمي ۽ دانائيءَ سان ڀريل سبق پڻ ملن ٿا. ان ڪري هنن ٽڪرن جي ادبي حيثيت نهايت وڏي آهي، جنهن کان ڪو به انڪار ڪري نٿو سگهي.

### 3.3.5. ڪتاب ”ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون“ مان چونڊ نثري ٽڪرا: هن ڪتاب مان

02 نثري ٽڪرا سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇاپيل آهن، هي ڪتاب شيخ اياز جي يادگيرين ۽ تاثراتن تي مشتمل آهي. هڪ نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز پنهنجي تحريرن جو سنڌ جي نئين نسل ۾ ٻاهه وانگر پکڙجڻ ۽ ادبي حاصلات لاءِ ساڳئي احترام ۽ محبت جي اپرڻ تي، خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي. سندس مڃڻ آهي ته کيس پنهنجي ادب جي، صدين تائين رهڻ جي ڪا پرواهه ناهي، پر ايتري پڪ اٿس ته اهو ان وقت سنڌ کي ڪم اچي سگهي ٿو، جنهن وقت سنڌ جو وجود خطري ۾ هجي. ٻئي ٽڪري ۾ شيخ اياز ورهاڱي کان پوءِ سنڌ پهتل، مهاجرن جي ڳالهه ڪندي، ايندڙ وقت ۾ حالتن جي خراب ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪئي آهي ۽ الڪو ڏيکاريندي لکيو اٿس ته: ”هو جيڪي هندوستان ۾ هندو اڪثريت تي، هڪ هزار سال حڪومت ڪندا رهيا آهن. ڇا هو ان ڪوڙي احساس برتريءَ مان نڪري سگهندا؟ هي جي سنڌ ۾ اچي پاڻ تي فخر ڪندي، مقامي ٻولين سان نفرت ڪن ٿا سي اسان جا پائر ٿي رهندا؟“ انهن تاثراتي ٽڪرن مان شيخ اياز جي ذات جي جوت، جهلڪندي نظر اچي ٿي.

جئين ته هي ٽڪرا، شيخ اياز جا تاثراتي ليک آهن ۽ ادب ۾ تاثراتي ليکن کي پنهنجي جوڳي اهميت حاصل هوندي آهي. جيتوڻيڪ هي، ڪي تحقيقي ليک نه پر هڪ مدبر ۽ حساس شاعر جي اندر جا احساساتي ليک آهن، پر انهن منجهه هڪڙي دؤر جي لقاءَ جي ڪري پيدا ٿيل ڪرب کي بخوبيءَ محسوس ڪري سگهجي ٿو. اديب ۽ شاعر پنهنجي زماني جا عڪاس هوندا آهن، سندن لکڻين مان ان دؤر جي حالتن کي چڱيءَ ريت پرکي سگهجي ٿو. شيخ اياز جا هي ليک پڻ سندس دؤر جي چڱيءَ ريت جهلڪ پسائي رهيا آهن، ان سان گڏوگڏ سندس ڪيل اڳڪٿيون وقت سان گڏ ثابت ٿي رهيون آهن. ڪيئن نه ورهاڱي کان پوءِ آيل اج هن ڌرتيءَ کي ورهائڻ جا مطالبا ڪري رهيا آهن. شاعر سماج جي نبض شناسيءَ جو فن ڄاڻندا آهن ۽ اهي حال مان مستقبل جي اڳڪٿي ڪندا آهن ۽ قوم کي ايندڙ وقت جي ڏکيائين کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪندا آهن ۽ اهڙو ڪم شيخ اياز بخوبيءَ ڪيو آهي.

شيخ اياز جي، يادگيريون تي مشتمل پنهين نثري ٽڪرن جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي:

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز، پنهنجي تحريرن جو سنڌ جي نئين نسل ۾ باه وانگر ڦهلجڻ ۽ ادبي حاصلات لاءِ ساڳئي احترام ۽ محبت جي، اپرڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي. هن موجب: ”منهنجو ادب، ان وقت سنڌ کي ڪم اچي سگهي ٿو، جنهن وقت سنڌ جو وجود خطري ۾ هجي. مون کي ان جي پرواه نه آهي ته اهو صدين تائين زنده رهي يا نه.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 71] شيخ اياز هن نثري ٽڪري ۾، پنهنجي تحريرن جي مقبوليت تي، ڏاڍي سرهائي ڏيکاري آهي ۽ پنهنجي تحريرن جو، سنڌ جي وجود لاءِ ڪم اچڻ، پاڻ لاءِ اعزاز ڄاڻائيندي، لکيو اٿس ته ڪيس پنهنجي ادب جي صدين تائين زنده رهڻ جو، الڪو ڪونهي پر جي اهو سنڌ لاءِ ڪم اچي ته اها هن لاءِ وڏي ڳالهه آهي.

هن نثري ٽڪري ۾ شيخ اياز ورهاڱي کان پوءِ سنڌ پهتل مهاجرن جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ سنڌ ۾ ايندڙ وقت جيڪي حالات خراب ٿيندا، تنهن لاءِ الڪو ڏيکاريندي لکيو اٿس ته: ”هو جيڪي هندستان ۾ هندو اڪثريت تي، هڪ هزار سال حڪومت ڪندا رهيا آهن، ڇا هو ان ڪوڙي احساس برتريءَ مان نڪري سگهندا؟ هي جي سنڌ ۾ اچي پاڻ تي فخر ڪندي، مقامي ٻولين سان نفرت ڪن ٿا، سي اسان جا پائر ٿي رهندا؟“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 02، 75] شيخ اياز ان کان سواءِ اردو ٻوليءَ لاءِ پڻ پنهنجو خيال ڏنو آهي ته ڪيئن، هنن ماڻهن هندستان جي ٻوليءَ ۾ هزارين فارسي ۽ عربيءَ جا لفظ توڙي اصطلاح ملائي، اردو ٻولي ٺاهي ۽ نتيجي ۾ ان لاءِ هندستان کي 2 ٽڪرا ڪيو، وري پاڪستان کي 2 ٽڪرا ڪيو ۽ هاڻ سنڌي کي 2 ٽڪرن ۾ ٽوڙڻ هنن جي ايجنڊا تي آهي.

## 3.4 شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ

سهڻي شيخ اياز نمبر پهرئين ۾ شيخ اياز جي 6 شعري مجموعن تي سنڌي ادب جا شاهڪار مهاڳ ڇپيل آهن. جيڪي شيخ اياز جي، فن ۽ فڪر جي تشريح سان گڏ انهن جو رڪارڊ پڻ آهن. هنن مهاڳن ۾، 5 محمد ابراهيم جويي جا ۽ 01 سراج جو لکيل آهي.

وصفي لحاظ کان مهاڳ، ڪنهن ڪتاب جي منڍ يا اڳياڙيءَ ۾ ڪتاب ۽ ان جي ليکڪ بابت لکيل لکڻيءَ کي چئجي ٿو. مهاڳ لکندڙ ان لکڻيءَ ۾ هڪ ئي وقت ڪتاب ۽ ان جي ليکڪ جو تعارف پڙهندڙ اڳيان پيش ڪندو آهي. ڪتاب جي مضمون تي، ماهراڻي دسترس رکندڙ ڪنهن معتبر ادبي شخصيت کان، مهاڳ لکرائڻ جو مقصد اهو هوندو آهي ته جيئن، پڙهندڙ اڳواٽ ان شخصيت جي قلم مان ليکڪ ۽ ڪتاب بابت اٽڪرئي تصبري مان، ڪتاب جي تعارف سان گڏوگڏ گهٽ ۾ هيٺيون ڳالهيون ڄاڻي سگهي:

- ڪتاب جي ٻولي، لفظن توڙي اصطلاحن جي حوالي سان، ڪيتري نج نبار آهي.
- ليکڪ، ڪتاب جي موضوع سان، ڪيترو انصاف ڪري سگهيو آهي.
- موضوع جي رهيل يا تاسارن پاسن جي، نشاندهي ۽ پروڙ پوندي.
- ڪتاب منجهه پڙهڻ لاءِ اتساهيندڙ مواد آهي يا نه، تنهن جي خبر پوندي.

محمد ابراهيم جويي، شيخ اياز جي جن پنجن ڪتابن جا مهاڳ لکيا آهن، تن ۾ ''جل جل مشعل جل''، ''ڪي جو ٻيجل ٻوليو''، ''راج گهاٽ تي چنڊ''، ''وڇون وسڻ آيون'' ۽ ''ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي'' شامل آهن. انهن مهاڳن ۾ محمد ابراهيم جويي ڄاڻايل ڪتابن، توڙي ڪتاب جي ليکڪ (شيخ اياز) بابت، ڀيرائتي ڄاڻ ڏني آهي. سندس مهاڳ، ان دؤر ۾ شيخ اياز جي ڪتابن جو خاص تعارف بڻيا، تنهن ڪري انهن کي سهڻي شيخ اياز نمبرن ۾ پڻ، ٻيهر ڇاپي عام ڪيو ويو. نه رڳو اهو پر اڳتي هلي انهن مهاڳن کي، سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي ''مون ذات انوکي آندي آ'' جي نالي سان، ڌار ڪتابي صورت ۾ سال 2012ع ۾ پڻ ڇپرائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ مٿي ڄاڻايل مهاڳن کان سواءِ 02 ٻيا مهاڳ (''جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي'' ۽ ''هي گيت اجايل مورن جا'') پڻ شامل ڪيل آهن. جائزو وٺڻ سان پروڙ پوي ٿي ته هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ محمد ابراهيم جويي، هنن مهاڳن ۾ نهايت ڳوڙهي اڀياس کان پوءِ شيخ اياز جي شاعريءَ جي سماجي، سياسي ۽ فڪري پاسن تي روشني وڌي آهي. ان سان گڏوگڏ هن شيخ اياز جي ٻوليءَ جي خوبصورتي، سندس تشبيهن، استعارن ۽ مشاهدن تي جوڳي روشني وجهڻ توڙي سندس انقلابي تخليقن، پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ۽ آمريتي ڏاڍ کي للڪار تي پڻ جوڳي روشني وڌي اٿس. جنهن ادبي ميدان ۾ شيخ اياز جي ڪتابن کي، متعارف ڪرائڻ توڙي کيس اعلیٰ پايي جو نڊر شاعر ڪري پيش ڪرڻ ۾ اهم تاريخي ڪردار ادا ڪيو.

هيٺ سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾، محمد ابراهيم جويي جي ڇپيل انهن مڙني مهاڳن جو، هڪ هڪ ڪري، مختصر احوال ڏجي ٿو:

## 3.4.1 محمد ابراهيم جويي جا لکيل مهاڳ

**3.4.1.1. جل جل مشعل جل جل:** محمد ابراهيم جويي، هي مهاڳ تاريخ 19 فيبروري 1968ع تي، شيخ اياز جي شعري مجموعي ''جل جل مشعل جل جل'' لاءِ لکيو. جنهن ۾ هُن، ڪتاب جو تفصيل ڏيندي

لکيو آهي ته: ”هي مجموعو سيپٽمبر 1966ع کان مارچ 1967ع تائين جي تخليق آهي.“ [اياز، شيخ. سهٽي ش. ا. ن. 01، 234] جيڪو بيتن، واين، غزلن، گيتن، لوڪ گيتن ۽ آزاد نظمن تي مشتمل آهي. محمد ابراهيم جويي، هن مهاڳ ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ جي تخليقي ۽ معنوي خوبين تي تفصيلي روشني وڌي آهي. ان سان گڏوگڏ شيخ اياز جي مزاجي حساسيت جا احوال پڻ چٽيا اٿس، ابراهيم جويي موجب ان ڪتاب لکجڻ کان اڳ، اسان دوستن سان گڏ شيخ اياز ٿر گهمڻ هليو هو. هن انهن يادگيرين کي پڻ ڪوٽ ڪندي چاٽايو آهي ته جيتوڻيڪ، ان سال ٿر ۾ گهڻا مينهن ڪون وسيا هئا، تنهن ڪري مورن جي ٿهوڪن ۾ ڏاڍي تاس سمايل هئي. تڏهن به لوڪ اميدن جي آڌار تي پنهنجا کيت کيڙي همرچا ڳائي رهيو هو. ماروئڙن جي انهن شادمانن کي اکئين ڏسي هڪ حساس شاعر جي دل جي اڌمن ڪيئن نه اٿل کاڌي هوندي. ابراهيم جويي موجب شيخ اياز جهڙي بيحد حساس شاعر جڏهن اهي منظر پنهنجي اکين سان ڏٺا ته اهي سندس دل دماغ ۾ نقش ٿي ويا، جن کي هن پنهنجي قلمي ذات جو روپ ڊڪائي، هي مجموعو جوڙيو آهي.

ڏٺو وڃي ته هي ڪتاب (جل جل مشعل جل جل) نج شاعريءَ جو ڪتاب آهي ۽ هن مهاڳ جو ليکڪ محمد ابراهيم جويو هڪ سچاڻ نااليرو اديب ته آهي پر شاعر نه آهي. تنهن ڪري هو ڪتاب ۾ موجود نظمي اسمن جي فني سٽاءَ بابت ڪا اوک ڊوک ته ڪري نٿو سگهي ۽ نڪو هن ڪئي آهي. البت هڪ سچاڻ اديب جي حيثيت ۾ هن شيخ اياز جي ڪتاب ۾ موجود اسمن جي موضوعن، انهن جي معنوي حسناڪين توڙي ڪتاب جي سرجڻ بابت خوب لکيو آهي. سندس لکت جو چيد ڪرڻ سان پتو پوي ٿو ته هن غيرجانبداريءَ سان ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي. جنهن جي پڙهڻ کان پوءِ ڪتاب پڙهڻ لاءِ اتساهه وڌي وڃي ٿو.

**3.4.1.2. ڪي جو ٻيجل ٻوليو:** محمد ابراهيم جويي، هي مهاڳ تاريخ 21 جولاءِ 1970ع تي، شيخ اياز جي شعري مجموعي ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ لاءِ لکيو. جنهن ۾ هُن، شيخ اياز جي ظبط ٿيل ڪتابن سان گڏ، سندس شعرن جيڪي ان وقت ”روح رهاڻ“ ميگزين ۾ ڇپيا هئا، تن جي تفصيلي ذڪر، توڙي سندس شعر (جل جل مشعل جل جل، هي گيت اجايل مورن جا ۽ رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي) جي ننڍن ڇٽڪن جو ذڪر ڪيو آهي. محمد ابراهيم جويي موجب: ”هي ڪلام مارچ 1969ع واري لڳل، ٻين مارشل لا جي دؤر تائين جي پيداوار آهي. هن مجموعي ۾ جيڪو مواد شامل آهي، سو سندس 2 مهينن جي قلمي پورهئي جو نچوڙ آهي.“ [جويو، محمد ابراهيم. سهٽي ش. ا. ن. 01، 213] ڪتاب بابت ان تفصيل سان گڏ محمد ابراهيم جويي ان آمريتي دؤر تي پڻ پيرائتو لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو عتاب هيٺ اچڻ، اديبن جو جيل ڪاٽڻ، توڙي شيخ اياز تي لڳل، اسلام دشمني ۽ ديس دروهيءَ جي ڪوڙن الزامن جو احوال شامل آهي.

محمد ابراهيم جويي هن مهاڳ ۾ هن شعري مجموعي ۾ شامل منظوم ڊرامن (دودي سومري جو موت ۽ رني ڪوٽ جا ڌاڙيل) جي ڪردارن توڙي پسمنظرن جي علامتي اظهار کي سندس شاعريءَ مان حوالان سان بيان ڪيو آهي. گڏوگڏ ڪتاب منجهه شامل صنفن جا انگ اکر پڻ ڏنا اٿس، جنهن موجب

هي ڪتاب جملي 37 غزل، 18 نظم ۽ 19 گيتن ۽ واين تي مشتمل آهي. سندس مهاڳ جي ٻولي ڏاڍي سادي ۽ سنهنجي آهي. سندس، منظوم ڊرامن جي ڪردارن توڙي پسمنظرن بابت ڏنل معلومات عام پڙهندڙ لاءِ ڏاڍي ڪارائتي آهي. گڏوگڏ ڪتاب مان چوند شاعريءَ جي پيشڪش سندس لکت ۾ ڏاڍي چس پيدا ڪئي آهي. جنهن سان پڙهندڙ جي دل ۾ سندس هي ليک هڪ ساهيءَ ۾ پڙهڻ جي سڌ پيدا ٿئي ٿي. ان سان گڏوگڏ هن، انگن اکرن سان پڻ مهاڳ کي وڌيڪ مائيدار بنايو آهي. البت پاڻ جيئن ته شاعر نه آهي تنهن ڪري، ڪتاب ۾ موجود اسمن جيءَ فني گهاڙيٽن تي نه لکيو اٿس، جنهن جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي.

**3.4.1.3. راڄ گهاٽ تي چنڊ:** محمد ابراهيم جويي، هي مهاڳ تاريخ 20 نومبر 1970ع تي، شيخ اياز جي شعري مجموعي ”راڄ گهاٽ تي چنڊ“ لاءِ لکيو. جنهن ۾ هُن، چاٽايو آهي ته شيخ اياز جي شاعريءَ جو هي، 13 مجموعو آهي. ان سان گڏوگڏ هُن، 1975ع کان شيخ اياز جي خاموش رهڻ ۽ شاعري نه ڪرڻ توڙي 1980ع کان لاڳيتو 1987ع تائين شعري مجموعن جي ڇپجن تي پڻ پيرائتو لکيو آهي. محمد ابراهيم جويي هن ڪتاب مان ڪي شاهڪار شعر ڪٽي، انهن جي اهميت بيان ڪئي آهي، ان سان گڏوگڏ هن، شيخ اياز کي کوٽ ڪندي لکيو آهي ته: ”چند نظم چڙي باقي ٻيا سڀئي صبح جو 4 وڳي کان 6 وڳي تائين جي وقت جي تخليق آهن.“ [جويو، محمد ابراهيم. سهڻي ش. ا. ن. 01، 226]

محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز جو بنهه ويجهو دوست هو، تنهن ڪري کيس پوري پوري خبر هئي ته شيخ اياز ڪهڙين ڏکيائين کي، منهن ڏيندي لکي رهيو آهي ۽ اهو به ته هن جون ههڙيون تصنيفون ڪهڙن وقتن جون رچيل آهن. ان جو احوال عوام تائين پهچائڻ لاءِ سندس، هن لکت جي وڏي اهميت آهي. انهن ڏينهن ۾ شيخ اياز جا لاڳيتا ڪتاب اچي رهيا هئا، تنهن ڪري محمد ابراهيم جويي ان ڳاٽيٽي جو حساب پڻ ڏنو آهي. ان سان گڏوگڏ هن، هن مهاڳ ۾ سندس شاعريءَ جي وڏي واک واکاڻ پڻ ڪئي آهي.

**3.4.1.4. وڄون وسڻ آيون:** محمد ابراهيم جويي، هي مهاڳ تاريخ 15 آگسٽ 1972ع تي، شيخ اياز جي شعري مجموعي ”وڄون وسڻ آيون“ لاءِ لکيو. جنهن ۾ هُن، شيخ اياز جي ظبط ٿيل 3 ڪتابن (ڪلهي پاتم ڪينرو 1963ع، ڀئونر ڀري آڪاس 1964ع ۽ جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي 1968ع) ۽ سندس جيل ڪاٽڻ جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ 1955ع واري ون يونٽ جي غلامي ۽ سال 1958 کان 1968ع واري مارشل لائي آمريتن، توڙي مسلم بنگال جي علحدگيءَ جو پيرائتو احوال پڻ درج ڪيو اٿس. هن شيخ اياز جي شاعريءَ سان گڏ سندس عملي ۽ ذاتي زندگيءَ جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. هن شيخ اياز کي کوٽ ڪندي لکيو آهي ته: ”جيئن شيخ اياز شاعر، موسيقار ۽ مصور کي صدين جا سرجڻهار سڏيو آهي، تئين شيخ اياز پاڻ به صدين جو سرجڻهار آهي، سندس شاعري، اڄ لاءِ به آهي ته آئيندي لاءِ به آهي.“ [جويو، محمد ابراهيم. وڄون وسڻ آئيون، 212]

محمد ابراهيم جويي هن مهاڳ ۾ هڪ ئي وقت شيخ اياز جي 3 پابندي پيل ڪتابن، ون يونٽ جي ڏاڍ ۽ ڏمر، 2 مارشل لاز لڳڻ ۽ شيخ اياز جي سٺل سعوبتن جو ذڪر پيرائتو ڪري ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هي مهاڳ ته شاعريءَ جي ڪتاب جو آهي پر ان ۾ ليڪ ملڪ جي وڏن تاريخي واقعن توڙي وقت جي

وڏي شاعر کي سرڪار پاران مليل، قيد ۾ بند تي لکي انهن کي ڊاڪيومينٽ ڪري ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪري ويو آهي. ان سان گڏوگڏ هُن ڪتاب جي فني اسمن، بابت پڻ لکيو آهي. جڏهن ته ڪتاب جي پوياڙيءَ ۾ ڏنل لفظن جي فهرست جي پڻ واکاڻ ڪئي اٿس ۽ چاٽايو اٿس ته اهي ماڻهو جن لاءِ نج نبار لفظ اوپرا ٿي ويا آهن تن لاءِ اها فهرست مددگار ثابت ٿيندي.

**3.4.1.5. ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي:** محمد ابراهيم جويي، هي مهاڳ تاريخ 21 مئي 1988ع تي، شيخ اياز جي شعري مجموعي ”ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي“ لاءِ لکيو. جنهن ۾ هُن، چاٽايو آهي ته: ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو هي 14 مجموعو آهي، جيڪو آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي 2 مهينن ۾ تخليق ڪيو ويو آهي.“ [جويو، محمد ابراهيم. سهڻي ش. ا. ن. 01، 231] هي ڪتاب 3 ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. محمد ابراهيم جويي، مهاڳ جي شروعات هن ڪتاب مان کنيل هڪ نظم (چانڊني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان، ڇڻ تون هئينءَ، يا سڱندن ۾ پريل ڪنهن واءَ جي جهوٽي جيان، تون هئينءَ) سان ڪئي آهي ۽ ان نظم جي، فڪر توڙي فلسفي تي، تفصيلي روشني وڌي اٿس. ان کان سواءِ زندگيءَ جي آدرشن تي، دنيا جي وڏن شاعرن ۽ مفڪرن جا قول ڏئي، هن خطي جي تاريخي اهميت پڻ اجاڳر ڪئي اٿس.

جيتوڻيڪ محمد ابراهيم جويي. هي مهاڳ لکيو ته ”ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي“ ڪتاب لاءِ آهي پر ان جي اڳياڙيءَ ۾ لکڻ جي شروعات هن شيخ اياز جي ڪتاب ”راڄ گهاٽ تي چنڊ“ مان 2 نظم (چانڊني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان ... ۽ تک اندر تاريخ جي، جي تون سمائين مٽان ائين پائين سارا لاش لڙهي ويا ...) کڻي انهن تي تبصري سان ڪئي آهي. جنهن ۾ چاٽايو اٿس ته هن کي اهو تبصرو ان ڪتاب (راڄ گهاٽ تي چنڊ) واري مهاڳ جي پڇاڙيءَ ۾ ڏيڻو هو، پر اهو رهجي ويل هوس سو هتي ڏنو اٿس. ان کان پوءِ ڪتاب جي ٽنهي ڀاڱن بابت پيرائتو لکيو اٿس. سندس مهاڳ ڪتاب بابت جوڳي احوال تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ هُن، ڪتاب توڙي شيخ اياز بابت معلومات درج ڪئي آهي. چاڪاڻ ته هو شيخ اياز جي تمام ويجهن دوستن مان هو تنهن ڪري ڪيس ان جي مصروفيات توڙي تخليقي صنفن ۾ انهن جي موقعن ۽ محلن بابت جيڪا پروڙ هئي سا پڻ درج ڪئي اٿس. سندس مهاڳ ڪتاب جو ڇڻ ته اولڙو آهي، جنهن مان پڙهندڙ ڪتاب جي مڪمل عڪس جو ساءُ وٺي اگهتي وڌي ٿو.

## 3.4.2 سراج ميمڻ جو ليکل مهاڳ ”چنڊ چنبيليءَ ول“:

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبر 01 ۾ محمد ابراهيم جويي جي مهاڳن کان پوءِ هڪڙو مهاڳ سنڌ جي گهڻ پڙهئي، ناليري اديب ۽ دانشور سراج ميمڻ جو پڻ ڇپيل آهي، جيڪو شيخ اياز جي ڇپيل ڪتاب ”چنڊ چنبيليءَ ول“ تي لکيل آهي. شيخ اياز پاران، پنهنجي هن ڪتاب جي مهاڳ لکرائڻ لاءِ سراج ميمڻ کي چوندڻ، مان هڪ ڳالهه پڌري پٽ پئي آهي ته هن، سراج ميمڻ جهڙي دانشور جي ڪسوٽيءَ تي پاڻ کي پرکائڻ پي چاهيو، جنهن تي هو بلاشڪ پورو لٿو. چاڪاڻ ته سندس ڪتاب جي فني، فڪري ۽

تخليقي خوبين تي روشني وجهندي، سراج ميمڻ جو مڃڻ آهي ته شيخ اياز پنهنجي خيال جي لطافت، موجب لفظ توڙي گهاڙيٽا ڪتب آڻڻ جي فن جو فنڪار آهي. هُن ان لاءِ سندس، هيٺين وائيءَ جو مثال ڏنو آهي:

منڌ ملي ميهار، ته چرڪا ڪير هيا؟
لهرين لڙ لهي ويا آخر، سانت وسي سنسار،
ته ___________
چرڪا ڪير هيا؟
ساهه جيڏانهن ويساهه سماڻو، پرکي پاتو پيار،
ته ___________
چرڪا ڪير هيا؟
پاڳا پاڳا ڪير هئي ڪلهه، مان نه هيس منجهدار،
ته ___________
چرڪا ڪير هيا؟

سراج ميمڻ، ان وائي جي ٻولي، هيئيت، موسيقيت ۽ فڪر جي ڳوڙهائيءَ کي بيان ڪندي، شيخ اياز جي ڏانءَ جي وڏي واکي واکاڻ ڪئي آهي. سندس لفظ آهن ته: ”اهڙي وائي، شيخ اياز ئي لکي سگهي ٿو.“ [ميمڻ، سراج. سهڻي ش. ا. ن. 01، 240] هن سندس فن کي لطيف سائينءَ جي شاعريءَ وانگر خيال ۽ گهاڙيٽي جي گهرائيءَ سان ٺمٺار چاٽائيندي کيس نهايت اعلىٰ پايي جو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. سندس مهاڳ، شيخ اياز جي فن ۽ فڪر جي گونان گونيت جو چڱ ته مصدق حوالو آهي. جنهن جي اهميت جو جوڳو قدر ڪندي سهڻي رسالي جي صاحب، ان کي سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ٻڻ ٻيهر ڇاپڻ جي لاءِ جاءِ ڏني. هن قسم جا مهاڳ سنڌي ادب جا روشن ڏيئا آهن، جن جي روشنيءَ ۾ حال ۽ مستقبل جا ليکڪ پنهنجون تصنيفون لکي، سنڌي ادب کي مالا مال ڪندا.

سراج ميمڻ جي لکيل مهاڳ جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي:

سراج ميمڻ، هي مهاڳ تاريخ 09 سيپٽمبر 1985ع تي، شيخ اياز جي شعري مجموعي ”چنڊ چنبيليءَ ول“ لاءِ لکيو. جنهن جي شروعات هن، شيخ اياز جي ناچاڪائيءَ سان ڪئي آهي، جنهن ۾ سندس ٺيڪ نه هجڻ جي ڪري، اڻ دکيل سگريٽ پيئڻ جو ٻڻ حوالو ڏنو اٿس. گڏوگڏ هن مهاڳ جي لکت ۾ سراج ميمڻ ان وقت جي لبرل دانشورن پاران، شيخ اياز تي لڳايل الزامن کي ٻڻ ننديو آهي. جنهن ۾ مخالفن روزاني مهراڻ اخبار ۽ ڪاروان توڙي جماعت اسلاميءَ جي سهاري نڪرندڙ رسالن ۾ ڀرپور لکيو ويو هو. انهن لکڻين جي نتيجي ۾ شيخ اياز کي جيل پوڳڻو پيو هو. ان ڏس ۾ رسول بخش پليجي ”انڌا اونڌا ويڄ“ ۽ مولانا گراميءَ مشرقي شاعريءَ جي قدرن تي پنهنجو مقالو لکي سندس دفاع ڪيو هو. ان کان سواءِ ليکڪ شيخ اياز جي شاعراڻين خوبين جهڙوڪ: فڪر، خيال، لفظن جي رنگيني، گهاڙيٽي ۽ هيئيت کي، هن مجموعي مان مثال ڏئي بيان ڪيو آهي.

## 3.5 اکين ڏني احوال جون ساروٽيون:

”شاعر شيخ اياز دبئيءَ ۾“ ڪلاپرڪاش: ڪلاپرڪاش جو هي ليک، فني لحاظ کان هڪڙي اکين ڏني احوال تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ليکڪا شيخ اياز ۽ سندس گهر ڀاتين سان، گڏ گهاريل گهڙين جي، ساروٽين تي لکيو آهي. ليکڪا هن لکڻيءَ ۾ شيخ اياز جي دبئي ۾ گهاريل 3 ڏينهن جو، پيرائتو احوال پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ سنڌي اديبن پاران، شيخ اياز کي ڏنل آجياڻو، آئسٽوريا هوٽل ۾ سندس رهائش، مقامي اديبن جي گهرن ۾ ساڻس رچايل رهاڻين جو احوال، اهڙي ته سهڻي انداز سان بيان ڪيل آهي. جو پڙهندڙ پاڻ کي، انهن مڙني رهاڻين، پروگرامن ۽ ڪچهرين ۾ شريڪ پائڻي ٿو.

ڪلاپرڪاش جي لکڻيءَ جي انداز جو نمونو هن ريت آهي: ”ايئرپورٽ کان آئسٽوريا هوٽل تائين ڪيئن پهتاسين، ڪا به ڪل ڪان پئي. الائي ڪنهن، ڪنهن جي واقفيت ڪرائي. آئسٽوريا پهچندي ئي، اسين هڪ ٻئي کي ايئين وچڙي وياسين جڻ سالن کان گڏ آهيون. آئسٽوريا هوٽل اسان جو دائمي ٺڪاڻو آهي. آئسٽوريا هوٽل جا 2 ڪمرا ”212“ ۽ ”204“ اسان جي ڪشش جو مرڪز بڻيا رهيا. ڪنهن کي گهرگهاٽ به ياد نه هو. البت نوڪريءَ وارا ساٿي، مجبوريءَ وچان ڊيوٽي ڏيڻ ويا پي، پر جيئن ئي ڊيوٽيءَ جو وقت ختم ٿي ٿيو، تيئن ئي ڊوڙ آئسٽوريا هوٽل ڏانهن.“ جيتوڻيڪ ڪلاپرڪاش ٽنهي ڏينهن جي سمورين سرگرمين تي لکيو آهي، پر ان سان گڏوگڏ هن گهڻيون ڳالهيون، شيخ اياز جي زال زرينه سان ڪيل، سندس ڪچهريءَ جون ورجايون آهن.

ان کان سواءِ هن هندستان جي ناليري اديب، موهن گيهاڻيءَ پاران ”گلف نيوز“ مان شيخ اياز کي پڙهي ٻڌايل خبر جي پڻ ڳالهه ونڊي آهي، جنهن ۾ جي. ايم. سيد ۽ عبد الواحد آريسر صاحب جو ذڪر ڪيل هو. جنهن تي موهن گيهاڻيءَ، شيخ اياز کي چيو ته: ”اسان وٽ اجا تائين ڪم ڪندڙ، شخصي ضدن ۽ ويرن کان مٿي نٿا چڙهن“ جنهن تي شيخ اياز وراڻيس ته: ”شخصي ضدن ۽ ويرن جي ڪري ئي اسان جي يوٿ کي صحيح ليڊرشپ نه ملي آهي. مون جڏهن ڏاهر تي نظم لکيو، تڏهن سچي سنڌ مون سان ڪاوڙجي وئي هئي. مون کين چيو توهين تاريخ پڙهو. چچ نامي مان پتو ٿو پوي ته ڏاهر جي دشمنن هيءَ حقيقت چاڻائي آهي ته: هن جنگ جي للڪار جي موٽ ۾ خط لکي مُنجو هو، ’جيڪڏهن توهان کي ماري مجايم ته مان هڪ بهادر راجا ڪري ليکيو ويندس، جي مون هارايو ۽ توهان هٿان مارجي ويس ته، سنڌ تان قربان ٿيس.‘“ [پرڪاش، ڪلا. سهڻي ش. ا. ن. 01، 206]

ان سان گڏوگڏ، ڪلاپرڪاش، شيخ اياز جي زال زرينه سان سندس ٻڌهين ڪچهرين، جون ڳالهيون پڻ هن لکڻيءَ ۾ ورجائي انهن کي جوڳي جاءِ ڏني آهي. هن لکيو آهي ته زرينه کيس ٻڌايو ته: ”جڏهن، سنڌري ۽ اتم سنڌ آيا هئا تڏهن، سنڌريءَ مون کان پڇيو هو ته: ’اياز ٻي چو پرڻيو؟ تو ۾ ڪهڙي ڪمي ڏٺائين؟ مون کيس چيو اهو سوال ته اوهين اياز کان ئي پڇو، مون لاءِ ته اج به اياز کان ڪو سٺو سهڻو مرد دنيا ۾ ڪونهي.‘“ ان کان سواءِ هن، زرينه سان ڪيل ڪچهرين ۾ ڪانئس ٻڌل، شاهه لطيف جي بيتن کي واکاڻيندي لکيو آهي ته: کيس شاهه پڻائي ايڏو ته زبان تي چڙهيل آهي، جو هوءَ ڳالهين ۾ هر موقعي تي

ڇھڪندڙ بيت چوي ٿي، اسين سنڌي هندو جيڪي ورهاڱي بعد سنڌ مان لڏي وياسين، تن بابت شاھ لطيف جو بيت: ”ماڻھو مڙئي نه سھڻا، پکي مڙئي نه هنج، ڪنهن ڪنهن ماڻھوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.“ ٻڌايائين ۽ ڪيس پنهنجي هندو ساهيڙين بابت پڻ ٻڌايائين جيڪي ورهاڱي وقت سنڌ ڇڏي ويون هيون ۽ ڪيس اچا تائين ياد آهن. انهن ۽ اهڙين ٻين ڳالهين مان ڪيس شيخ اياز سان زرينه جي گهاريل زندگيءَ جي مختلف واقعن، لاهين ۽ چاڙهين توڙي شاعري، جيل ڪاٽڻ، ٻارن جي پرورش وغيره بابت پيرائتي احوال جي پروڙ پئي، جيڪا هن، پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هن ليک ۾ ڏاڍي تفصل سان، وڻندڙ انداز ۾ لکي آهي.

ٿلهي ليکي ڏسجي ته سندس هيءَ تحرير هڪ سچاڻ لکيڪا پاران، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي شاعر جي دبئي ۾ لڳاتار 3 ڏينهن جي سرگرمين جي هڪ پيرائتي رپورٽ آهي. جنهن ۾ هن ننڍين وڏين سرگرمين جو احوال ڏيڻ سان گڏ انهن ڏينهن دوران ٿيل ڳالهين ۽ انهن تي شيخ اياز پاران موٽ ۾ ڏنل تبصرن کي پڻ محفوظ ڪرڻ ۾ وسان ڪون گهٽايو آهي. هن لکڻيءَ کي ساروڻيءَ طور ئي ڏسجي ته ادبي لحاظ کان، ان جو وڏو ڪارج آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ لکڻي مان، شيخ اياز بابت لکڻ وقت، ڪي حوالا ڪٽي ڪتب آڻي سگهجن ٿا.

## 3.6 ڪهاڻيون

سهڻي رسالي، جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ شيخ اياز جون ڪل 3 ڪهاڻيون ڇپيل آهن. جن مان 2 پهرئين ۽ 1 ٻئين نمبر ۾ ڇپيل آهي. وصفي لحاظ کان، ڪهاڻيءَ کي افسانو به چيو وڃي ٿو. جنهن ۾ انساني مسئلن، جذبن، محبت، نفرتن ۽ خواهشن جي چٽيءَ ريت اپٽار ڪري منجهانئس ڪو سبق ورتو ويندو آهي. شيخ اياز جي جيتوڻيڪ سڃاڻپ هڪ شاعر واري آهي، پر پاڻ جيڪو نثر لکيو اٿس سو پڻ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس لکتن جي اهميت جا ساکي تنهن دور جا اديب وڏي واڪي آهن. ”شيخ اياز جي عظيم شاعريءَ جي ڪري، سندس افسانه نويسيءَ وارو پاسو لوڪ کان لڪل رهيو آهي. مون کي موجوده دور جي ڪهاڻيءَ جو ابو سڏيو يا سمجهيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ اهو سهرو به شيخ اياز تي ئي آهي.“ [ابڙو، جمال. جي تند برابر توريان، 10] سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾: ”سهڻي سير ۾“، ”هڪ شمع جا ٻه پروانا“ ۽ ”پروچڪي رت“ جي عنوانن سان 3 ڪهاڻيون ڇپيل آهن. اهي ٽئي ڪهاڻيون پهرين ”سنڌو مخزن“ ۾ ڇپيون جن کي ٻيهر، طارق اشرف سهڻي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇاپيو.

ڪهاڻيون پڙهندڙن کي جيتوڻيڪ اڳواٽ پوري پروڙ هوندي آهي ته اهي نج ذهني تخليق آهن پر تنهن هوندي به ڪهاڻيون اهڙيون ته جاندار ۽ وڻندڙ گهاڙيٽي سان منظرنگاريءَ جي فن سان ڀرپور ڪري ڏيکاريل هونديون آهن، جو پڙهندڙ پاڻ کي ڪردارن سان گڏ بيٺل پائيندو آهي ۽ مڙئي منظر روبرو پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو هوندو آهي. شيخ اياز جي ڏانءَ کي سندس هنن ڪهاڻين مان ڀرپور نموني پسي سگهجي ٿو. ادب ۾ ٻين صنفن سان گڏ، ڪهاڻيون پڻ وڏو مقام رکن ٿيون. جيڪي سماج ۾ وڏي اٿل پٿل پيدا ڪنديون آهن ۽ ان تي چڙهيل جاهليت ۽ رجعت پسنديءَ جهڙن مڪروهه تهن کي، لاهي ڦٽي ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون آهن.

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ٻيهر ڇپيل شيخ اياز جيءِ انهن ٽنهي ڪهاڻين جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي:

3.6.1. سهڻي سير ۾: هيءَ ڪهاڻي شيخ اياز جي شروعاتي ڪهاڻين مان هڪ آهيءِ جيڪا سڀ کان پهرين سال 1942ع ۾ سنڌو مخزن ۾ ۽ ٻيهرءِ ”سهڻي رسالي“ءِ شيخ اياز نمبر 1 ۾ 260 صفحي تي ڇپي. هيءَ ڪهاڻيءِ سنڌ جي ”سهڻي ميهار“ جي عشقيه داستان تي آڌاريل آهي. جيتوڻيڪ هيءَ ڪهاڻيءِ شيخ اياز جي اوائلي لکتن منجهان آهيءِ پر ٽنهن هوندي به جيڪڏهن ڏسجي ته ڪهاڻيءَ جو پلاٽ نهايت شاندار نموني جوڙيل آهيءِ جيڪو سهڻيءَ جي عشق جي اڏمن تي ٻڌل آهيءِ جنهن جي ڪري هوءَ آڌيءَ رات جو اٿي هيبت جي درياهه کي تري پار ويندي هئي. ليکڪ ڪهاڻيءَ کي دلچسپ ۽ وڌيڪ وڻندڙ بڻائڻ يا منجهس لطافت پيدا ڪرڻ لاءِ ان ۾ لطيف سائين جي سر سهڻيءَ مان هيٺيان بيت پڻ شامل ڪيا آهن:

- ته ڪَرَ ڪِنهن سُئي؟ جي سِيرَ نه گهڙي سُهڻي ...
- سرتيون! صورت جي ڏسوءِ ساهڙ ڄام جي ...
- نڪو سنڌو سير جوءِ مڇ نه ملاحن...
- ڪانڌي ڪنگ ٿياسءِ وهڻ جنازو سُهڻي...

جيئن ته ڪهاڻيءَ جو موضوع عشق سان سلهاڙيل آهيءِ ٽنهن سان نياءُ ڪرڻ لاءِ شيخ اياز ڪردارن جي منظرن نگاري ۽ انداز بيان لاءِ نهايت سادي ۽ سولي ٻولي ڪتب آندي آهي. جيڪا وڻندڙ به آهي ته سولائيءَ سانءِ سمجهه ۾ ايندڙ پڻ. ڪهاڻيءَ ۾ منظر نگاريءِ اهڙي ته خوبصورت انداز ۾ ٿيل آهيءِ جو پڙهندڙ منظر ۾ محو ٿي وڃي اتي پڇي ٿوءِ جتي اها روداد ٿي رهي آهي. هن ڪهاڻيءَ جي منظرن ۾ 29 جي اونداهيءَ ۾ ستارن جو ٽمڪڻءِ چؤطرف خاموشيءَ ۾ جهنگلي جيوت جا آوازءِ سياري جي رات جي پاري جون پڇاڙيون ڪرڻءِ درياهه جي دهشتءِ سهڻيءَ جي من ۾ ميهار سان ملڻ جي آنڌ مانڌ جهڙا دل لڀائيندڙ منظر چٽيل آهن.

ڪهاڻيءَ جو خيال ڏاڍو سگهارو آهيءِ جيڪو هڪ فرد ۾ جمود ۾ پيل سماج جي ڪوڙين ريتن رسمن کي مڪمل رد ڪرڻءِ توڙي ان کي ڊاهڻ لاءِ هڪ للڪار پيدا ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪري ٿو. جيڪا هڪ سچاڻ ليکڪ جي روشن خياليءَ جو تمام وڏو دليل آهي. ڇاڪاڻ ته قلم ڌڻي سماج کي صدين جي اونداهين واري پاتال مان ڪڍي ڪناري ڪندا آهن ۽ قومن کي ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهڻ توڙي بيڪار ۽ مدي خارج ريتن رسمن کي ترڪ ڪرڻ جيءِ ترغيب ڏيندا آهن. جنهن معيار تي هيءَ ڪهاڻي ڏاڍي پڪي ۽ پختي ٿي بيهي ٿي.

3.6.2. هڪ شمع جا 2 پروانا: هيءَ ڪهاڻيءِ پڻ شيخ اياز جي شروعاتي ڪهاڻين مان آهيءِ جيڪا اولءِ ڊسمبر سال 1942ع ۾ ”سنڌو مخزن“ ۾ ۽ ٻيهر ”سهڻي رسالي“ءِ شيخ اياز نمبر 1 ۾ 261 تي

ڇپي. هيءَ مختصر ڪهاڻي، مغل بادشاهه اڪبر جي پٽ شهزادي سليم، سان انارڪليءَ ۽ مهرالنساءِ جي محبت جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ کي دلچسپ بڻائڻ لاءِ شيخ اياز پنهنجي ذات جي ڏاڻءَ سان هڪ سحر انگيز منظرنگاريءَ جو جامو پهرايو آهي، جيڪو پڙهندڙ کي ڪهاڻي ختم ڪرڻ کان اڳ، اڌ ۾ ڇڏي اٿڻ نٿو ڏي. سندس انداز بيان ته ڏسو جيڪو هن ڪهاڻيءَ جي هڪ ڪردار، مهرالنساءِ جي حصي مان بيان ڪيو آهي. هوءَ شهزادي سليم جي يادن ۾ بي اختيار ٿي لکي ٿي ته: ”پرين! سانوڻ رت آئي، آسمان آگمريو. بجلي چمڪي، بادل برسيا پر تو ورڻ جي وائي نه واري. ڇا سپئي واعدا وساري ڇڏيئي؟ تو سواءِ نه ڪو مزو موت ۾ نه ڪو جيئڻ ۾ ئي جس. ڇا هن نڌر نماڻيءَ کي پنهنجي نجهري پناهه جو پاند نه ڏيندين؟ من ڪا مهر پوئي جو ناتر کي نوازين، پيو ڇا لکان؟ لکڻ لڙڪ به ڏين، ڪريو پون قلم تي! تنهنجي مهر“ اهڙيءَ ريت هو، پنهنجي ڪهاڻيءَ کي جاندار مڪالمن سان سوارينديءَ توڙ پڄائي ٿو. جيڪو سندس علمي ڏاڻءَ جو عاليشان مثال آهي. ان کان سواءِ ڪهاڻي وڻندڙ فطري منظرن سان پڻ ٿمٿار آهي، جنهن ۾ پرهه جون باکون ڪيڻ، ابابيلن جو اڏامڻ، تتڙي ۽ ڪيف آور هوا جو هلڻ، ڪنهن مولسريءَ جي درخت تان ڪوئل جو دل خراش ڪوڪڻ، شاهي رستن جي پنهين پاسن تي جوئر ۽ پاجهر جا چوڪ، ڪنهن خوبصورت رقاصا جئين هوا ۾ لڏڻ لمڻ واري ماحول ۾ شهزادي سليم جي گهوڙيسواري وغيره ڪهاڻيءَ کي جاندار بنائين ٿا. ڪهاڻيءَ ۾ شهزادي سليم تي مهرالنساءِ ۽ انارڪليءَ جي عاشق ٿيڻ جي خبر اڪبر بادشاهه کي پوي ٿي، جيڪو انارڪليءَ کي ديوار ۾ بند ڪرڻ جي سزا ڏي ٿو ۽ مهرالنساءِ جي شادي ٻئي پاسي ڪرائي، شهزادي سليم کي، نظربند ڪرائي ٿو.

شيخ اياز اهڙين، وارتائن تي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ بيهاري، ڪهاڻيءَ کي اهڙي ته دلڪش انداز سان بيان ڪيو آهي، جو پڙهندڙ پاڻ کي ان وايي منڊل ٻيڻل محسوس ڪري، سڄي وارتا کي جهڙوڪر اکئين ڏسي رهيو هجي. هڪ ڪهاڻيڪار جي اها تمام وڏي سگهه آهي ته هو پڙهندڙ کي ان مقام تي آڻي بيهاري، جتي ڪهاڻيءَ جا اهي منظر لکجي رهيا هجن. اهو فن شيخ اياز جي هنن اوائلي لکتن، مان بخوبيءَ پسي سگهجي ٿو. سندس ٻولي ۽ انداز بيان ايڏو سادو آهي، جو پڙهندڙ کي ڪا هيڪ ڪان ٿي ٿئي. اجاين ڏارن لفظن کان آجي، نج نبار ٻوليءَ تي مشتمل هيءَ ڪهاڻي، سندس ادبي قدآور شخصيت جي ساکي آهي.

### 3.6.3. پروچڪي رت: هيءَ ڪهاڻي، پڻ شيخ اياز جي شروعاتي، ڪهاڻين مان آهي. جيڪا

سڀ کان اول، سال 1947ع ۾ ”سنڌو مخزن“ ۾ ۽ پيهر ”سهڻي رسالي“ جي شيخ اياز نمبر 2 ۾ صفحي 106 تي ڇپي. هيءَ مختصر ڪهاڻي، پروچڪي سماج جي عڪاسي ڪندڙ آهي. هن ڪهاڻيءَ جو پلاٽ هڪ چوريءَ جي واردات تي مشتمل آهي، جنهن ۾ چور جو ڪردار جانوءَ نالي سان ڏنل آهي. سڄي ڪهاڻي، ٻيلان نالي چوڪريءَ جي گهران ٿيل چوريءَ جي واردات جي چؤڦير ڦري ٿي.

ڪهاڻيءَ ۾ چور جي، پڪڙجي پوڻ کان پوءِ، ڪيس رات جي ٻيگهارو هجڻ جي ڪري، گهر اندر ٻڌي رکڻ ۽ پوءِ وندر ورونهن لاءِ ٻيلان پاران، سر راڳو ڳائڻ وارو منظر چٽيندي، ليکڪ ٻيلان ۽ جانوءَ ۾ محبت جي عنصر کي، جاڳائي ڏيکاريو آهي. ٻيلان چور جي عشق ۾ چور ٿي، جيتوڻيڪ ڪيس پاڻ پياري ٿي ۽ پڻ آزاد ڪري ٿي پر هو، سندس عشق ۾، انڌو ٿيل ڏيکاريل آهي، جيڪو پنهنجي ساهه جي پرواهه

نه ڪندي آزاد ٿيڻ کان نابري واري ٿو. گڏوگڏ ڪهاڻيءَ ۾ تجسس پڻ پيدا ڪيل آهي، تنهن هوندي به پڇاڙيءَ تي چور، پڇي جان بچائيندي ۽ ٻيلان جي ٻروچڪي رت کي لائڻ ۽ توڙ نڀائيندڙ ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

گهر اندر ٿوڙيءَ سان چور ٻڌڻ، اتي دل وندرائڻ لاءِ ٻيلان جي راڻي ڳائڻ، جانوءَ جي دل ۾ ٻيلان لاءِ پيار جي اڌمي جو اٿڻ وغيره جهڙي جماليات ڏيکاري، ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي پيدا ڪئي وئي آهي. جيڪا ليکڪ جي ڏانءَ جو لاجواب مثال آهي. ڪهاڻيءَ ۾ شروعات کان پڇاڙيءَ تائين، ايتري ته وڻندڙ منظر نگاري آهي، جو ڪهاڻي ختم ٿيو وڃي پر پڙهندڙ چڻ ته تاسارو رهجي وڃي ٿو. جينوٽيڪ ڪهاڻيءَ جو موضوع سماجي وڏي برائيءَ چوريءَ جي واردات تي آهي، پر اهو ليکڪ جو ڪمال آهي جو ان ۾ پڻ عشق جو رنگ پريو اٿس، گڏوگڏ ٻروچاڻي ريت ”لائڻ ۽ توڙ نڀائڻ“ کي ان وسيلي چٽو ڪري پيش ڪيو اٿس. اهڙي ناڪاري ڪرت منجهان هڪ هاڪاري پاسو ڏيکارڻ، جهڙي تهڙي ليکڪ جي وس جي ڳالهه ناهي. تڏهن ته جمال ابڙي جهڙا ناميارا افسانو لکندڙ پڻ، شيخ اياز جي قلم جا ساکي آهن : ”شيخ اياز جهڙو عظيم شاعر هو، اوترو ئي عظيم نثر نگار هو. سندس نثر ۾ به شاعريءَ واري جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي هئي.“ [ابڙو، جمال. جي تند برابر توريان، 10]

## 3.7 خط

سهڻي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڪل 16 خط ڇپيل آهن. جن منجهان هڪ تار ۽ 11 خط، شيخ اياز مختلف شخصيتن ڏانهن لکيا. جڏهن ته 2 خط، شيخ اياز ڏانهن لکيا ويا ۽ 2 خط شيخ اياز تي ٿيل تنقيدن جي جواب ۾ لکيل آهن. انهن مڙني کي پنهنجي موضوع جي حساب سان ڌار ڌار 3 نمونن ۾ هيٺين ريت ورڇيو ويو آهي:

- 3.7.1. شيخ اياز جا لکيل خط
- 3.7.2. شيخ اياز ڏانهن لکيل خط
- 3.7.3. شيخ اياز بابت لکيل خط

### 3.7.1 شيخ اياز جا لکيل خط:

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾، شيخ اياز جا لکيل ڪل 12 خط ڇپيل آهن. جن منجهان هڪ تار تنهن وقت ملڪ جي وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو ڏانهن، 10 خط محمد ابراهيم جويي ڏانهن ۽ 01 خط سهڻي رسالي جي ايڊيٽر، طارق اشرف ڏانهن لکيل آهي. شيخ اياز جي انهن 12 خطن منجهان، سندس اسلوب بيان جي چڱي ريت پروڙ پوي ٿي. جيئن عالمي ادب ۾ اڪابرن جي خطن جي وڏي اهميت آهي تئين سنڌي ادب ۾ پڻ ناليرن علمي، ادبي، سماجي، سياسي ۽ ٻين شخصيتن جي لکيل خطن جي وڏي اهميت آهي. مرتبن پاران اهڙن خطن کي ميڙي ڪتاب ڇپائڻ جي پر اسان جي سنڌي ادب ۾ پڻ

رائج آهي. جي. ايم. سيد جو ”ساهڙ جا سينگار“، محمد ارشد بلوچ جو ”سچڻن کي ساريوم“ ۽ شيخ اياز جو ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ان جا عاليشان مثال آهن.

بينظير ڏانهن موڪليل تار، نج پذيرائيءَ تي مشتمل آهي، جنهن کي شيخ اياز ساڻس نيڪ خواهشن طور موڪليو آهي. جڏهن ته محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيل سندس خطن ۾ نج ڪتابن جي ڇپائڻ، انهن جي پروفن پڙهڻ، بائينڊرن جي خبرچار لهڻ تي مشتمل آهن. ان کان سواءِ پنهنجي خطن ۾ شيخ اياز ساڻس پنهنجي اپياس توڙي ڪتابن جي حاصلات بابت احوال ونديا آهن. ان سان گڏوگڏ ڪتابن جي ٽڪڙي ڇپائي ۽ انهن کي ”گلڊ ايوارڊ“ لاءِ موڪلڻ جي پڻ هڪ بئي کي آگاهي ڏنل آهي.

طارق اشرف ڏانهن لکيل خط اصل ۾ سندس (طارق اشرف جي) اماڻيل خط ۽ سهڻي جي پرچي جي موٽ ۾ ڪيس، شيخ اياز پاران اماڻيل جواب تي مشتمل آهي. جنهن ۾ شيخ اياز سندس لکيل ايڊيٽوريل جي واکاڻ ڪندي، سندس قومي جذبي کي ساراهيو آهي ۽ ان سان گڏ معترف ٿيو آهي ته جڏهن کان هو (طارق اشرف)، سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ ڀرپور حصو وٺي رهيو آهي، تڏهن کان سندس سچائي ۽ بي ڊپائي ڏسي، هن لاءِ سندس (شيخ اياز جي) دل ۾ اڳي کان به عزت وڌي وئي آهي.

انهن مڙني جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي:

بينظير ڏانهن ڪيل تار: شيخ اياز هڪ تار، ملڪ جي وزير اعظم بينظير ڀٽو ڏانهن ڪئي. جنهن ۾ هن سارڪ ڪانفرنس ۾ ڪيل سندس تقرير جو حوالو ڏيندي، ڪيس واکاڻيو آهي. ۽ سندس ڪردار کي ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن لاءِ سندس والد جيئن لاپائتو قرار ڏنو آهي. بينظير ڀٽو سارڪ ڪانفرنس جي ان تقرير ۾ واپار، سيڪيورٽي، ۽ سماجي-اقتصادي ترقي جهڙن مسئلن تي ميمبر ملڪن جي وچ ۾ تعاون ۽ ڳالهين کي فروغ ڏيڻ تي زور ڏنو هو. هوءَ چاڪاڻ ته پنهنجي سفارتي صلاحيتن جي ڪري گهڻو مشهور هئي، تنهن ڪري هن ڪانفرنسن کي، پليٽ فارم طور ڪتب آڻي پاڪستان جي مفادن جي وڪالت ڪرڻ سان گڏ، علائقائي استحڪام ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ تي زور ڏنو. هن علاقائي امن، غربت جي خاتمي، ماحولياتي استحڪام، ثقافتي مٽاسٽا، ۽ علائقائي سلامتيءَ تي زور ڏنو ۽ اهڙن وڏين للڪارن کي اجتماعي طور تي منهن ڏيڻ تي زور ڏنو هو. [بي. بي. سي 13 ڊسمبر 2003]

"Your brilliant and wise assessment of the world situation must prove an eye-opener specially to the peoples of South Asia. Yours is the towering intelligence inherited from your August father shaheed Bhutto, who was a great champion of social justice in the third world"

Shaikh Ayaz

[اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 262]

**3.7.1.1. طارق اشرف ڏانهن، شيخ اياز جو لکيل خط:** هيءُ خط شيخ اياز، طارق اشرف ڏانهن، سندس اماڻيل خط ۽ سهڻي جي پرچي جي موٽ ۾ ڪيس جواب ڏيڻ لاءِ لکيو آهي. جنهن ۾ هو، سندس لکيل ايڊيٽوريل بابت لکندي، سندس قومي جذبي کي، ساراهيندي معترف ٿيو آهي ته جڏهن ڪان هو (طارق اشرف)، سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ ڀرپور حصو وٺي رهيو آهي، تڏهن کان سندس سچائي ۽ بي ڊپائي ڏسي هن لاءِ سندس (شيخ اياز جي) دل ۾ اڳي کان به عزت وڌي وئي آهي. ان کان سواءِ مٿس لکڻ تي شيخ اياز سندس ٿورو پڻ مڃيو آهي. هن خط ۾ هو ساڻس اندر جو احوال اوريندي کلي لکيو آهي: ”جنهن وقت به سنڌ کي لتاڙيو چيڀاٽيو ويو آهي، مون کي ايئين محسوس ٿيو آهي ته منهنجا هڏ پيسجي رهيا آهن. منهنجو سارو وجود ڪنهن راڪاس جي لتڙ هيٺ آهي. سنڌ جي پوري تاريخ ۽ تقدير منهنجي نس نس ۾ رچي چڪي آهي. مان ايئن محسوس ڪري رهيو آهيان، ڄڻ مون کي ئي مدد خان ڪٺو هو ۽ خلجيءَ جو خنجر منهنجي ئي سيني ۾ کتو هو. دودي جو ته فقط نالو آهي، مون پنهنجي پاڻ کان سواءِ ڪنهن تي به احسان نه ڪيو آهي. چو ته مان پنهنجي پاڻ کي پائي ئي تڏهن ٿو سگهان جڏهن سنڌ پنهنجي پاڻ کي پائي سگهي. جي سنڌ پاينده آهي، ته منهنجي مٽي پاينده آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 266] ان کان سواءِ هن خط ۾ شيخ اياز پاران ڪيس، ساهيوال جيل ۾ لکيل 200 صفحن واري ڊائري، سهڻيءَ ۾ قسطوار ڇاپڻ جي آڇ پڻ ڪيل آهي. گڏوگڏ ڪيس رشيد ڀٽيءَ جي پارت پڻ هنن لفظن ۾ ڪندي ڪيس ٻڌايو ته پاڻ شاعريءَ سان لڳل هو، جڏهن ته رشيد ڀٽي مسلسل روزانو ڊائري لکندي اٽڪل 700 صفحا لکي چڪو آهي. رشيد ڀٽيءَ جي ان لکت کي پنهنجي موجوده دؤر جو هڪ بيمثال سياسي ۽ ادبي دستاويز ڄاڻائيندي، ڪيس لکيو ته: ”تون ان کي همٿاءِ ته هو ان کي ترتيب ڏئي ڇپائي.“ ان سان گڏ رشيد ڀٽيءَ جي حالت بابت پڻ لکيو اٿس ته اڄڪلهه هو ڪنهن عجيب بيزاريءَ جي ڪيفيت مان گذري رهيو آهي.“

شيخ اياز جو هي خط نهايت مدبراڻي لکت تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هو هڪ پاسي طارق اشرف جي سهڻي رسالي جي واکاڻ ڪري ٿو ته ٻئي پاسي وري ڪيس رشيد ڀٽيءَ پاران لکيل ڊائري ڇپائڻ لاءِ زور ڀري ٿو. جنهن سان سندس علمي ۽ ادبي ذوق جي، پوريءَ ريت پروڙ پوي ٿي. ڇاڪاڻ ته رشيد ڀٽيءَ جي لکيل 700 صفحن تي مشتمل ڊائريءَ کي هو ان دؤر جو علمي ۽ ادبي دستاويز ڄاڻائي ٿو. جڏهن ته عام حالتن ۾ سيڪنهن کي، پنهنجي قلمي پورهئي ڇپائڻ جو الڪو هوندو آهي پر ان جي ابتڙ شيخ اياز کي رشيد ڀٽيءَ جي ڊائريءَ جو اونو ڪجهه سرس هو. جيڪو سندس علمي ذوق جو ساکي اهڃاڻ آهي.

**3.7.1.2. محمد ابراهيم جويي ڏانهن شيخ اياز جا لکيل خط:** سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾، شيخ اياز جا لکيل 12 خط ڇپيل آهن، جن مان 10، هن سنڌ جي ڏاهي محمد ابراهيم جويي کي لکيا. انهن مڙني جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي:

**3.7.1.3.1.** هي خط، شيخ اياز، محمد ابراهيم جويي ڏانهن، سندس خط جي جواب ۾ لکيو. جنهن ۾ ڪيس پنهنجي اداس گذارڻ بابت ٻڌايو اٿس ۽ پڻ معترف ٿيو آهي ته: حالتن جي سازشن، ڪيس نستو ڪري ڇڏيو آهي. ان سان گڏوگڏ هو پنهنجي مطالعي بابت پڻ، محمد ابراهيم جويي کي ٻڌايو اٿس ته اڄ ڪلهه پاڻ،

اطالوي شاعر ”ليوپارڊي“ جي زندگي ۽ شاعري جو مطالعو پيو ڪري. گڏوگڏ ان مطالعي بابت مهراڻ رسالي لاءِ هڪ طويل خط لکي، موڪلڻ جو سائس وچن ڪندي، ڪيس ٻڌايو اٿس ته: ”شايد! ’ليو پارڊي‘ جو مان ٻيو جنم آهيان.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 262] (انسائڪلو پيڊيا برطانيا، مطابق اطالوي شاعر ”ليو پارڊي“ جو جنم 29 جون 1798ع ۽ وفات 14 جون 1837ع ۾ ٿي . ڪيس وڏي اسڪالر، فلسفي جي ڄاڻو، صوفياڻي ڪمن ۽ شاندار شاعري جي ڪري اوڻيهين صديءَ جي عظيم اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.)

شيخ اياز تي زماني جي گردش، توڙي وقت جي حاڪمن پاران ڪيترين ئي ڏکيائيون آيون ۽ هن ڪيترين ئي، سعبتون سٺيون پر هن عظيم انسان قلم هٿان نه ڇڏيو. هن خط ۾ جيتوڻيڪ پاڻ محمد ابراهيم جويي کي، پنهنجي اندر جو احوال ڏنو اٿس، پر ان جي جانچ پرک مان پتو پوي ٿو ته هو، پنهنجي دوستن سان پنهنجي اندر جون ڳالهيون اوريندو هو ۽ ڪانئن ڪو پردو ڪون رکندو هو. گڏوگڏ سندس مطالعي هيٺ اطالوي شاعر جو هجڻ ۽ پاڻ کي ان جو، ٻيو جنم ڪوٺڻ سندس شاعريءَ توڙي خيالي مماثلت جو مثال آهي. شيخ اياز اهو گهڻ پڙهيو، سنڌ جو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن دنيا جي ادب جا ڪيترائي وٿاڻ، پليءَ پٽ ووڙيا هئا.

3.7.1.3.2. شيخ اياز هي خط، محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيو. جنهن ۾ ڪيس نظم جي نئين تجربي، جي باري ۾ ٻڌائيندي لکيل آهي ته: ”مون نظم ۾ ڪجهه نوان تجربا ڪيا آهن. شامل نظم به ڪتاب جي نظم جي حصي ۾ گڏجاڻ ۽ چڱي طرح پڙهي هي خط، پنهنجو رايو به لکي موڪلجان ته: منهنجي محنت رائيگان ته نه آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 263]

شيخ اياز هن خط ۾ محمد ابراهيم جويي کي، ميار ڏني آهي ته هن ڪيس گهڻي وقت کان، خط جو جواب نه ڏنو آهي. جيتوڻيڪ هي مختصر خط آهي. جنهن ۾ رواجي دعائون ۽ حال احوال ته آهن پر انهن سان گڏ، هڪ تمام وڏي ڳالهه ڪيل آهي ته شيخ اياز جهڙو وڏو شاعر، پنهنجي دوست سان شاعريءَ ۾ ڪيل پنهنجن تجربن کي وندبيندي، ڪيس زور پري ٿو ته هو ڪيس پنهنجي موٽ ترت ڏي ته: جيئن پاڻ ڄاڻي سگهي ته درست دڳ سان سفر ۾ آهي ڪين نه. ۽ پڻ ڪيس اهو به لکيو اٿس ته پاڻ اهي خط زندان جي ديوارن کي ته ڪون ٻڌائيندو. جنهن مان سندس هڪ ٻئي مان، سکڻ سيکارڻ توڙي رهنمائيءَ واري رويي جي پروڙ پوي ٿي. ٻي صورت ۾ سچائي اها آهي ته ان قدڪاٺ کي پهتل شاعر ڪنهن جي تنقيد، سهي ڪون سگهندا آهن ۽ هن جو مزاج وري اهو آهي ته وتي ٿو، پنهنجي ڪم تي تنقيد جون دعوتون ڏيندو ۽ اهو هڪڙو اعلىٰ گڻ آهي.

3.7.1.3.3. هي خط، شيخ اياز محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيو. جنهن ۾ هن سائس پنهنجي مطالعي، سنگت ساٿ سان هم خيالي، توڙي سندن رويي جي شڪايت ڪندي، سندس ايندڙ ڪتاب جي تڪڙي ڇپجڻ ۽ ان کي ”گلڊ ايوارڊ“ لاءِ موڪلڻ بابت خيال وندبيا آهن. شيخ اياز ڪيس لکيو آهي ته: پاڻ روزانو پنج ڇهه ڪلاڪ ڪتابن جي مطالعي ۾ گذاري ٿو ۽ گذريل ٽن چئن مهينن ۾ پاڻ 100 کن ڪتاب ادب، فلسفي،

تاريخ ۽ سياست تي پڙهي چڪو آهي. ان کان سواءِ ساڻس دوستن جي سچائيءَ بابت ڏکائتي انداز ۾ اظهاريندي لکيو اٿس ته: ”هزارها واقعن جي باوجود ڪو به اهڙو دوست ڪون آهي، جنهن سان به چار ڪلاڪ روح رهاڻ ڪجي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 263] ان کان سواءِ هو پنهنجي ايندڙ مجموعي جي پروفنگ جي پارت ڪندي، ان جي تڪڙي ڇپجڻ لاءِ تاڪيد ڪندي کيس ٻڌائي ٿو ته: پاڻ اهو ڪتاب ”گلبُ ايوارڊ“ لاءِ پيش ڪرڻ چاهي ٿو.

شيخ اياز جي هن خط مان سندس مطالعي بابت پروڙ پوي ٿي ته هو، مطالعي کي وڏي ترجيح ڏيندو هو ڇاڪاڻ ته ٽن چئن مهينن ۾ 100کن ڪتابن جو مطالعو ڪنهن عام ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه نه آهي. ان کان سواءِ کيس شڪايت آهي ته پاڻ ۾ ڪي چند دوست آهيون ۽ مختصر زندگيءَ ۾ هڪ ٻئي سان ملي نٿو سگهجي. مطلب ته پاڻ دوستن سان گهڙيون گهارڻ جي معاملي ۾، ڏاڍو تاسارو هو ۽ ٻيو ته سندس مزاج موجب کيس بنھ ٿورا دوست هئا. سي پڻ پنهنجي مصروفيتن سبب ملڻ مهانگا هئا. تنهن ڪري هن، محمد ابراهيم جويي کي، شڪايت ڪئي آهي ته: ”جمال کي فون ڪري ڪري ٿڪجي پيو آهيان، هر وقت چوي ٿو ته مان واندو ناهيان.“ ان کان سواءِ کيس پنهنجي ڪتابن کي گلبُ ايوارڊ لاءِ موڪلڻ جو وڏو اونو آهي. شيخ اياز، محمد ابراهيم کي ان الڪي کان اهو چئي آگاهه ڪيو ته هو کيس سدائين جهليندو آهي ته پنهنجي اندر جي اڻٽڻ ڪنهن ٻئي کي نه ڏيکارجي، پر پاڻ جيئن ته کيس، ڪو ٻيو نٿو سمجهي تنهن ڪري اندر جي آنڌمانڌ کي، ساڻس ونڊي رهيو آهي. بلاشڪ، اهڙي قسم جون لکتون، هڪڙي وڏي شاعر پاران ڇڏيل، اهڙن سبقن تي ٻڌل آهن، جن تي عمل ڪري، نئون نسل پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي سنهنجايون پيدا ڪري سگهي ٿو.

3.7.1.3.4. شيخ اياز جو هي خط، محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيل آهي. جنهن ۾ هن ساڻس مهراڻ رسالي لاءِ شمشير الحيدريءَ ڏانهن موڪليل نثري مواد بابت لکندي، کيس وينتي ڪئي آهي ته: جيڪڏهن هو حيدرآباد وڃي ته: ڇپجڻ کان پهرين ان کي هڪ نظر ڏسي وٺي. ان کان سواءِ هن خط ۾ ساڻس پنهنجي اندر جي ڪيفيتن کي پڻ اوريو اٿس ۽ ساڻس ملاقات ۽ ڪچهريءَ لاءِ کيس اتساهيو پڻ اٿس ته: موڪلن ۾ ڪي ڏهاڙا هندوستان گڏجي هلي گهمي اچجي. ان کان سواءِ پنهنجي اندر جي ڪيفيت بيان ڪندي کيس ٻڌايو اٿس ته: ”رات جو ٽين چئين بجي تائين لکندو ٿو رهان، محويت جي عالم ۾ خستگيءَ بيداريءَ جو ڪوئي احساس نه ٿو رهي. روحانيءَ تنهائيءَ جو، مدت کان عادي ٿي ويو آهيان. ان ڪري ڪنهن ادبي ماحول جي ضرورت محسوس نه ٿي ٿئي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 263]

شيخ اياز پنهنجي هن خط ۾ محمد ابراهيم جويي کي منٿ ڪئي آهي ته وقت ڪڍي ته گڏجي، ڪي گهڙيون گهارجن يا وري هندستان جو چڪر هڻي اچجي. ساڻس پنهنجو اندر اوريندي، کيس ٻڌايو اٿس ته هو هاڻ ڪنهن ڪمپنيءَ کان بي نياز اڪلائي پسند روح آهي. ان کان سواءِ ساڻس غلام رباني آگري جي فون تي ڪيل ناراضگيءَ واري شڪايت پڻ سلي اٿس ته: کيس ساڻس ڪا چڙ نه آهي. پر جي هئي ته به اها عارضي هئي. هن قسم جو ورتاءُ هڪ نهايت اجري ۽ وڏي مدبر ماڻهوءَ جي نشاني آهي. جيڪو انهن ننڍين ڳالهين کان بي نياز ٿي، پنهنجي ڪم تي ڌيان ڌري ٿو. تنهن ڪري سندس ڪم اڳي کان اڳرو

آهي. سندس سيني خطن ۾ گهڻو ڪري اهو الڪو ڏيکاريل هوندو آهي، ته سندس ڪتاب جيڪي پريس ڏانهن وڃن پيا تن جو وڏ ڪان وڏ خيال رکجي هن خط ۾ پڻ اهڙو الڪو ڏيکاريندي محمد ابراهيم جويي کي، پابند بنايو اٿس ته: سندس شاعريءَ جا پروف چڱيءَ ريت ڏسي، پوءِ ڪتاب ۾ شامل ڪري. خط ۾ سندس ٻولي ۽ اسلوب بيان نهايت سادو آهي. جيڪو ٻوليءَ جي سادي واهپي جي ڏس ۾ وڏي ڳالهه آهي.

**3.7.1.3.5.** شيخ اياز جو هي خط، محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيل آهي. جنهن ۾ هن ساڻس پنهنجي ڪتاب جي ڇپائيءَ بابت تفصيلي خيال ونديا آهن ۽ ان ڪتاب کي ”گلڊ ايوارڊ“ لاءِ موڪلڻ جي، خواهش کي ان جي ڇپائيءَ سان مشروط ڪندي گمان ڏيکاريو آهي ته اهو وقت اندر ڇپجي نه سگهندو ۽ پڻ کيس لکيو اٿس ته جيسين ڪتاب نه ڇپجندو، تيسين هو ٻيو ڪجهه نه لکندو ۽ سنڌي ادب لاءِ سندس نه لکڻ جي ذميواري مٿس (محمد ابراهيم جويي صاحب تي) هوندي. ان سان گڏوگڏ 100 نثري صفحن لکڻ بابت پڻ کيس ٻڌائيندي، ڪانئس ان کي ڇپائڻ جي صلاح گهري اٿس، جيڪي پاڻ سوات مان واپسيءَ تي ”الا! ڏاهي م ٿيان“ جي عنوان سان لکيا هئائين. ان کان سواءِ ساڻس سنگت جي بنياد تي حجت ڪندي هن ريت خط جي خيال کي سميٽي پورو ڪيو آهيس: ”دل ۾ نه ڪرين ته توکي هڪ ڳالهه لکان. تو انهن ڇپيل صفحن جا پروف غور سان نه ڏٺا هئا. ورنه اهي چڪون نه ٿين هان. مون کي ڪٽي به ڪائي سٺ پگهر ٿي نظر اچي ته ايترو درد ٿئي ٿو ڇڻ ڏند پچي پيو هجي. هر سٺ هڪ تاٽيل ڪمان آهي، ان کي ٿوري به زيادہ چڪ ايندي ته ان جي زهه ٽٽي پوندي.“ [اياز، شيخ. سهٽي ش. ا. ن. 01، 264]

شيخ اياز جي هن خط ۾ محمد ابراهيم جويي کي، ميار ڏيڻ جو انداز ڏاڍو شانائتو آهي. چاڪاڻ ته ڪنهن سٺ جي پچڻ جو درد کيس ڏند پچڻ جيترو ٿو ٿئي، تنهن هوندي به ميار ڏيڻ کان پهرين ڪانئس معافي ٿو وٺي. ان کان سواءِ کيس پابند ٿو ڪري ته بيت ۽ دوهي جي پلي جانچ پرک لهي پر فارسي بحر وزن تي مشتمل اسمن سان، سندس هٿ چراند چڱي ناهي ۽ ان جو سبب ڇاڻائيندي لکيو اٿس ته کيس (محمد ابراهيم کي) فارسي وزن بحر جي جوڳي ڇاڻپ نه آهي.

**3.7.1.3.6.** شيخ اياز جو هي خط، محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيل آهي. جنهن ۾ هن کيس غلام رباني آگري پاران لکيل خط جو احوال ڏنو آهي ۽ پڻ پنهنجي نئين شاعري موڪلي ان کي به ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيل آهي. باقي خط ۾ ڪو خاص احوال لکيل نه آهي، رڳو ڪپڙن جي سلائيءَ ۽ بلن بابت خيال آرائي ڪيل آهي. خط هن ريت آهي: ”ربانيءَ خط لکيو آهي ته اجان اڳيان ڪمپوز ٿيل 16 صفحا ڇپجي رهيا آهن. ان ڪري شايد حصه نظم ختم نه ٿيو هوندو، مان هڪ نئون نظم موڪليان ٿو جو به ڪتاب ۾ شامل ڪري ڇڏجان.“ [اياز، شيخ. سهٽي ش. ا. ن. 01، 264] شيخ اياز جو هي مختصر خط، سندس لکت جي سادگيءَ کي ڏيکاري ٿو. جنهن ۾ هن ڪپڙن جي سلائيءَ جي بلن کان ويندي ڪتاب جي ڇپجڻ ۽ ان ۾ نوان نظم شامل ڪرائڻ بابت لکيو آهي. سندس ٻولي ۽ بيان نهايت سادو آهي. تڏهن به ٿورن لفظن ۾ گهڻيون ڳالهيون ڪرڻ وارو گڻ، ڏاڍو ماهراڻي انداز سان ڪتب آندل آهي. دنيا جي ادب ۾ ان روايت کي، ڏاڍي وڏي اهميت حاصل آهي.

**3.7.1.3.7.** شيخ اياز جو هي خط، محمد ابراهيم جويي ڏانهن، سندس خط جي جواب ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ هن کيس پنهنجي ڪتاب جي هڪ ڪاپي، بائينڊ ڪري موڪلڻ يا وري ان جا 145 کان 152، 2 ۽ 8 صفحا، پل نامي ٺاهڻ لاءِ موڪلڻ جي استدعا ڪيل آهي. ان کان سواءِ کانئس شاھ جي رسالي جي 92 صفحن ملڻ ۽ باقي رهيل صفحن موڪلڻ لاءِ پڻ چيل آهي. جڏهن ته شيخ اياز، کيس سراج جي ڪتاب لاءِ لکي ڏنل مهاڳ بابت پڻ ٻڌائي، پنهنجي ٻڏتر جو احساس ونديو آهي ته: اهو سراج کي وٽيو الائي نه، چاڪاڻ ته هن ان جي کيس ڪا به وراڻي نه ڏني آهي. سندس لکٽي هن ريت آهي: ”مون سراج کي هن جي ڪتاب جو، پيش لفظ لکي موڪليو هو. پر هن ڪوئي پهچ جو خط، نه لکيو آهي معلوم نه آهي ته هن کي پسند آيو يا نه! اميد ته تون هن کان پڇا ڪري لکي موڪليندين.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 265]

هڪ وڏي شاعر جي اهڙي اٽڻ، سندس حساسيت جي ڪماليت کي ڏيکاري ٿي. هن وٿ پنهنجي ذميوارين نڀائڻ، توڙي انهن جي پرگهرو لهڻ جو الڪو، نهايت وڏو آهي. هي خط پڻ سندس ڪتابن جي ڇپائيءَ جي الڪي، تحت لکيل آهي. ان ۾ ڏيکاريل آهي ته تڏهن ڪتابن ۾ پلنامن جي ڇاپڻ جو رواج عام هو. چاڪاڻ ته تڏهن پريس جي هٿرادو ڪمن جي پروفنگ مان، رهجي ويل چڪن کي پلنامي وسيلي ڏيکاريو ويندو هو. ان کان سواءِ ٻي ڪا واھ ڪان هئي، جيئن اڄڪلهه ڪمپوزنگ جو رواج آهي ۽ نشاندهيءَ کان پوءِ به ان جي پروف ٺيڪ ڪرڻ جي گنجائش رهندي آهي. ان کان سواءِ ڏسجي ته جيتوڻيڪ کيس سراج ڪو جواب نه ڏنو، تنهن جي کيس مٺيان ته ڪان لڳي، پاڻ هو محمد ابراهيم کي پابند پيو ڪري ته هو، کيس اهڙي خبرچار لهي ڏي، اهڙا گڻ ڪنهن عام ماڻهوءَ ۾ نه ٿيندا آهن.

**3.7.1.3.8.** شيخ اياز جو هي خط، محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيل آهي. جنهن ۾ هو کيس، ساڻس محبت جو اعتراف ڪندي ٻڌائي ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن کيس، سندس ايتري سڪ لڳندي آهي جو دل چوندي آهيس ته اوڏي مهل، ٽرين ۾ چڙهي ڪراچيءَ هليو اچي. جڏهن ته سندس ذڪر پنهنجي سنگت ۾ شمع مجلس وانگر ٿيڻ بابت پڻ کيس لکندي، سڌ ڏيکاري اٿس ته: ”ڪاش! ادبي بورڊ سکر منتقل ٿئي ۽ فاصلي جي دوري ختم ٿئي.“ ان کان سواءِ مهراڻ رسالي جي ڪاپي نه ملڻ ۽ مواد موڪلڻ بابت کيس هن طرح لکيو آهيس: ”مهراڻ اڃا تائين نه مليو. نئين اشاعت لاءِ ڪافي مواد موڪليندوسانءِ. آزاد نظم اٽڪل 30 _35 لکيا اٿم. سنڌي ادب ۾ نئون تجربو آهي. چوين ته مهراڻ جي ايندڙ اشاعت لاءِ موڪليانءِ.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 265] شيخ اياز جي لکيل سيني خطن جو متن لڳ ڀڳ عام حال احوال کان سواءِ، رڳو علمي ادبي ڳالهين تي مشتمل هوندو آهي. هن خط ۾ پڻ، هن کي مهراڻ رسالي ۾ نظم ڇپائڻ جو الڪو لڳل آهي. ان کان سواءِ سندس، محمد ابراهيم جويي لاءِ دوستيءَ جي جذبي ۽ سڪ جو اظهار پڻ هن خط جو حصو آهي.

**3.7.1.3.9.** شيخ اياز هي خط، محمد ابراهيم جويي ڏانهن سندس خط جي جواب ۾ لکيو. جنهن ۾ سندس ادبي بورڊ مان ڏيکاريل مايوسيءَ پڄاڻا، بورڊ ڇڏڻ بابت ويچارڻ تي، پاڻ کيس صلاح ڏيندي همٿايو اٿس ته سندس، بورڊ کان ڌار ٿيڻ چڱو عمل ناهي ۽ ويتر، سندس صلاحيتن جو معترف ٿيندي کيس آٿت ڏيندي

لکيو آهيس ته: ”ڪتا پوڪندا رهندا، فقير رمندا رهندا. ڪٿن کي ڪهڙي خبر ته فقير جي گودڙي ۾ ڇا هيو!“ ان کان سواءِ گلبدِ وارن جي حوالي سان، کيس لکيو آهيس ته اهي سندس شاهه جي رسالي ۽ ٻين، منظوم ترجمن کي ڇپائڻ لاءِ آتا آهن، پر پاڻ مجبور آهي جو، يونيورسٽيءَ سان معاهدو ڪري چڪو آهي. شيخ اياز ان لاءِ ڪو ٻيو گس لهڻ جي، کيس استدعا پڻ ڪئي آهي. ان کان سواءِ پاڻ پڻ، مايوسيءَ جو اظهار ڪندي لکيو اٿس ته: ”هتي شاهه لطيف يا سچل سرمست جو ڪوئي خبط الدماغ پيرو ئي شاعر تسليم ڪيو ويندو. مان ڪهڙي ڪاڻ ۾ آهيان! ڇا ڪيان، طبيعت کان مجبور آهيان. مون کي سچي سنڌي شاعري سترهين صديءَ جي خبط الدماغي ٿي لڳي. ان کي ڇا ڪيان! هي عمر مارئي جو ديس آهي جتي قدم قدم تي ڪوٽ آهن. ڏسجي ته ٿر جي هير به ڪڙين ۾ قابو ٿي سگهي ٿي يانه! “ [اياز، شيخ. سهٽي ش. ا. ن. 01، 265]

شيخ اياز جي هن جوابي خط ۾ جيڪا ڳالهه پولهه ڪيل آهي. ان جا 2 خاص پاسا آهن. هڪ ابراهيم جويي جي سنڌي ادبي بورڊ مان مايوسي ۽ ٻيو شيخ اياز جي پنهنجي مايوسي. جيتوڻيڪ هو ان مايوسيءَ باوجود به ڪڏهن لکڻ کان نه مڙيو ۽ مسلسل لکندو رهيو پر ماڻهو ٿڪجي پوي ٿو ۽ مايوس پڻ ٿيندو آهي. پلي ڪٿي ڪيڏي به قدآور شخصيت ڇو نه هجي. البت مايوسين کي ٿڏي اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجي ڪم کي اڳ کان اڳرو ڪري ڪرڻ جي اتساهه سان ڀريل هي خط فرد جي اتساهه لاءِ پنهنجي خاص اهميت رکي ٿو.

3.7.1.3.10. ظاهر ظهور هن خط ۾ محمد ابراهيم جو ذڪر نٿو ڏسڻ ۾ اچي پر خطابت وارو انداز جيڪو مٿين 9 خطن ۾ آهي، ان مان اندازو ٿئي ٿو ته هيءُ خط به ڏانهنس ئي لکيل آهي. هن خط ۾ شيخ اياز سندس رويي تي، ڏک جو اظهار ڪندي، ان کان ان ڪري لنوائڻ جو لکيو اٿس، ڇاڪاڻ ته هو پاڻ پريشانين ۾ گهيريل رهي ٿو. شيخ اياز کيس ٻڌايو آهي ته هن عيد جي موڪلن ۾ سياسي ڪتابن جو، مطالعو ڪيو آهي ۽ کيس ايم. اين. راءِ جي ڪتابن ڏاڍو متاثر ڪيو آهي. کيس اهو پڻ ٻڌايو اٿس ته هن هندستان جي دوستن تي بار وڌو آهي ته اهي کيس ان جا ڪتاب وٺي موڪلين. ان کان پوءِ کيس مارڪس، لينن ۽ اينجلس جي ڪتابن جي يادگيري ڏياريندي، لکيو آهيس ته اهي به مون کي پڙهڻا آهن. جيڪي واعدي موجب، توکي وٺي موڪلڻا هئا پر تون نه موڪلي سگهيو آهين. سندس لکٽي هن ريت آهي: ”ادا، مان پانيان ته راء جا سمورا ڪتاب احمد بوريء وٽ هوندا. مون کي مارڪس اينجلر لينن اسٽالن جا ڪتاب به گهرجن، اڳ تو واعدو ڪيو هو ته اُهي ڪتاب ،يار محمد پونهر کان وٺي موڪليندين جي اهي موڪلي سگهين ته مان انهيء تحريڪ جو پورو مطالع ڪري ڇڏيان. تو لاءِ مون **Tagore centurary valume** جا ساهيت اڪيڊمي ڇپائي آهي، هندستان ۾ ورتي هئي، پر اڃا دوستن نه موڪلي آهي.“**.** [اياز، شيخ. سهٽي ش. ا. ن. 01، 266] شيخ اياز جي هن خط مان، سندس مطالعي جي چاهه جو پليءَ پٽ اندازو ٿئي ٿو. جنهن ۾ هن ڪتابن توڙي انهن جي مصنفن بابت، کيس لکي پنهنجي سڌ ڏيکاري آهي تہ پاڻ، کين پڙهڻ جي سڪ ۾

آهي. هڪ وڏو شاعر پنهنجي علم جي تاس، اهڙيءَ ريت اجهائي ٿو، اهو هن خط جي پڙهندڙن لاءِ وڏي اتساهه جو حامل آهي.

## 3.6.2 شيخ اياز ڏانهن لکيل خط:

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾، شيخ اياز جي ڇپيل 16 خطن مان 2 اهڙا آهن، جيڪي کيس لکيل آهن. تن مان هڪ محمد ابراهيم جويي جو ۽ ٻيو طارق اشرف جو لکيل آهي.

طارق اشرف جو خط: هي خط مٿس (طارق اشرف تي) لڳايل الزامن، پريس جي ضبط ٿيڻ ۽ سندس گرفتاريءَ بابت ڪيل سخت وارنٽن بابت، آگاهيءَ توڙي مدد لاءِ شيخ اياز ڏانهن لکيل آهي. جنهن ۾ هن کيس پوليس پاران، سندس گهر تي ڪيل ڇڙهائيءَ بابت آگاهي ڏيندي ڪانئس مدد گهري آهي. ته جيئن هو انهن ڏچن کان آجو ٿي، پنهنجي پريس واري ڪم کي، جاري ۽ ساري رکي سگهي.

محمد ابراهيم جويي جو خط: هي خط دراصل محمد ابراهيم جويي پاران شيخ اياز کي پنهنجي ڪراچيءَ مان ٿي اچڻ ۽ اتي سراج ميمڻ، سان ڪيل ملاقات بابت، پورو احوال ڏنل آهي. هن خط ۾ محمد ابراهيم جويي، سراج ميمڻ پاران وائيسل چانسلر ٿيڻ واري ڳالهه بابت، ڪيل خاص ڪچهري ۽ ان بابت سراج ميمڻ توڙي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري، کيس ڪلي منع ڪئي آهي ته هو اهڙي آڇ کي ٺڏي ڇڏي. ”ڊاڪٽر مهڪريءَ“ سان ڪيل سندس ملاقات ۽ ان ۾ ريشنلسٽ واري طرز جو سنڌ ۾ ادارو جوڙڻ وارين ڳالهين جو تفصيلي ذڪر ڪندي، محمد ابراهيم جويي کيس جيڪب آباد جي دوستن سان پڻ اهڙو احوال، ونڊڻ جي صلاح ڏني آهي.

هيٺ انهن، ٻنهين خطن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

**3.6.2.1. طارق اشرف جو شيخ اياز ڏانهن لکيل خط:** هيءُ خط طارق اشرف، شيخ اياز ڏانهن ڪانئس مدد گهرڻ لاءِ لکيو هو. جنهن ۾ هن جماعت اسلامي ۽ سي آءِ ڊي وارن پاران، مٿس لڳايل الزام ته: ”تون پارٽ جو ايجنٽ آهين“ جو کيس تفصيل ٻڌائيندي لکيو آهي ته: ”مونتي جماعت اسلامي جي چاڙٽن ۽ سي آءِ ڊي وارن، پارٽ جي ايجنٽ هجڻ جو الزام هنيو آهي ۽ سرڪار بهادر انهيءَ کي سچ سمجهي منهنجي گرفتاريءَ جا سخت آرڊر ڪيا آهن. منهنجي غير موجودگيءَ ۾ پوليس گهر ۾ ٻه دفعا گهڙي ۽ منهنجي والده سان نهايت بدتميزي وارو رويو رکيو. منهنجي پريس ضبط ڪئي اٿن، سهڻي ۽ ڪتابن تي اڳ ۾ ئي پابندي آهي.“ ان کان سواءِ طارق اشرف، هن خط ۾ کيس اهڙي پابنديءَ جي فيصلي بابت جوڙيل، سرڪاري ڪميشن ۽ ان جي اجلاس ۾ سڏايل سرڪاري اديبن، توڙي سندس ساٿاري اديبن جي نالن کان آگاهه ڪيو ۽ گذارش ڪندي لکيو آهي ته: ”اڳتي ڪو به ادب جي واڌاري لاءِ اڳتي نه نڪرندو، جڏهن اهو ڏسندو ته اديب جيڪي ادب تخليق ڪندڙ آهن. اهي ڏکئي وقت ۾ ساٿ نٿا ڏين. ائين به ٻڌجڻ ۾ آيو آهي، ته هن حڪومت ۾ اوهانجي رسائي آهي. جيڪڏهن، مختلف ڪيسن ۾ (جيڪي هلي رهيا آهن) ۽ هاڻ جيڪي نوان ڪيس ٺاهيا اٿن. انهن مان جند ڇڏائڻ ۾ مدد ڪري سگهو ته بهتر ، ورنه مرڻي خير

آهي.“ [اشرف، طارق. سهڻي ش. ا. ن. 01، 267] ان کان سواءِ هن خط ۾ ڪيس مدد علي سنڌيءَ جي روپوشيءَ ڪري سندس پيءُ جي 15 ڏينهن کان گرفتاريءَ بابت پڻ آگاهي ڏني اٿس.

**3.6.2.2. محمد ابراهيم جويي جو شيخ اياز ڏانهن لکيل خط:** محمد ابراهيم جويي، هي خط شيخ اياز ڏانهن لکيو، جنهن ۾ هن ڪيس تازي صورتحال کان واقف ڪندي ٻڌايو ته پاڻ سراج ميمڻ سان مليو هو، جنهن کي فتاح ملڪ کان اوهان جي وائيس چانسلريءَ واري خبر اڳواٽ مليل هئي، جنهن بابت پڻ ٻڌايائين ته اهڙي سرگوشي، ڪيس اسلام آباد ۾ پڻ ڏسڻ ۾ آئي هئي. محمد ابراهيم جويي، هن خط ۾ شيخ اياز کي نه رڳو سراج ميمڻ، پر پنهنجي اندر جي ڳالهه پڻ چٽيءَ طرح هن ريت چئي: ”بهرحال سراج هن مسئلي ۾ ڏاڍو صاف هو. بلڪ تشويش پئي ظاهر ڪيائين، ۽ هر هر پئي چيائين ته شيخ اياز کي گهرجي ته پاڻ کي جيترو پاسي رکي اوترو چڱو. سراج کي ٻڌڻ کان پوءِ منهنجو پنهنجو به پورو رايو اهو آهي.“ ان کان سواءِ جيڪا ٻي خاص ڳالهه هن خط ۾ ڪيل آهي سا آهي، محمد ابراهيم جويي جي ڊاڪٽر مهڪريءَ سان ڪيل تفصيلي ڳالهه ٻولهه، جنهن بابت هن شيخ اياز کي هن ريت آگاهه ڪيو آهي: ”اسان جو هيءُ گڏيل ارادو بيٺو ته انگلينڊ ۾ **Rationalist Association** وانگر ، جيڪا هاڻ اتي به **Humanist Association** جي نالي سان ڪم ڪري ٿي. هتي اسان کي به هڪڙو **Humanist Group** ٺاهڻ گهرجي. سرڪيءَ سان، سراج سان، جمال رند سان ۽ عبد القادر جوڻيجي سان مون ۽ ع. ق. شيخ هن معاملي تي ڪافي گفتگو ڪئي آهي. ارادو هو ته جيڪڏهن ويهارو هزار ڪن روپيه هڙ ۾ هجن ته هتي حيدرآباد ۾ سوسائٽيءَ جي ڪا آفيس قائم ڪري سگهجي ٿي. هن سلسلي ۾ توکي ڪو موقعو ملي ته جيڪب آباد جي هم خيال دوست هن جي معرفت اتان جي دوستن سان ڳالهائڻ جو، ته پاڻ لاءِ شايد هڪ مظبوط قدم جي اڳتي کڻڻ ۾ آساني پيدا ٿي پوي.“ [جويو، محمد ابراهيم. سهڻي ش. ا. ن. 01، 268]

## 3.6.3 شيخ اياز بابت لکيل خط

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) جي تحقيقي اڀياس مان پتو پيو آهي ته ان جي فقط ٻئين نمبر ۾، شيخ اياز بابت 2 خط ڇپيل آهن، جن منجهان هڪ نسرين جوڻيجو جو، غلام نبي مغل ڏانهن ۽ ٻيو تاج محمد سمي جو، عبرت ميگزين ۾ ڇپيل، شيخ اياز جي ٻاهرين دنيا جي چونڊ ادب کي لڳايل ڪاٺ بابت ”آدرش“ نالي سان ڇپيل ليک جي، حمايت ۾ لکيل آهي.

ڏٺو وڃي ته ٻئي خط هڪ ٻئي جا متضاد آهن. هڪڙو شيخ اياز جي حمايت ۾ لکيل جوابي خط آهي ته ٻيو وري سندس مخالفت ۾ ڇپيل ڪالم جي حمايت ۾ لکيل خط آهي. رسالا توڙي اخبارون خطن کي پنهنجي ورقن ۾ جاءِ انڪري ڏينديون آهن ته جيئن منجهن ڇپيل مواد تي سچاڻ ليکن پاران چنڊڇاڻ تي مشتمل ليک لکيا وڃن. جن سان ادبي مواد جي نوڪ پلڪ جي سنوار ٿيندي رهندي آهي ۽ اهڙين لکڻين سان نه رڳو مذڪوره فرد جن جو انهن ۾ ذڪر هوندو آهي، تن جي فن ۽ فڪر تي اصلاحي اثر پوندا آهن پر ان سان گڏوگڏ سماج جي ٻين ليکڪن جي پڻ ذهن جي آبياري ٿيندي آهي. جنهن سان اهي اڳتي، پنهنجي

لکڻين ۾ اهڙين ڳالهين کان پاسو ڪندا آهن، جن بابت وڌن اديبن جون اڳيئي، هڪ ٻئي مٿان تنقيدون ٿيل هونديون آهن.

هي خط نسرين جوڻيجو، غلام نبي مغل کي، سندس لکيل مضمون جيڪو سهڻي شيخ اياز نمبر 1 ۾ ڇپيو، جنهن ۾ هن ”شرابي ملنگ“ جو ڪردار جوڙي ان جي واتان مڪالمن ۾، شيخ اياز جي ڪردار مٿان تنقيد ڪئي هئي، تنهن جي جواب ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ هن شيخ اياز تي، ذات ويڪائو، پنهنجي ڪتابن ڇپائڻ جو شوقين، جهنگ جهر ۾ وڃي مشاهدو نه ڪرڻ وغيره جهڙا الزام لڳايا هئا. نسرين جوڻيجو سندس لڳايل الزامن کي ڪن مظبوط ادبي دليلن بدران رڳو مٿالن سان رد ڪيو آهي. جنهن ۾ هن شيخ اياز کي مٿس لڳايل الزامن مان آجو ڪرائڻ لاءِ شاهه لطيف بابت هي مثال پڻ ڏنو آهي: ”روايت آهي ته هڪ لڱا شاهه لطيف، پنهنجي مريدن، دوستن ۽ مداحن جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو، اتي ڪانئس ڪنهن سوال پڇيو ته: ’شاهه صاحب! اوهان ايترا عظيم انسان آهيو، اوهان ۾ ايتريون چڱايون آهن پر پوءِ اوهان ڀنگ پي پنهنجي شخصيت کي داغدار ڇو ٿا ڪيو؟ ته شاهه صاحب وراڻيو ته: بابلا جيڪڏهن نڻهڻ اس ۾ ڪو اهڙو گهاٽو وڻ بيٺو هجي، جنهن جي نشونما ڪني پاڻيءَ تي ٿيندي هجي ۽ اهو وڻ الائجي ڪيترن پکين پکڻن جو سهارو هجي ۽ انسانن لاءِ ڇانورو هجي ته ڇا توهان ان کي ڪنو پاڻي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيندا؟“ جيڪو پڻ روايت تي آڌاريل آهي ۽ نه ڪي ڪو مستند حوالو، تنهن ڪري سندس لکڻيءَ کي اهو ادبي مقام نٿو ڏئي سگهجي جيڪو مستند حوالن سان لکيل ليک کي هجڻ گهرجي.

تاج محمد سمي جو خط وري نسرين جوڻيجو جي لکيل خط کان بنهه ابتڙ آهي. ڇو ته نسرين جوڻيجو پنهنجي خط ۾ دليلن بدران رڳو مثال ڪتب آندا آهن، پر تاج محمد سمي ”آدرش“ جي حمايت ۾ جيڪو ڪجهه لکيو آهي تنهن جا ادبي حوالا ڏئي هن جي اٺاريل سوالن کي ويتر مظبوط ڪري پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ هن شيخ اياز پاران سندس ڪتاب ”واٽون ڦلن ڇانيون“ ۾ 16 نثري نظم، آرمينائي ۽ ترڪي شاعرن جي شاعريءَ تان سڌو سنئون ترجمو ڪيل ڄاڻايا آهن ۽ دليل طور، ڄاڻايل ڪتاب ۽ انهن جا صفحا، پڻ ڪوٽ ڪيا آهن ۽ تقاضا ڪئي آهي ته شيخ اياز کي انهن جي وضاحت ڏيڻ گهربي هئي جيڪا هن، ان کان پوءِ ڇپيل 9 ڪتابن ۾ به نه ڏني. جڏهن ته آدرش جي جواب ۾ هدايت بلوچ جي ”عوامي آواز“ ۾، شيخ اياز لاءِ لکيل دفاعي ليک (جيڪو پوءِ سهڻي رسالي جي آڪٽوبر 1989ع واري پرچي ۾ ”ڪجهه اياز جي باري ۾“ عنوان سان ڇپيو) بابت تاج محمد سمي خيال ڏيکاريو آهي ته:”هدايت بلوچ، شيخ اياز لاءِ اهڙي وڪالت ڪئي آهي، جيڪا ڪيس بچائڻ کان گهڻو ڦاسائي رهي آهي.“ اهڙيءَ ريت ڏنو وڃي ته سندس لکڻي ادبي اصولن موجب آهي ۽ منجهس اٺاريل سوال اڄ به پنهنجي جواب لاءِ واجهائي رهيا آهن.

هيٺ انهن ٽنهين خطن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

**3.6.3.1 نسرين جوڻيجو جو غلام نبي مغل ڏانهن لکيل خط:** نسرين جوڻيجو جو هي خط، غلام نبي مغل ڏانهن مخاطب ٿيندي، سندس ڪالم جي جواب ۾ لکيل آهي. جيڪو هن، سهڻي رسالي جي، شيخ اياز نمبر پهرئين ۾ ڇپايو هو. جنهن ۾ هُن هڪ فرضي ڪردار ”نشئي ملنگ“ جي واتان، جديد سنڌي

شاعريءَ جي اهم شاعر شيخ اياز جي شخصيت ۽ فن تي تنقيد ڪرائي، سندس وڪا پڌرا ڪرايا هئا. ان خط ۾ الزام هئا ته: ”شيخ اياز ذات سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي، ان ڪري ذات جي مينگهه ملهار مٿس وسڻ بند ٿي وئي آهي. شيخ اياز پنهنجي شاعري ۾ وڏن شاعرن جيان، پنهنجو پاڻ عام ماڻهن تائين چو نٿو رسائي، جهنگ جهر ۾ چو نٿو رُلي ۽ رڳو لکڻ ۽ ڪتاب ڇپائڻ جي ڳڻتيءَ ۾ ٿو رهي وغيره.“

سندس اهڙن الزامن تي، نسرين جوڻيجو ڏکائتي ٿيندي، ڪيس سخت تلخيءَ وارن جملن ۾ ميارون ڏيندي لکي ٿي ته: ”اوهان جهڙي باشعور ليکڪ، جي هن هلت صدمو رسايو اٿم.“ پاڻ فرانس جي شاعر ”سارتر“ جو مثال ورجائيندي لکي ٿي ته: ”سڄو ٿيو جو، سارتر جي دؤر ۾ ڪو، فرانسي غلام نبي مغل پيدا نه ٿيو هوندو، جيڪو نشئي ملنگ ڪان سندس وڪا پڌرا ڪرائي، عام ماڻهوءَ تائين رسائي، فرانس ۽ سارتر جي عظمت کي، گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري ها. صحت جي ناچاڪيءَ جي ڪري، سڄو ٿيندو ته شيخ اياز پنهنجو سمورو وقت، لکڻ ۽ ڇپائڻ کي ڏي. ڪيس لکڻ ڏي، تمام گهڻا شعر چوڻ ڏي، جيڪو هو لکندو، سو اسين گهر گهر پهچائينداسين، پنهنجي اولاد جي تربيت ڪنداسين، اهي ئي ڪيس ڳائيندا، گهر گهر بنيٺ ٻاريندا.“ [جوڻيجو، نسرين. سهڻي ش. ا. ن. 02، 112]

**3.6.3.2 تاج محمد سمي جو لکيل خط:** تاج محمد سمي جو هي خط، عبرت ميگزين ۾ ڇپيل، شيخ اياز جي ٻاهرين دنيا جي، چونڊ ادب کي لڳايل ڪاٺ بابت ”آدرش“ نالي سان ڇپيل ليکڪ جي، حمايت ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ هن آدرش جي، ان الزام جي حمايت ڪئي آهي ته: ”شيخ اياز جي ڪتاب ’واٽون ڦلن ڇانيون‘ ۾ 16 نثري نظم آرمينائي ۽ ترڪي شاعرن جي شاعريءَ جو سڌو سنئون ترجمو آهن. جيڪي شيخ اياز پنهنجي نالي سان ڇپايون آهن.“ هن دليل طور، چاٽايل ڪتاب جا صفحا، پڻ ڪوٽ ڪيا آهن. هن موجب، آدرش جي مضمون ڇپجڻ تائين، شيخ اياز جا سڄا سارا 9 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن مان ڪنهن به هڪ جي مهاڳ ۾ شيخ اياز، آدرش جي چاٽايل ترجمن جو ذڪر نه ڪيو آهي، نه ئي وري سهڻي شيخ اياز نمبر ۾ ئي ڪا وضاحت ڏني اٿس. آدرش جي مضمون جي جواب ۾ جيتوڻيڪ، هدايت بلوچ ”عوامي آواز“ ۾، شيخ اياز بابت هڪ دفاعي ليک لکيو هو، جيڪو سهڻي رسالي جي آڪٽوبر 1989ع واري پرچي ۾ ”ڪجهه اياز جي باري ۾“ عنوان سان ٻيهر ڇپيو آهي. پر تاج محمد سمي موجب: ”هدايت بلوچ جي شيخ اياز لاءِ اهڙي وڪالت، ڪيس بچائڻ ڪان گهڻو ڦاسائي رهي آهي.“ [سمون، تاج محمد. سهڻي ش. ا. ن. 01، 113]

## 3.8 تقريرون

تقرير، ماڻهن جي سامهون اٿي بيهي، ساڻن وڏي واڪي ڪيل، ڳالهه ٻولهه کي چئجي ٿو ۽ ان جو ادب ۾ وڏو مقام آهي. دنياوي توڙي ڏيهي ادب ۾ ناميارن علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ ٻين ناليرن ماڻهن پاران ڪيل تقريرن کي لکت ۾ آڻي، ڪتابن ڇپائڻ جو رواج عام آهي.

سهڻي رسالي، شيخ اياز نمبرن کي ڏسبو ته ”تقريرون“ رڳو پهرئين نمبر ۾ ڇپيل آهن. جن جو تعداد ڪل 4 آهي. جن منجهان 3 شيخ اياز جون ڪيل آهن. جڏهن ته رڳو هڪ تقرير موتي پرڪاش جي ڪيل آهي.

سهڻي شيخ اياز نمبرن ۾ ڏنل شيخ اياز جي تقريرن جو جائزو وٺڻ سان پتو پوي ٿو ته اهي. هڪ سچاڻ ادبي شخصيت جي، شعوري فڪر تي مشتمل تقريرون آهن. جن منجهان سندس مدبرائپ بکي رهي آهي. هو جنهن به موضوع تي ڳالهائي ٿو ته ان مان سندس مطالعي جو سمونڊ، چوليون هڻندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جڏهن هن 14 جون 1954ع واري ”يوم سچل“ واري تقرير ڪئي ته ان پروگرام ۾ صدارتي فرض ته نڀايائين پر ان سان گڏوگڏ جيڪو، سچل سرمست جي پيغام تي ڳالهايائين، سو نهايت فلسفياڻن سوالن تي آڌاريل هو. جنهن منجهان سچل جي شخصيت جو درشن ڪرائي، سندس فن، فڪر ۽ شخصيت بابت علمي آگاهي پڻ ڏنائين. شيخ اياز جي ٻي تقرير اپريل 1964ع ۾ سچل سرمست ڪاليج جي سنڌي مشاعري جي صدارت ۾ ڪيل آهي، جنهن ۾ پاڻ دنيا ۾ اڻٻڻت تي روشني وجهڻ کان پوءِ سنڌي اديبن پاران ڏانهنس جوڙيل ادبي ماحول، جنهن جي عتاب هيٺ، پاڻ هو تنهن تي روشني وجهندي پاڻ لاءِ ان کي فخر جي ڳالهه ڄاڻايو اٿس. شيخ اياز جي ٽين تقرير 02 آڪٽوبر 1989ع تي دبئي ۾ ڪيل آهي. جڏهن شيخ اياز علاج لاءِ سندس زال (زرينه)، پٽ (ڊاڪٽر سليم) ۽ ڏوهٽي (روماسا) کي ساڻ ڪري لنڊن ويو، جتان دبئي جي سنڌي اديبن، جي اسرار تي دبئي ويو. هيءَ کيس مليل آجياڻي واري پروگرام جي صدارتي تقرير آهي.

سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل تقريرن جي چوٿين ۽ آخري تقرير، موتي پرڪاش جي ڪيل آهي، جيڪا هن 02 آڪٽوبر 1989ع تي دبئيءَ جي اديبن پاران، شيخ اياز کي ڏنل آجياڻي جي تقريب ۾ ڪئي. جيئن ته هن تقرير جو مقصد آيل مهمانن جي آجيان ڪرڻ هو، تنهن ڪري مقرر کين کلي کيڪارڻ کان پوءِ ان تقريب ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ سندس نالي، چونڊجڻ کي پنهنجو ڀاڳ ڀائيندي، اديبن ۽ شاعرن کي قومن جو املهه سرمايو ڄاڻائي، شيخ اياز کي سنڌي قوم جو اثاثو قرار ڏنو ۽ مٿس فخر ڪري سندس ٿورا مڃيا.

ڇئن ئي تقريرن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو:

3.8.1. ”سچل سرمست جي عظمت“ شيخ اياز: شيخ اياز جي هيءَ تقرير 14 جون 1954ع تي، سنڌي ادبي سنگت طرفان ملهايل ”يوم سچل“ جي پروگرام جي صدارتي تقرير آهي. جنهن ۾ پاڻ سچل سرمست کي عظيم شاعر ۽ فنڪار جي حيثيت ۾ ساراهيائين. سندس خيال هو ته: سچل سرمست جي شاعري، هڪ ازلي استفهام آهي. سندس هر شعر سوال آهي.

مثال طور:

- هيءَ ڪائنات ڇا آهي؟

- هي خاڪ وياد، هي ابر و باران جو عالم، پنهنجي صدها رنگينين جي باوجود، ايترو ناپائيدار ڇو آهي؟
- انسان جي ازلي منزل، ڪهڙي آهي؟
- هيءُ پرديسي پکيئڙو، ڪٿان اڏريو آهي، سندس ديس، ڪهڙو آهي؟
- هي انسان گوناگون، شرعي لباس ويڙهي، پنهنجي حسين اصليت، ڇو ٿو لڪائي؟
- جڏهن انسان جي دل ديرو آهي، ڪنهن لامڪان جي مڪين جو ته پوءِ هي دين ڌرم ۽ ڪفر اسلام جا تفرڪا ڇاجا؟

سندس چوڻ هو ته سچل سائين جي شاعريءَ ۾ هر پاسي تجسس پيو بکي، اهڙيءَ ريت پاڻ سچل سائينءَ جي اهڙن نڪتن جو جواب سندس ئي هڪ شعر ۾ ڏنائين:

آهيان آهيان آهيان وو، موٽي چوان تان ناهيان، ڪي ته آهيان وو
دوکي واريون لڪين ديوارون، ٻوڙ انهي ٿو ڊاهيان وو.

شيخ اياز، سچل سرمست جي شاعريءَ بابت ڳالهائيندي اهو ٻڌايو ته سندس شعر وزن جي لحاظ کان فارسيءَ جي بلڪل قريب اچي ٿو. ان ۾ ملتاني ڪافي ۽ هندي گيت جون سموريون خوبيون آهن. اهڙيءَ ريت پاڻ سچل سرمست جي فن جي هيئيت تي تفصيلي روشني وجهندي، پنهنجي تقرير کي توڙ پڄايائين.

ڏنو وجي ته شيخ اياز موقعي جي حساب سان ڪٿيل وقت کي، اک ۾ رکندي ان جي حد ۾ رهندي سچل جي ڪلام جون رڳو چند خوبيون بيان ڪندي، ان جي فن ۽ فڪر تي ڳالهه ٻولهه رکي آهي. جڏهن ته سندس ڪلام جي گوناگونيت تمام گهڻي آهي. ”سچل سرمست پنهنجي شاعريءَ ذريعي هڪ وڏو ڪم ڪيو. هن سماجي ۽ معاشي طور پريشان حال ماڻهن کي نه رڳو تصوف جي ڇانءَ ۾ امن، سک ۽ سڪون مهيا ڪيو پر وقت جي حاڪم تائين به فرد جي اهميت ۽ ان جي بنيادي حقن جي احترام ڪرڻ جو درس پنهنجي صوفياڻي فڪر ۾ پهچايو.“ [بخاري، مخمور. سچل ساڃاهه شعور، 29]

**3.8.2** شيخ اياز: شيخ اياز هيءَ تقرير اپريل 1964ع ۾ سچل سرمست ڪاليج جي سنڌي مشاعري جي صدارت ڪندي ڪئي. جنهن ۾ پاڻ دنيا ۾ اٿڻ تي روشني وجهندي، ان وقت جي اديبن جي ڏانهنس جوڙيل ادبي ماحول، جنهن کي هو پاڻ منهن ڏئي رهيو هو، تنهن بابت پنهنجا خيال پيش ڪندي چيائين ته: ”مان اها فخر جي ڳالهه ٿو سمجهان ته: خيالي يا حقيقي ڪشمڪش ۾ مون قدامت پرستي ۽ رجعت پسنديءَ جي خلاف، جديد فڪر جي حمايت ڪئي آهي ۽ انهي حيثيت ۾ ڏنو وجان ٿو. مون سان گڏ سنڌ جي نئين امنگ نئين فڪر ۽ ان جي حامين جي، ڪافي مخالفت ڪئي وجي ٿي. قديم ڇا آهي؟ جديد ڇا آهي؟ قديم ڇو آهي ۽ جديد ڇو آهي؟ ان جو صحيح شعور ۽ شناس وسيع مطالعي ۽ گهري فڪر سان ملي ٿي. قدامت ۽ جدت ۾ قابل قبول ڇا آهي ۽ انڪار جي قابل ڇا آهي؟ ان جي پرک جي لاءِ جنهن نظر جي گهرائي ۽ ان جي وسعت جي گهرج آهي، سا هرڪنهن کي نصيب نه آهي.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 173] وڌيڪ پاڻ

ادب ۽ ان جي ماحول تي ڳالهائيندي، لطيف سائينءَ جي سر ڪارايل مان ”آسڻ جن اريچ، تن جي وھ جو ورن پيو“ بيت پڙھي پنهنجي تقرير ختم ڪيائين.

جيتوڻيڪ، شيخ اياز جي هن تقرير جو ڳچ حصو سنڌ جي ادبي لڏي جي ڏانهس ورتاءَ تي ٻڌل آهي. پر ان هوندي به جنهن انداز سان پاڻ اهي ڳالهيون رکيائين، تنهن جي بيان توڙي لفظن جي چونڊ نهايت شائستي آهي. هن اهڙي سلوڪ تي ڏک جو اظهار ته ڪيو آهي پر چڙ نه ڏيکاريندي ڪنهن تي جلھ نه ڪيائين. مقرر جي ڳالهايل نڪتن منجهان سندس اندر جي اونهائين جي پروڙ پوندي آهي ته سندس اندر جي عميق ۾ علم جي ڪيتري گهرائي آهي. هو هڪ مجيل ذات ذٽي هو سو سندس وات مان لفظ لفظ توريل تڪيل نڪتو آهي. ان طريقي سان هو ڪنهن کي ڏکوئڻ کان سواءِ ئي پنهنجي ڳالهه ريڪارڊ تي پڻ آڻي ويو.

**3.8.3. شيخ اياز جي دبئي ۾ تقرير:** شيخ اياز، هيءَ تقرير 02 آڪٽوبر 1989ع تي دبئي ۾ ڪئي. جڏهن شيخ اياز علاج لاءِ سندس زال (زرينه)، پٽ (ڊاڪٽر سليم) ۽ ڌوهٽي (روماسا) کي ساڻ ڪري لنڊن ويو، جتان دبئي جي سنڌي اديبن جي اسرار تي دبئي ويو. جتي کيس شاندار آجياڻو ڏنو ويو. هيءَ سندس ان پروگرام جي صدارتي تقرير آهي. جنهن ۾ پاڻ سڪ، پيار ۽ عزت ڏيڻ تي سندن ٿورا مڃيندي، کين دبئيءَ جي ”ننڍي سنڌ“ سڏيائين. ڇاڪاڻ ته سندس مڃڻ هو ته سنڌ سندس وجود جو حصو، جسم ۽ عضوا آهن، جيڪي وڍجي ڌرتيءَ تي ٽڙي ويا آهن ۽ هن انهن کي منصور وانگر محسوس ڪيو آهي. هو پنهنجي شاعريءَ کي آخري دم تائين اناالحق جو آواز سمجهي ٿو. وڌيڪ ورهاڱي، آمريت، جمهوريت ۽ جلاوطنيءَ تي پڻ ڳالهايائين. ”اوهان سنڌ اسان کي سونپي، جو تياڳ ڪيو آهي. اهو اسان سڀ محسوس ڪريون ٿا. پنهنجا ماڳ مڪان ڀيءُ ڏاڏي جو ورثو ڇڏڻ ايترو آسان ناهي“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا. ن. 01، 201]

شيخ اياز جهڙي حساس شاعر جي هن تقرير کي ڏسجي ٿو ته رواجي ڪلمات کي ڇڏي جيڪا ڳالهه ٻولهه، هن سنڌ مان هندن جي لڏپلاڻ بابت ڪئي ۽ جهڙيءَ ريت کين لفظن جي پيٽا ڏيندي، ساڻن حال اوريو يا وري جيڪو کين ”ننڍي سنڌ“ ڪري سڏيو، سو درحقيقت کين ڏڍ ڏنائين، نه ته ساڻن ملڻ تي سندس جيءُ ڪيئن نه جهريو هوندو؟ جڏهن هو سنڌ کي پنهنجو وجود مڃيندي ان جي وڍجي ٽڪرا ٿي ڌرتيءَ پکڙجڻ جي ڳالهه ٿو ڪري، تڏهن سندس اندر ۾ موجود حساس شاعر پنهنجي درد جي دانهن ڪندي ڏسي سگهجي ٿو.

**3.8.4. ”شيخ اياز کي ڏنل آجياڻو“ موتي پرڪاش:** هيءَ تقرير موتي پرڪاش 02 آڪٽوبر 1989ع تي دبئيءَ جي اديبن پاران، شيخ اياز کي ڏنل آجياڻي جي پروقار تقريب ۾ ڪئي. جنهن ۾ هن دبئيءَ جي سيني اديبن پاران شيخ اياز ۽ سندس گهر ڀاتين کي ڪيڪاريندي ڀليڪار ڏني ۽ پاڻ کي ڀاڳوند ڀائيندي سندس شاعريءَ تي تفيلي روشني وڌي. ان سان گڏ هُن چيو ته: ”ڪنهن به قوم لاءِ اديب، شاعر ۽ فنڪار املهه سرمايو هوندا آهن ۽ اهي قومن جي قسمت بدلائڻ ۾، اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.“ [اياز، شيخ. سهڻي ش. ا.

ن. 01، 198] اهڙيءَ ريت هن، شيخ اياز کي پڻ سنڌي قوم جو اثاثو قرار ڏيندي، مٿس فخر ڪندي سندس ٿورا مڃيا.

جيتوڻيڪ، موتي پرڪاش جي هيءَ مختصر تقرير شيخ اياز ۽ سندس گهرياتين جي آجياڻي لاءِ ڪيل آهي. تنهن هوندي به هن ڪن نڪتن تي ڏاڍي پلي انداز روشني وڌي. جنهن منجهان سندس شخصيت جي پروڙ پوي ٿي. قومن لاءِ انهن جي شاعرن ۽ اديبن کي املهه سرمايو ڄاڻائي، کين قومن جي تقدير بدلائڻ جو محرڪ سڏڻ، سندس علمي ڄاڻ جي عڪاسي ڪري ٿو. ڄاڪاڻ ته اهڙي ڳوڙهي ڳالهه عام ماڻهو ڪري نٿو سگهي.

## 3.9 شهر وفا (پي. ٽي. وي. جو انٽرويو پروگرام)

”شهر وفا“ جي نالي سان اردو ٻوليءَ ۾ ريڪارڊ ڪيل هي پروگرام، شيخ اياز جي تفصيلي انٽرويو ۽ سنڌ جي 16 ناليرن اديبن، شيخ اياز جي فن، فڪر ۽ شخصيت بابت تاثر ڏنا. جيڪو پاڪستان ٽيليوزن ڪراچيءَ، 3 قسطن ۾ پيش ڪيو، هر هڪ قسط 25 منٽن جي هئي، مطلب ته پورو پروگرام 75 منٽن جو هو. جنهن جي آخر ۾ شيخ اياز جو تفصيلي انٽرويو ڏنو ويو هو. پڌرو هجي ته: هي پروگرام بيدل مسرور جي ريڪارڊنگ ۽ پيشڪش آهي.

بيدل مسرور ان بابت تفصيل سان ٻڌايو ته: هن پاڻ هڪ هڪ اديب کان وڃي شيخ اياز بابت تاثر ونندي، هي پروگرام ريڪارڊ ڪيو هو. پي. ٽي. ويءَ تنهن کي فهميده رياض جي ميزبانيءَ ۾ لنڪ ڪري 3 قسطن ۾ قسطوار هلايو. جڏهن ته پروگرام جي آخري حصي ۾ شيخ اياز جو ڏنل انٽرويو پڻ بيدل مسرور جو پاڻ ورتل آهي.

بيدل مسرور موجب، سچل بين الاقوامي ڪانگريس دوران سندس ملاقات، طارق اشرف سان ٿي، جنهن کيس اها آڇ ڏني ته چو نه: ”پاڪستان ٽيليوزن تي، شيخ اياز جي فن، فڪر، شخصيت بابت پيش ٿيل، سندس ريڪارڊ ڪيل پروگرام ’شهر وفا‘ کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ’سهڻي‘ رسالي جي شيخ اياز نمبر ۾ شايع ڪيو وڃي“، تنهن تي هن ساڻس اهڙي حامي ڀري. اهو پروگرام ڇاڪاڻ ته اردو ٻوليءَ ۾ هو، تنهن ڪري ان سموري پروگرام کي سنڌيءَ ۾ ترجمو به بيدل مسرور پاڻ ڪيو، جيڪو طارق اشرف، سهڻي، شيخ اياز نمبر 1 ۾ جيئن جو تيئن ڇاپيو. [راقم اهڙي تصديق، ٽيلفون ڪال وسيلي، ”بيدل مسرور“ کان پاڻ ڪئي]

تجزياتي لحاظ کان ڏسجي ته هي 16 انٽرويو جي شڪل ۾ ڏنل تاثر مڪمل طور تي ذاتي تاثراتي حيثيت رکن ٿا، جيتوڻيڪ منجهن، شيخ اياز جي فن، فڪر ۽ شخصيت جي جهلڪ بخوبي پسي سگهجي ٿي. پر پوءِ به اهي رڳو تاثراتي بيان ئي آهن ۽ نه تحقيق جي اصولن پٽاندر لکيل ڪي تحقيقي ليک. نه وري انهن کي ڪي، ادبي تحقيق جا اصول ڪتب آڻي لکيو ويو آهي ۽ نه ڪو منجهائن ڪي تحقيقي نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن. جو انهن کي مستند ۽ معتبر ڄاڻائي اڳتي ڪنهن تحقيق لاءِ مددي مواد طور ڪتب آڻي سگهجي. مطلب ته هي سيئي تاثراتي بيان جيڪي پوءِ بيدل مسرور ريڪارڊنگ تان ڪڍي لکت ۾ آندا آهن. سي سيئي لکڻيون، شيخ اياز جي فن، فڪر توڙي شخصيت بابت ڄاڻايل اديبن، جي ساڻس ذاتي لڳاءَ جي نشاندهي ڪن ٿيون. انهن لکڻين مان سندن شيخ اياز سان تعلق ۽ شيخ اياز جي تخليقن مان سندن پسند جي صنفن جي پروڙ پوي ٿي.

هنن ڏاهن جي تاثراتي بيانن تي هڪ اک ڦيرائڻ سان پتو پوي ٿو ته: بيدل مسرور، شيخ اياز جي شاعري ڳائڻ لاءِ ڌنون جوڙيون. هو انهن بابت، توڙي پيش ايندڙ ڏکيائين جو ٻڌائيندي کيس وڃي منصور اناالحق سان ملائي ٿو. فهميده رياض، شيخ اياز جي شاعريءَ جو ترجمو ڪندي، سندس شاعريءَ ۾ موجود ڏن، لئه ۽ رنگارنگيءَ کي محو ڪندڙ بيان ڪيو آهي ۽ پڻ پنهنجي پاران ڪيل ان ترجمي کي هڪ

تخليقي تجربو ڄاڻائي،ڪيس برصغير جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڄاڻايو آهي. رسول بخش پليجي وري دنيا جي عالمن، اديبن، وڏن شاعرن ۽ نقادن جي فن جا حوالا ڏيندي، ڪيس نه رڳو پاڪستان جو پر دنيا جو وڏو شاعر ڄاڻايو آهي. جمال ابڙي سنڌ جي 20 صديءَ جي وڏن اديبن ۽ اسڪالرن جو ذڪر ڪندي شيخ اياز کي نه رڳو هن صديءَ پر ايندڙ ڪيترين ئي صدين جو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. سوڀي گيان چنداڻيءَ پڻ پنهنجون ساروڻيون سارينديءَ شيخ اياز کي شاهه لطيف کان پوءِ وڏي ۾ وڏو شاعر ڪري بيان ڪيو آهي. الياس عشقيءَ سنڌي ادب سان گڏوگڏ اردو ادب تي پڻ شيخ اياز جي روشنيءَ جي ڇاپ جو معترف ٿيو آهي. شمشير الحيدري وري شيخ اياز کي سنڌي شاعريءَ ۾ مغربي شاعريءَ جي مقبول صنفن کي متعارف ڪرائيندڙ جديد دؤر جو شاعر ڪري ليکيو آهي. تاج بلوچ پاڻ کي شيخ اياز جي نقادن ۾ شامل ڪنديءَ ڪيس انسانيت جي قدرن کي پنهنجي فڪر جو سرچشمو سمجهندڙ، ڪائنات جي ڏک سور کي پنهنجي تخيل ۾ سمائيندڙ سچاڻ شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. فتاح ملڪ شيخ اياز جي شخصيت کي دوست، قوم پرست ۽ شاعر جي حيثيت ۾ ڏار ڏار ورهائي مٿس روشني وڌي آهي. مرحب قاسميءَ شيخ اياز کي هڪ آفاقي شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. امداد حسينيءَ شيخ اياز کي سندس شاعريءَ ۾ ون يونٽ دؤران آيل اپار منجهان ڪيس انقلابي شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. عبد القادر جوڻيجو، شيخ اياز کي شاهه لطيف ۽ سچل سرمست کان پوءِ 20 صديءَ جو ڏکڻ ايشيا جو وڏو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. آفاق صديقيءَ شيخ اياز جي تصنيفن کي ساراهيندي شاهه لطيف جي رسالي جي اردو ترجمي واري ڪم ۾ ساڻس گڏ ڪم ڪرڻ واري يادگيري ورجائيندي ڪيس وڏو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. يوسف شاهين، شيخ اياز کي هن صديءَ جو سنڌي زبان جو وڏو ماهر شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. سحر امداد، شيخ اياز کي نوان تجربا ڪندڙ چوٽيءَ جو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. مسرت مرزا، شيخ اياز کي سچن ۽ وڏن شاعرن ۾ ڳڻايو آهي.

جيتوڻيڪ، هنن تاثراتي بيانن مان ڪو هڪ به تحقيقي بيان نه آهي، پر پوءِ به هنن جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ ته هي سڀئي تحريرون اهڙن ماڻهن جي ڏنل انٽرويوز جون آهن. جيڪي شيخ اياز جا ويجها ساٿي رهيا آهن يا ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان ساڻس سندن تعلق جڙيل رهيو آهي. گهڻو ڪري هنن بيانن ۾ هنن پنهنجون ساروڻيون ساريون آهن ۽ ڪنهن نه ڪنهن ريت پنهنجو لاڳاپو وقت جي وڏي شاعر سان ويجهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. هنن بيانن کي پڙهڻ کان پوءِ شيخ اياز جي شخصيت جي ڪيترن ئي پاسن جي پرک ٿئي ٿي. ان کان سواءِ هي لکتون پڙهندڙن ۾ شيخ اياز جي تخليقن کي پڙهڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون. جيئن ته هي تاثر پنهنجي جاءِ تي وڏن ناليرن اڪابر اديبن جي واتان ڪيل ڳالهيون آهن تنهن ڪري سندن اهميت کان پڻ ڪير به انڪاري ٿي نٿو سگهي. هي لکڻيون، پيو نه ته به شيخ اياز جي فن، فڪر ۽ شخصيت جي عوامي سطح تي پذيرائي لاءِ ماحول جوڙڻ جو ڪم لاجواب نموني ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ ته منجهن موجود مواد، شيخ اياز جي ڪم جي جوڳي تشهير تي ٻڌل آهي.

هيٺ سندن سڀني تاثرن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

3.9.1. بيدل مسرور: 22 صفحن تي مشتمل هن تاثر ۾ بيدل مسرور، شيخ اياز بابت پنهنجا تاثر ڏيندي، شيخ اياز سان ملاقاتن ۽ سندس انقلابي شاعري ڳائڻ توڙي انهن جي ڏنن ناهڻ ۾ ايندڙ ڏکيائين بابت ساڻس، حال احوال اورڻ واريون يادگيريون وندليون آهن. گڏوگڏ، شيخ اياز جي شاعري ڳائيندي، مٿس جيڪا ڪيفيت طاري ٿيندي آهي، ان کي هن، منصور انالحق، سان ملائڻ جي ڳالهه پڻ ڪئي آهي. ”اياز منهنجي وطن جو شاعر آهي، مان هن جي هيرن جو هٿ سجائڻ چاهيان ٿو. هو چارڻ جي چنگ جو اهو اتهاس، ذات ۽ ڏانءُ آهي جيڪو وک وک تي منهنجي رهنمائي ڪندو رهندو آهي.“ [مسرور، بيدل. سهڻي ش. ا. ن. 01، 147] ان کان سواءِ هن، هن پروگرام بابت اديبن سان ملڻ ۽ ٻي ڊوڙڊڪ جو پڻ احوال وندليو آهي.

3.9.2. فهميده رياض: فهميده رياض، شيخ اياز بابت پنهنجا تاثر ڏيندي چيو ته: ”سندس شيخ اياز جي شاعريءَ سان سڄاڻپ، شيخ اياز جي شاعريءَ جي ترجمي ڪرڻ سان ٿي. سندس چوڻ هو ته منهنجي تخليقي زندگيءَ ۾ اياز جي شاعريءَ جو ترجمو ڪرڻ، هڪ انتهائي مسرت انگيز تجربو هو. ڇاڪاڻ ته ان شاعريءَ جي ڏن، لئه ۽ ان جا رنگ ايترا ته محو ڪندڙ هئا جو ترجمو خود هڪ تخليقي تجربو ٿي پيو. ڄڻ ان پنهنجو پاڻ کي ازخود اردوءَ جي شڪل ۾ آڻي ورتو هو. اهو ترجمو ڪندي سڀ کان وڌيڪ اهو احساس رهيو ته: تخليق جي ايڏي بيش بها جگمگائيندڙ خزاني کان ٻيا ماڻهو اڃا تائين اڻواقف آهن. اهو ڪيڏو نه وڏو الميو آهي.“ [رياض، فهميده. سهڻي ش. ا. ن. 01، 162] سندس تاثر مان وڌيڪ محسوس ٿئي ٿو ته شيخ اياز برصغير ۾ رڳو پاڪستان ۾ نه بلڪ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پوري برصغير ۾ ۽ ان جي مختلف زبانن ۾ جيترا شاعر آهن غالباً شيخ اياز جي مقابلي ۾ ڪو به شاعر پيدا نه ٿيو آهي.

3.9.3. رسول بخش پليجو: رسول بخش پليجي دنيا جي وڏن شاعرن، عالمن ۽ اديبن جي فن جي نقادن جا حوالا ڏيندي پنهنجي راءِ ڏني ته: ”شيخ اياز نه فقط پاڪستان جو پر دنيا جو وڏو شاعر آهي. تاريخ ۾ائين ڪيئي پيرا ٿيو آهي ته تمام ننڍين جاين تان تمام وڏا ماڻهو پيدا ٿيا آهن.“ [پليجو، رسول بخش. سهڻي ش. ا. ن. 01، 167] وڌيڪ شيخ اياز جي شاعريءَ کي مشرق ۽ مغرب جي، فڪري شاعريءَ سان ڀيٽيندي، مٿس تفصيلي روشني وجهندي چيائين ته اسان وٽ اهو وڏو الميو آهي ته اسان شيخ اياز کان واقف نه آهيون ۽ پاڪستان جي اها بدنصيبي آهي، جو شيخ اياز جو، صحيح ادراڪ نه ٿيو آهي. ”اياز شناسي“ پنهنجي جاءِ تي الڳ مقام رکي ٿي. پاڪستان جي مختلف يونيورسٽين توڙي سنڌ يونيورسٽيءَ کي پڻ اياز شناسيءَ جي چيئر هجڻ گهرجي.

3.9.4. جمال ابڙو: جمال ابڙي سنڌ جي 20 صديءَ جي وڏن اديبن ۽ اسڪالرن جو ذڪر ڪندي، شيخ اياز کي هن صديءَ جو، بلڪ اڳيان ايندڙ ڪيترين ئي صدين جو، عظيم شاعر سمجهي ٿو. هن موجب: ”ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي اندر ۾ سماج سڄارن جي تڙپ رکندا آهن. اياز ۾ اها تڙپ شروع کان ئي هئي.“ [ابڙو، جمال. سهڻي ش. ا. ن. 01، 168] شيخ اياز سان سندس، شخصي تعلقات ڪاليج جي زماني کان آهن، جنهن کي 40 سال گذري ويا آهن. شيخ اياز هڪ رحمدل مزاج، حساس طبيعت، ڪم سان ايمانداريءَ سان نڀاءُ ڪرڻ وڪالت دؤران ڪيسن کي راتين جون راتيون اوجاڳا ڪري هڪ هڪ

فائل ڪيءِ سنڌي طرح ٺاهي ڪيس لڙڻ وارو گهڻ پڙهيو ۽ فن سان ايماندار شخص آهي. ان ڪان سواءِ هن، ساڻس گڏ ڪيل سيرن سفرن جو پڻ ذڪر ڪيو. جن ۾ ٺر، گاج، نئينگ، ڪوهستان جا علائقا ۽ ڪيٽي بندر شامل آهن. ان ڪان سواءِ سندس شاعريءَ جي جمالياتي حسن تي پڻ روشني وڌي اٿس.

3.9.5. سوڀو گيانچنداڻي: سوڀي گيانچنداڻيءَ پنهنجي تاثر ۾ شيخ اياز سان ملاقاتن جي شروعات بابت سن 1945ع جون ساروٽيون سارينديي ٻڌايو ته: شيخ اياز ميٺارام هاسٽل جي ميس ۾ ماني کائڻ لاءِ ايندو هو ۽ آئون پنهنجي دوستن سان ملڻ اتي ويندو هوس، اتي شيخ اياز سان گهٽيون ملاقاتون ٿيون. وڌيڪ شيخ اياز جي سياسي دؤر ۽ سکر جيل ۾ ساڻس گڏ 3 مهينا قيد ڪاٽڻ بابت تفصيل سان ٻڌايو اٿس. گڏوگڏ شيخ اياز جي شاعريءَ جي عظمت تي پنهنجي راءِ هن ريت ڏنل اٿس: ”شاهه لطيف کان پوءِ ايڏو وڏو شاعر پيدا نه ٿيو آهي، جيڏو شيخ اياز آهي.“ [گيانچنداڻي، سوڀو. سهڻي ش. ا. ن. 01، 171] ون يونٽ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ سياسي طور جيڪا جنگ لڙي رهيا هئاسين، شيخ اياز ان کي شعري ادب ۾ بلند مقام ڏنو. شيخ اياز جي جن ڪتابن کيس تمام گهڻو متاثر ڪيو تن ۾: ” جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ۽ ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ شامل آهن. ٻنهين ڪتابن مان سندس سياسي انسيت ۽ علم نظر اچي ٿو. هن تاثر ۾ وڌيڪ شيخ اياز کي وائيس چانسلريءَ واري دؤر ۾ تنگ نظرئي وارن ننڍڙن ماڻهن جي ننڍڙن ذهنن تي پڻ روشني وڌل اٿس.

3.9.6. الياس عشقي: الياس عشقي، شيخ اياز لاءِ لکيو ته شيخ اياز کي مان 30 سالن کان سڃاڻان ٿو، هو دوستن سان دوستيون نڀائي ڄاڻي. شيخ اياز جي ادبي فن بابت سندس خيال آهي ته سنڌي ادب ۾ رڳو نه، پر اردو ادب جي افق تي پڻ شيخ اياز جي روشني پکڙيل آهي. گڏوگڏ هن سندس شاعري توڙي نثر تي، تفصيلي لکندي سندس اردو مجموعي ”بوءِ گل نالءِ دل“ ۾ ڇپيل شاعريءَ کي اردو شاعرن سان ڀيٽيندي شيخ اياز جي شاعريءَ کي منفرد ۽ مٿاهون ڄاڻايو. شاهه عبد الطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي اردو ترجمي، تي پڻ شيخ ايازجي واکاڻ ڪندي، چيائين ته: ”شاعريءَ جو ترجمو شاعريءَ ۾ ڪرڻ هونءَ ئي ڏکيو ڪم آهي. وري شاهه لطيف جي شاعريءَ کي ڪنهن ٻي زبان ۾ قافئي ۽ رديف سان گڏ بحر ۾ منتقل ڪرڻ تمام وڏو ڪم آهي، جيڪو شيخ اياز ڪيو.“ [عشقي، الياس. سهڻي ش. ا. ن. 01، 174]

3.9.7. شمشير الحيدري: شمشير الحيدري، شيخ اياز جي سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ جي تخليقن تي تفصيلي روشني وجهندي، شيخ اياز پاران سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايل مقبول جديد مغربي صنفن کي، سندس وڏي جدوجهد ڄاڻايو آهي. ان کان سواءِ هو ٻڌائي ٿو ته 19 صديءَ جي آخري حصي ۾ جديد نظم نگاريءَ جي تحريڪ ڪيئن شروع ٿي ۽ اها تحريڪ ڪهڙن بزرگ شاعرن جي ڪري ڪامياب ٿي ۽ جڏهن ساڳي نوعيت جي تحريڪ سنڌ ۾ شروع ٿي ته ان جي ڪيئن مخالفت ٿي ۽ ان کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪهڙن شاعرن حصو ورتو خاص طور شيخ اياز جي سرواڻيءَ واري ڪردار تي تفصيل سان روشني وڌي اٿس. ”شيخ اياز سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي صنفن ۾ تمام وڏو ذخيرو ڏنو آهي ۽ عروضي شاعريءَ ۾ به، پر هن

جو جيڪو خاص پهلو آهي، جنهن کان سواءِ سندس ذڪر مڪمل نه ٿيندو سو آهي. جديد مغربي صنفن کي سنڌي شاعريءَ ۾ متعارف ۽ مقبول بنائڻ.“ [الحيدري، شمشير. سهڻي ش. ا. ن. 01، 175]

3.9.8. تاج بلوچ: تاج بلوچ، شيخ اياز لاءِ پنهنجا خيال ونديندي چيو ته: ”جن کي آفاقي شاعر چئون ٿا، جن انسانيت جي قدرن کي پنهنجي فڪر جو سرچمو تسليم ڪيو ۽ پنهنجي تخليقي عمل وسيلي سموري ڪائنات جي ڏک سور کي، پنهنجي تخيل جو مرڪز بنايو، انهن شاعرن ۾ اسان جو شيخ اياز به آهي. برصغير هندوپاڪ ۾ سڀ کان وڏي تنقيد شيخ اياز تي ئي ٿي آهي. جن ۾ تمام گهڻا سندس دوست شامل آهن، خود آئون به.“ [بلوچ، تاج. سهڻي ش. ا. ن. 01، 176] ان سان گڏ تاج بلوچ، شيخ اياز جي، نظم نثر جنهن ۾ سندس تخليقي عمل، جمالياتي شاعري، انقلابي شاعري شامل آهن، تي پڻ روشني وڌي آهي.

3.9.9. فتاح ملڪ: فتاح ملڪ پنهنجون ساروڻيون ساريندي ٻڌائي ٿو ته: ”شيخ اياز سان منهنجي سڃاڻپ، دوست جي حيثيت ۾ 1964ع کان ٿي، جنهن جي وجهه وڪالت ۽ شاعري هئي.“ [ملڪ، فتاح. سهڻي ش. ا. ن. 01، 178] پاڻ شيخ اياز جي شخصيت کي 3 حصن (شيخ اياز شاعر جي حيثيت ۾، شيخ اياز هڪ دوست جي حيثيت ۾ ۽ شيخ اياز قوم پرست جي حيثيت ۾) ۾ ورهائي، سندس شخصيت جي انهن ٽنهي پاسن تي تفصيل سان روشني وڌي اٿس.

3.9.10. مرحب قاسمي: مرحب قاسمي، شيخ اياز جي شاعريءَ تي، تفصيل سان روشني وجهندي، کيس آفاقي شاعرن ۾ تسليم ڪري ٿي. سندس چواڻي ته: ”جيستائين ڪو به فنڪار، پنهنجي ديس جي ڳلين ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي، خوشبوءِ کي نٿو سمائي اهو آفاقي قدرن تائين نٿو پهچي سگهي.“ [مرحب، قاسمي. سهڻي ش. ا. ن. 01، 182]

3.9.11. امداد حسيني: امداد حسيني، شيخ اياز جي شاعريءَ جي صنفن: غزل، نظم، آزاد نظم، وائي، بيت ۽ هائيڪي تي، تفصيلي روشني وجهندي ٻڌايو: ”اياز جو سڀ کان وڏو ڪارنامو اهو آهي، ته هن پنهنجي لوڪ ڪلاسيڪل شاعريءَ سان ناتو جوڙيو.“ [حسيني، امداد. سهڻي ش. ا. ن. 01، 183] گڏوگڏ سنڌ کي ون يونٽ جي زنجيرن ۾ جڪڙيندڙ دؤر دؤران شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ آيل اپار کي وڏو ڪارنامو ڄاڻائيندي ان تي پڻ تفصيلي روشني وجهي ٿو.

3.9.12. عبد القادر جوڻيجو: عبد القادر جوڻيجو، شيخ اياز جي باري ۾ پنهنجا تاثر بيان ڪندي کيس، شاهه عبد الطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست کان پوءِ 20 صديءَ جو سائوٿ ايشيا جو وڏو شاعر مڃيو آهي. گڏوگڏ شيخ اياز جي جديد نظرين، فلسفي ۽ تخليق جي نمونن تي پڻ روشني وڌي اٿس. شيخ اياز جي وائس چانسلريءَ واري دؤر کي هن طرح ساراهيو اٿس: ”شيخ اياز صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جا وڏي ڳالهه ڪئي، اها هيءَ هئي ته جيڪي سنڌيءَ جا ماڊرن رائيٽر هئا، يا جيڪي ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند هئا، انهن مان تمام گهڻن کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وٺي آيو. سنڌ يونيورسٽي جيڪا هڪ دانش گاهه آهي، جتي دانشورن ۽ اديبن ۽ ان قسم جي ماڻهن جو هئڻ ضروري آهي. ان ڪري شيخ صاحب تمام گهڻي تعداد ۾

دانشور ڪنا ڪيا ۽ ڪين مختلف نوڪريون ڏنيون. اهڙيءَ طرح سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ علمي ادبي فضا پيدا ڪئي.“ [جوڻيجو، عبد القادر. سهڻي ش. ا. ن. 01، 185]

3.9.13. آفاق صديقي: آفاق صديقي اردو اديب هجڻ سبب شيخ اياز سان پنهنجي ملاقات (1949ع) جو تفصيل سان ذڪر ڪندي سنڌي ۽ اردو اديبن جي ادبي ميدان ۾ گڏجي ڪيل ڪمن ڪي تفصيل سان پيش ڪيو آهي. هن ان اردو رسالي ”ڪوهِ ڪن“ جو پڻ ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ پهريون پيرو شيخ اياز جي شاعريءَ جا ڪجهه ترجما ڇپيا جيڪي ڏاڍا مشهور ٿيا. وڌيڪ پاڻ ٻڌايو اٿس ته: ”ڪجهه شيخ اياز جي شعرن جا ترجما مون پاڻ ڪيا ۽ ڪجهه اهي نظم جيڪي لکيل ئي اردو ۾ هئا، تن کي گڏي 1954ع سنڌي ادبي سرڪل طرفان ڪتاب ڇپيو جيڪو ”بوءِ گل نالءِ دل“ جي نالي سان مشهور ٿيو.“ [صديقي، آفاق. سهڻي ش. ا. ن. 01، 186] وڌيڪ هن، سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ شاهه لطيف جي رسالي جي اردو ترجمي بابت پڻ ٻڌائي ٿو ته: ”اهو ڪم سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان پير حسام الدين راشديءَ جي نگرانيءَ ۾ ٿيو، جنهن ان ڪم لاءِ شيخ اياز کي منتخب ڪيو ۽ مون ان ترجمي ۾ ساڻس گڏجي ڪم ڪيو.“

3.9.14. يوسف شاهين: يوسف شاهين، شيخ اياز کي اڄ جي دؤر بلڪ هن صديءَ ۾ سنڌي زبان جو وڏو شاعر سمجهندي، شاعريءَ توڙي نثر جي مختلف صنفن ۾ سندس ڪيل ماهراڻي طبع آزمائيءَ تي چٽي روشني وڌي آهي. گڏوگڏ شيخ اياز سان سندس دوستيءَ جي واکاڻ ڪندي، شيخ اياز جي گهڻي مطالعي جي پڻ ڳالهه ڪئي اٿس. ”شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ۽ نثري دنيا ۾ سموري عالم انسانيت آهي.“ [شاهين، يوسف. سهڻي ش. ا. ن. 01، 188]

3.9.15. سحر امداد: سحر امداد، شيخ اياز سان پنهنجي سڃاڻپ جو ذڪر، اٺين ڪلاس جي پڙهڻ دؤران سندس پيءُ جي لئبرريءَ ۾ شيخ اياز جي پيل 2 ڪتابن: ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ۽ ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ جي مطالعي سان ٻڌايو آهي. هن موجب: ”شيخ اياز ادبي صنفن تي نوان تجربا ڪيا. جيڪي نه رڳو نيٺ سنڌي صنفن بيت ۽ وائيءَ ۾ ڪيا پر غزل، نظم، آزاد نظم، نثري نظم ۽ هائيڪي تي پڻ اهڙي ڪوشش ڪري انهن کي سنڌي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو.“ [امداد، سحر. سهڻي ش. ا. ن. 01، 190] ون يونٽ بابت ويچار ونڊيندي هوءَ ٻڌائي ٿي ته ان ڦهري دؤر ۾ سنڌي اديبن جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا تن ۾ شيخ اياز جي شاعري سڀ کان اوچي هئي، جنهن دلين ۾ باهه پڙڪائي جو عوام کي گرمائي ڇڏيو. وڌيڪ شيخ اياز جا انقلابي شعر حوالي طور ڏئي مٿن روشني وڌي اٿس.

3.9.16. مسرت مرزا: مسرت مرزا، شيخ اياز لاءِ ويچار ونڊيندي ٻڌايو آهي ته هو سچن ۽ وڏن شاعرن مان آهي، جن جي شاعري هڪ الڳ ۽ روشن مقام رکندي آهي. ”شيخ اياز جي شاعري، انساني دل جو اهو نغمو آهي جيڪو، انسان کي حق، حسن ۽ خير لاءِ پڪاريندو رهندو آهي.“ [. سهڻي ش. ا. ن. 01، 191] وڌيڪ شيخ اياز جي شاعريءَ جا حوالا ڏئي انهن تي روشني وڌي اٿس.

3.9.17. شيخ اياز جو انٽرويو: شيخ اياز کان هي انٽرويو، بيدل مسرور پي، ٿي، وي پاڪستان لاءِ اردوءَ ۾ ورتو ۽ پوءِ ان جو سنڌي ترجمو ڪري، سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبر 1 ۾ ڇپايو. جيتوڻيڪ هن انٽرويو جو مواد 4 صفحن تي مشتمل آهي، پر ان ۾ بيدل مسرور ڪانئس فقط 7 سوال پڇيا آهن، جن جا شيخ اياز تفصيل سان جواب ڏنا آهن. هتي انهن جوابن کي نهايت اختصار سان پيش ڪجي ٿو:

1. اوهان جي نظر ۾ ٽين دنيا جا مسئلا ڪهڙا آهن ۽ دنيا جا ڪهڙا شاعر پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا آهن؟

شيخ اياز: شاعر ۽ اديب پنهنجي دؤر جا پيامبر هوندا آهن. ڳالهه ڪريون ٽين دنيا ۽ ان جي ادب جي ته ڪيوبا کان ڪانگو تائين ادب سياسي جدوجهدو جو عڪاس رهيو آهي ۽ ان ۾ منافقت ڪانهي ۽ سياست کان وڌيڪ معتبر آهي.

2. اڄ جي سائنس جي تڪڙي ترقيءَ ۾ شاعريءَ جو آئيندو؟

شيخ اياز: مون هن ڪائنات ۽ ڌرتيءَ کي پنهنجي پيش روئن وانگر حيرت پري صوفيانه اک سان ڏٺو آهي. اهو صحيح آهي ته جديد دؤر اسان جي زندگيءَ نه فقط منظر جي تبديلي آندي آهي، بلڪه اهڙو تغير به آندو اٿس جنهن سان شاعريءَ کي مانوس ٿيڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو.

3. اوهان ڪهڙن اديبن ۽ شاعرن کي پڙهيو آهي، جن اوهان جي تخيلاتي سگهه ۽ فڪر تي اثر ڇڏيو آهي؟

شيخ اياز: مان دنيا جي ڪيترن ننڍن توڙي وڏن اديبن جو مطالعو ڪيو آهي، انهي اڀياس منهنجي فڪر ۽ نظرئي تي اثر وڌو آهي. ڪاليداس کان وٺي ٽئگور تائين، دانتي ۽ ورجل کان وٺي اٽاليو ڪيلونو تائين، هومر کان وٺي ڪازان زاڪس ۽ جديد دؤر جي يوناني ترقي پسند ادب تائين گالزو وردي ۽ برزاق کان وٺي سارستري سيما ديبيو تائين، پشڪن کان وٺي ميڊلسٽام، ايوت سنيقو ۽ ووزنيا سينسڪيءَ تائين سڄي دنيا جي ادب مان فائدو ورتو اٿم.

4. اوهان جو ڇا خيال آهي ته ادب گهٽ ٻوسٽ ۾ ترقي ڪندو آهي يا آزاد فضا ۾؟

شيخ اياز: هونءَ ته ادب جمهوريت ۾ ئي ترقي ڪري سگهي ٿو پر اها ڳالهه هر شاعر ۽ اديب تي منحصر آهي ۽ فيض جي شاعري ته هڪ گهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ پلي وڌي ٿي، غالب جي شاعريءَ ۾ انگريز سامراج جي دؤر جي سڄي اذيت موجود آهي.

5. توهان جو لوڪ ڪلاسيڪي شاعريءَ ڏانهن لاڙو ڪيئن ٿيو؟

شيخ اياز: شاه لطيف جون ادبي صنفون، بيت ۽ وايون هيون. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته جڏهن ڪو عظيم شاعر پيدا ٿيندو آهي ته هو صدين کي سيراب ڪري ويندو آهي. هن کان پوءِ ايندڙ شاعر صدين تائين هن جي قدمن جي نشانن تي هلندا رهندا آهن. شاه لطيف جي شاعري پڻ سندس وفات کان پوءِ ايندڙ شاعرن تي ڇانيل رهي ۽ هن جي تقليد کان سواءِ اهي ڪا نئين راهه ڳولي نه سگهيا. مون سي ٻنهي توڙي ڇڏيا پر وقت گذرڻ سان گڏ مون کي احساس ٿيو ته بيت ۽ وائيءَ جون صنفون ماڻهن جي نس نس ۾ سمايل آهن، انهي ڪري مون انهن جي ويس ۾ جديد دؤر جا مسئلا بيان ڪيا.

6. شاعريءَ جي تخليقي لمحن ۾ توهان جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي آهي؟

شيخ اياز: شاعري مون تي سانوڻ جي مينهن وانگر ايندي آهي ۽ مان مهيني ڏيڍ مهيني تائين مسلسل لکندو رهندو آهيان ۽ هڪ ڪتاب مڪمل ٿي ويندو آهي. جيئن اپرندڙ لهرون منهوڙي جي ٽڪرين سان ٽڪرائجن ٿيون ۽ پوءِ انهن کي ٺوٺ ڇڏي وڃن ٿيون، اهڙي طرح لکڻ دؤران ۽ لکڻ کان پوءِ منهنجي ڪيفيت هوندي آهي. منهنجو نثر به نظم جون سرحدون ڇهندو آهي ۽ مان پنهنجي رت ۾ اهي ئي لهرون محسوس ڪندو آهيان.

7. سنڌي شاعريءَ جو مستقبل؟

شيخ اياز: سنڌي شاعريءَ جو آئيندو تمام گهڻو روشن آهي. مان سنڌي شاعريءَ کي هر قيد ۽ بند کان آجو ڪيو آهي ۽ هڪ جياني شو آهي ته هر اهو شخص جيڪو چانڊنيءَ ۾ پسار ڪري سگهي ٿو، شعر چئي سگهي ٿو. هاڻي ته سنڌ ماڪيءَ جي مکين جي ماناري وانگر ڏيکارجي ٿي ۽ هزارين شاعر پنهنجا گيت جهونگاري رهيا آهن.

## 3.10 شيخ اياز جي ڪتاب جو هڪ جائزو

هي ليک قمر شهباز، شيخ اياز جي شاعريءَ جي ڪتاب ”هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن“ تي تفصيلي جائزي طور لکيو آهي. ليکڪ هن ليک جي شروعات شيخ اياز جي طبيعت جي ناسازيءَ سان ڪئي آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته شيخ اياز کي ساندهه ٻيو پيرو دل جو دؤرو پيو ۽ هو اسپتال جي سخت حفاظتي ڪمري ۾ هو، جو آئون ساڻس مليس. سندس جوش ۽ جذبي ۾ ڪا ڪمي ڏسڻ ۾ نه آيم. سندس ادبي چاهه جو اهو حال هو جو پنهنجي ناچاڪيءَ کي وساري ويٺو هو ۽ ڪيس، مشهور چترڪار ”پڪاسو“ جو ٺوٺڪو ٻڌايائين ته ڪيئن هو پنهنجي مرڻي تخليقن کي نقل سڏيندو هو.

شيخ اياز پنهنجي تخليقن ۾ جيڪا نواڻ پيدا ڪئي آهي، تنهن تي لکندي، ليکڪ سندس نون گهاڙيٽن، نون خيالن، نين ترڪيبن، نون محاورن، نين علامتن وغيره بابت ٿيڪا ٽپڻي ڪندي سندس آزاد نظم، نثري نظم، هائيڪن توڙي چؤسٽن جي صنفن تي ڪيل سندس تجربن بابت پڻ لکيو آهي. هن شيخ اياز جي شعري مجموعي ”هينئڙي ڏاڙهونءَ گل“ تي لکندي، ان ڪتاب کي سندس شاعريءَ جو نڪور ڪتاب ڄاڻائيندي، لکيو آهي ته: اهو ڪتاب، هن جي بيماريءَ واري دؤر جي تخليق آهي، جيڪو سندس اسپتال ۾ داخل هجڻ دؤران ئي ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب جو مهاڳ پڻ شيخ اياز پاڻ لکيو آهي. جنهن جا تفصيل ڏيندي لکيو اٿس ته: ”اهو ڪتاب، پاڻ آڪٽوبر 1990ع جي پهرئين هفتي ۾ لکيو هئائين. هن لکيو آهي ته اهو ڪتاب، پاڻ روزانو رات جو 9 وڳي کان مؤذن جي بانگ ڏيڻ (صبح 6 وڳي) تائين ستل حالت ۾ وساميل بتيءَ واري اونڌاري ۾ لکندو هو. جنهن ڪري ڪا سٽ هيٺ، ته ڪا مٿي ٿي ويندي هيس.“ [شهباز، قمر. سهڻي ش. ا. ن. 02، 118] اهڙين حالتن ۾ هڪ هفتي جي ٿوري وقت ۾ سندس ههڙو شاهڪار ڪتاب لکڻ سچ پچ حيرت جهڙي ڳالهه آهي.

هن جائزي ۾ ليکڪ، شيخ اياز کي ”پڪاسو“ سان ڀيٽيندي، کيس پڻ ساڳي راهه جو راهي ڄاڻايو آهي. سندس مجموعي ۾ ڇپيل شاعريءَ کي ان ڏس ۾ شاهد بنائيندي کيس جديد سنڌي شاعريءَ جو اهم شاعر ڪري پيش ڪيو اٿس. قمر شهباز، هِن ڪتاب جي جائزي ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ (واين، نظمن ۽ بيتن) کي 3 حصن ۾ ورهايو آهي:

1. ظاهري رخ: هي شاعريءَ جو اهڙو پاسو آهي، جنهن تي شاعر وڏي محنت ڪري، اهڙي شاعري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن کي هر عام ۽ خاص، ڏاڍي سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.
2. اڌ ظاهري رخ: هي شاعريءَ جو اهڙو پاسو آهي. جنهن جا ڪردار ۽ منظر ته شاعر پاڻ ڇٽيا آهن، پر انهن بابت پيرائتو ڄاڻ پڙهندڙن تي ڇڏيو اٿس.
3. تجريدي رخ: هي شاعريءَ جو اهڙو پاسو آهي. جنهن ۾ شاعر سڌا سنوان نه پر اڻ ڇٽا اشارن تي مشتمل عڪس ڇڏيا آهن. باقي مڪمل ڇٽو عڪس، پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي ته هو ان کي پنهنجي خيال موجب پاڻ جوڙين.

قمر شهباز، هن ڪتاب جي جائزي ۾ جيڪا ٻولي ڪتب آندي آهي، سا نهايت سادي ۽ عام فهم آهي. جنهن کي هنداڻ لاءِ ڪنهن ڊڪشنريءَ جي ڪا گهرج ڪانهي. قمر شهباز، ڪتاب تي ڦيرايل پنهنجي اک مان ميڙيل مواد، توڙي پنهنجي يادگيرين کي ملائي هي ليک لکيو آهي. جنهن ۾ هن ڪتاب ۾ شامل شاعريءَ جو نه رڳو صنفي ڇيد ڪيو آهي پر ان سان گڏوگڏ ان کي 3 نمونن ۾ ورڇي ان جي اکول پڻ ڪئي آهي ۽ ان جا مثال پڻ ڏنا اٿس. ان سان گڏوگڏ اهو پڻ سمجهايو اٿس ته شيخ اياز جي شاعريءَ جي ظاهري، اڌ ظاهري ۽ تجريدي پاسن ۾ ڪهڙي مام رکيل آهي. سندس تجزيي جي جانچ پرک مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هن، ڪتاب ۽ ان جي ليکڪ بابت جوڳي معلومات، توڙي ان تي فني ٽيڪاٽپڻي ته چڱيءَ ريت ڪئي آهي. پر ان ۾ شامل ڪنهن به اسم تي ڪنهن به قسم جي تنقيد کي ڪا جاءِ نه ڏني اٿس، جنهن سان سندس هي جائزو ڇڻ ته تنقيدي پاسي کان تاسارو رهجي ويو آهي.

# حوالا


1. اتم، اي جي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
2. اشرف، طارق. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
3. اياز، شيخ. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، [ڇاپو پهريون]، 1963ع، ساهت سڀا پبليڪيشن، الهاس ننگر.
4. اياز، شيخ. خط، انٽرويو، تقريرون، [ڇاپو ٻيو]، 1999ع،نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
5. اياز، شيخ. ساهيوال جيل ڊائري، [ڇاپو پهريون]، 1989ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
6. اياز، شيخ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
7. اياز، شيخ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
8. اياز، شيخ. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون، [ڇاپو پهريون]، 1991ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
9. بخاري، مخمور. سچل ساڃاهه شعور،[ڇاپو پهريون]، 2011ع، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور.
10. ٻيوس، تاجل. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
11. بلوچ، تاج. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
12. ٻاٻاڻي، ڪيرت. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
13. ٻاٻاڻي، ڪيرت. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
14. پرڪاش، موتي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
15. پرڪاش، ڪلا. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
16. پليجو، اياز. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
17. پليجو، رسول بخش. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
18. پارتي، نارائڻ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
19. پٽي، زيب. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
20. فگار، انور هڪڙو. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
21. فگار، انور هڪڙو. جي تند برابر توريان، [ڇاپو پهريون]، 1989ع، سنڌي ادبي اڪيڊمي، ڪراچي.
22. گيانچندداڻي، سوڀو. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
23. ڪوسو، غفار. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
24. ڪوسو، غفار. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
25. دلگير، هري. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
26. الحيدري، شمشير. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
27. حسيني، امداد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
28. جويري، نند. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
29. جويو، محمد ابراهيم. جل جل مشعل جل، [ڇاپو پهريون]، 1967ع ،نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

30. جويو، محمد ابراهيم. ڪي جو ٻيجل ٻوليو، [ڇاپو پهريون]، 1970ع ، ابن حياب پبليڪيشن، حيدرآباد.

31. جويو، محمد ابراهيم. راڄ گهاٽ تي چنڊ، [ڇاپو پهريون]، 1987ع ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

32. جويو، محمد ابراهيم. ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي، [ڇاپو پهريون]، 1988ع ،نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

33. جويو، محمد ابراهيم. وڄون وسڻ آئيون، [ڇاپو پهريون]، 1989ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

34. جويو، محمد ابراهيم. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

35. جوڻيجو، نسرين. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

36. جوڻيجو، عبد الجبار. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

37. جوڻيجو، عبد القادر. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

38. چانڊيو، امير علي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

39. خادم، قاضي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

40. عشقي، الياس. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

41. رياض، فهميده. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

42. رنگريز، غلام حسين. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

43. ملاح، ماڻڪ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

44. ملاح، عبد الله. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

45. محبوب، ماهتاب. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

46. محبوب، ماهتاب. رڻ تي رم جهم، [ڇاپو پهريون]، 1986ع، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

47. مالهي، گوبند. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

48. مغل، غلام نبي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

49. مرزا، نصير. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

50. ميمڻ، سراج. چنڊ چنبيليءَ ول، [ڇاپو پهريون]، 1985ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

51. ممتاز، ناهيد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

52. مرزا، مسرت. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

53. مسرور، بيدل. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

54. ملڪ، فتاح. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

55. نديم، ملڪ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

56. لي بريور، رابرٽ. رائيڊر ڊائجيسٽ. 12 مارچ 2021ع.

57. ستار. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

58. سمون، تاج محمد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

59. سنڌي، حميد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

60. سنڌي، مدد علي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

61. سومرو، ادل. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

62. سومرو، اڪبر. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
63. سولنگي، احمد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
64. شاد، ارجن. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
65. شاهاڻي، ريٽا. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
66. شاهين، يوسف. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
67. شهباز، قمر. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
68. وفا، پرڀو. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
69. ولڀ، ولي رام. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
70. قاسمي، رڪن الدين (1991ع) سهڻي شيخ اياز نمبر: 2، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
71. قاسمي، مرحب. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
72. صديقي، آفاق. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
73. هيراننداڻي، پوپٽي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
74. هيراننداڻي، پوپٽي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
75. ڪامراڻي، سنتوش. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

# باب چوٿون

## سھڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن ۾ ڇپيل نظمي مواد

شيخ اياز سنڌ جو، اھو وڏو شاعر ٿي گذريو آھي. جنھن اڻڳڻيا غزل، گيت، وايون، بيت، نظم، ھمرچا، ٿيڙو وغيره سنڌي شاعريءَ جي جھول ۾ وجھي، ان کي مالا مال ڪيو. سندس شاعري رڳو سونھن سوڀيا يا حسن عشق جي واڪاڻ ۽ رمزن تي ٻڌل شاعري ڪانھي. پر سندس شاعريءَ جو وڏو حصو وقت جي دجالن سان ويڙھ جي جنبش واري ۽ اتساھ اپارڻ وارين للڪارن تي مشتمل آھي. ھو سنڌي ماڻھن جي شعور جي معمارن مان ھڪ آھي. ھو اھو شاعر آھي، جيڪو جڏھن حسن عشق جي ڳالھه ڪري ته سندس قلم مان: ”عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن آيو جھول پري...“، ”روح کي ول جيئن ورڪوڙيو ٿئي، جيءَ سين جيءُ ايئن جوڙيو ٿئي...“ جھڙا انمول ٻول نڪرن ٿا.

جڏھن، ”سنڌ جو نالو وٺڻ، چڻ ته ڪاريھر تي پير پوڻ“ برابر ليکيو ويندو ھو تڏھن، ھن جو قلم دشمن لاءِ وڏي للڪار بڻجي اٿيو ۽ ”سنڌ ديس جي ڌرتي، توتي پنھنجو سيس نمايان، مٽي ماٿي لايان...“، ”سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو، سھندو ڪير ميار او يار!“ جھڙي شاعري، سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ٻرڻ لڳي. ھن جيڪي مزاحمت جا ٻج ڇٽيا، سي ٻڻ ڏاڍا نرالا آھن. ”ڪاتيءَ ھيٺان ڪنڌ، پوءِ به نعرا نيھن جا...“، ”جي ھانءُ نه ھارين، ڪوھيارل! ھي ڏينھن به گھاري وينداسين...“ ان جا چند مثال آھن.

شاعريءَ ۾ ڪيل سندس نون تجربن توڙي ٻاھرين دنيا جي ادب مان آندل صنفن سنڌي شاعريءَ کي ڏاڍو شاھوڪار ڪيو آھي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا موجب ”پاڻ 20 کان مٿي شعري صنفن ۾ ڪلام چيو اٿس“ [سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا. جلد پھريون، 339]

سھڻي رسالي شيخ اياز جي شخصيت بابت، سنڌ جي قلم ڌڻين جا ويچار گڏ ڪري، مٿس 2 نمبر ڇپائي پڌرا ڪيا. ھي باب، عنواني حساب سان سھڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڇپيل نظمي مواد تي آڌاريل آھي، پر جيئن ته شاعريءَ واري حصي ۾ 2 نمونن جي شاعري شامل آھي. ھڪڙي شيخ اياز جي پنھنجي شاعري ۽ ٻي شيخ اياز جي شخصيت بابت سنڌ جي نالين شاعرن جي شاعري. تنھن ڪري ھن باب کي ويتر 2 حصن ۾ ھيٺين ريت ورڇيو ويو آھي.

4.1 شيخ اياز جي شاعري

4.2 شيخ اياز بابت شاعري

## 4.1 شيخ اياز جي شاعري

سهڻي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) جي ٻنهين پرچن ۾ ڇپيل شاعريءَ جي اڀياس مان پروڙ پوي ٿي ته انهن پرچن ۾ شيخ اياز جي شاعري 3 نمونن سان ڇپيل آهي. جنهن کي ڌار ڌار ڪري عنواني مناسبت سان هيٺين ريت ورڇيو ويو آهي.

4.1.1. شيخ اياز جي اڳاٽي شاعري
4.1.2. شيخ اياز جي اڻڇپيل شاعري
4.1.3. شيخ اياز جي چونڊ شاعر

### 4.1.1 شيخ اياز جي اڳاٽي شاعري

سهڻي رسالي جي ايڊيٽر طارق اشرف کي، شيخ اياز جا اڳاٽا 2 نظم، انور فگار هڪڙي جي هٿان مليا آهن. جن مان هڪڙو ''خانه بدوشو ٿا نيو ڪيڏانهن آخر قافلو؟'' ٻيو ''مرد خدا'' جن کي هن سهڻي شيخ اياز نمبرن ۾ جاءِ ڏني. جيڪي هيٺين ريت آهن.

4.1.1.1 خانه بدوشو: هي نظم جملي 12 بندن تي مشتمل آهي، جيڪو هن کان پهرين، سنڌو رسالي جي خاص شماري ''نئين سنڌ'' ۾ ڇپيو هو. هن نظم ۾ شيخ اياز خانه بدوشن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي منظرنگاري ڪئي آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ کي ان سان ڀيٽيو آهي. سندس نظم مان هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو:

تهذيب کان ڪانهي پري، هيءَ بي تمنا زندگي.
خانه بدوشـــي ٿي ڪري، هيءَ زندگي آ زندگي.

4.1.1.2 مرد خدا: هي نظم جملي 04 بندن تي مشتمل آهي، جيڪو هن کان پهرين ''سدرشن'' مخزن ۾ ڇپيو. هن نظم ۾ شيخ اياز هڪ مرد خدا ماڻهوءَ جو نقشو چٽيو آهي. جنهن کي نه دنيا سان ڪا شڪايت آهي، نه ڪنهن سان نفرت آهي. نه ئي ڪنهن مذهب مان چاڙهي، بس هن کي انسان سان محبت آهي. هن نظم مان هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو:

نــه غم دنيــا جو آ ان کي، نــه دنيــا کــان ڪنــارو آهه.
نــه ڏيڻو آهه نــه وٺڻو آهه، نــه حيلو آهه، نــه چــاڙهو آهه.
نه پنهنجن ســان محبت آهه، نه نفرت غيرن ســان ان کي،
ســـيني ۾ ذات حق ڏســـڻو، اهو ان جو نظـارو آهه.
نــه آهي شـــاد شـــاهيءَ ۾، گدائيءَ ۾ نــه غم ان کي،
جو آهي، ســو ئي آهه بهتر، اهو ان جو نظـارو آهه.
ڪفر اســلام کان فارغ، نــه ملت گرز ســـان ان کي

نه هندو آهه نه ڪي مسـلمء سـين ڪان پنٿ نيارو آه.

## 4.1.2 شيخ اياز جي اڻڇپيل شاعري

هيءُ شيخ اياز جي اڻڇپيل شاعريءَ جو مجموعو آهي، جيڪو سهڻي رسالي شيخ اياز نمبر 1 ۾ صفحي 244 کان 257 تي ڇپيل آهي. جنهن بابت جيتوڻيڪ رسالي جي صاحب رڳو ايتري معلومات ڏني آهي ته اهو شيخ اياز جي اڻڇپيل شاعريءَ جو مجموعو آهي. جڏهن ته ان کان پوءِ سال 1998ع ۾ جڏهن ”نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد“، اهو ڪتاب ڇاپيو ته شيخ اياز ان ڪتاب بابت جيڪو لکيو، سو هن ريت آهي: ”هي ڪتاب، مون انگلينڊ وڃڻ کان اڳ لکيو هو. پر مون ان وقت ايئن سمجهيو هو ته مان سچ پچ، هن رنگارنگي دنيا کي الوداع ڪري رهيو آهيان، جا مون روئندي نه پي ڇڏڻ چاهي، ڳائيندي پي ڇڏڻ چاهي. پر قدرت کي منهنجي شاعريءَ سان ايترو عشق ٿي ويو هو، جو ان مون کي ايتري توانائي ڏني جو مون 4 هارٽ اٽيڪن جي وچ ۾ 4 ڪتاب لکي ورتا.“ [اياز، شيخ. الوداعي گيت، 27]

هيءَ مجموعو 47 گيتن تي مشتمل آهي. جن ۾ جتي ڪٿي مايوسيءَ جا منظر عام جام ڇٽيل آهن. جنهن منجهان شاعر جي اندر جي احساسن کي چڱيءَ ريت پروڙي سگهجي ٿو. هتي سندس گيتن مان چند بند ڏجن ٿا:

گـهـنـڊ وڄــي ٿــو، اڄ وڃــڻــو آ،
ڪــنــهــن دور انــڌاريءَ، دنــيــا ۾.
پــرپــور ســـمــنــدر، گــهــرجــي ٿــو،
ڪــنــهــن وســـمــيءَ جـهـڙي، دنـيـا ۾.

***

هن منهنجي رت جي، ريلي ۾،
ڪي قول هئا، سنٿال هئا.
ڪي آريا، ڪي اڻ آريا هئا،
جن روز پلايا، پال هئا.

***

زنـــــــــــدگيءَ تـــــــي اعتبار،
ڪـــو نـــه آهـــي،
ڪـــو نـــه آهـــي!
موت ســــــــــان ڪوئي به پيار،
ڪـــو نـــه آهـــي،

ڪو نه آهي!

***

ٿو موڪلايان،
الوداع!
هو اڳ ويا جي قافلا
تن کان به اڳ ۾ ٿو وڃان،
پر ٿو وڃان ڪيڏانهن مان
هي مون نه ڄاتو آ اڃان
ٿي دؤر جا سانجهي سڏي
ان ۾ سمايان
الوداع!

### 4.1.3 شيخ اياز جي چونڊ شاعري

”شيخ اياز جي چونڊ شاعريءَ“ جي عنوان سان جملي 19 غزل، 49 وايون، 14 نظم، 15 بيت، 22 ٽه سٽا ۽ هڪ گيت، سهڻي رسالي شيخ اياز نمبر 2 ۾ صفحي 123 کان 144 تي ڇپيل آهن. شاعريءَ جي هيءَ چونڊ نور محمد جي ڪيل آهي، جنهن ان ڪم بابت لکيو آهي ته: ”شيخ اياز جي شعر جي چونڊ ڪرڻ وقت، تڏهن منجهي پيس جڏهن هر شعر چيو ٿي ته مون کي چونڊ.“

شيخ اياز جي شاعريءَ مان مختلف صنفن مان چونڊيل هيءَ شاعري ٻوليءَ جي سونهن ۽ شاعرائين خوبين سان مالامال آهي. جيتريقدر سندس مشاهدي جو تعلق آهي ته اهو شاعري مان بخوبيءَ پسي سگهجي ٿو، جنهن مان لاڙ، ڪاڇي، ٿر ۽ ڪوهستان جي ماحول جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي. شيخ اياز ان سان گڏوگڏ پنهنجي شاعريءَ ۾ رومانيت، انقلابي ۽ رزميه رنگ ڀري عوام کي سجاڳ ڪري منجهن مقابلي جي جذبي کي ڀرپور نموني جاڳايو آهي. سندس چونڊ شاعريءَ مان چند نمونا هيٺ ڏجن ٿا:

<u>غزلن مان چونڊ:</u>

هو ڏسو! هو ڏسو! ڪيرٿر تي ڪڪر
دؤر آڪاس ۾، اڄ وڇون ٿيون نچن!

***

اها سنڌ قعبو بہ، ڪاشي بہ آ،
چوي ڇا بہ ڪو، شيخ يا برهمڻ.

***

چنڊ! پرينءَ کي پرچائي ڏي، مون سان
ڪيئن رٺو آ!
تون ئي ڇئه مون ساريون راتيون ڪائي
ننڊ ڪئي!

***

جي هانءُ نہ هارين ڪوهيارل! هي ڏينهن بہ گهاري وينداسين.
ڇو پير پساري ويٺو آن، اٿ! ڏونگر ڏاري ويندا سين.

واين مان چوند:

تون ڇا ڄاڻين اوپرا،
توکي کهڙي ڪل!
مون کان سنڌ نہ وسري.

***

ناهي موت ميار،
ووءِ ميان، وو، وو ميان!
صليبن جي سامهون،
ڪيڏي آهي قطار!
ووءِ ميان، وو، وو ميان!

***

لاڙي وينگس،
ڇڄ ڇڙي ٿي،
ان ڪڻن تي اڏري آيل
ڪانءَ ترڙي ٿي.

***

ڪنڊيءَ نہ سگري، ٻير نہ پلڙو،
سائو نہ سلڙو، ڇانگون نہ ڇيلڙا!
مارو اڪيلڙا!

مارو اکيلڙا!

نظمن مان چوند:

اي ڪاش! اهو تون چاٽين ها
آزاد فضا ۾ ٿيندي آ!
اي ڪاش! اهو تون چاٽين ها
پرواهه بنا پر ڪيئن هوندا
آزاد فضا ۾ ٿيندي آ!

***

منهنجو اگهه پڇين ٿو آمر!
منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تون؟

***

هيءَ ويڙهه سدائين هلندي،
جيسين سج اڀرندو رهندو،
ها ها تيسين تائين هلندي رهندي...

***

تون هونءَ به مرندي ڪاڇي ۾
اڄ ناهر وانگر ڇال ڏئي،
تون آءُ پهاڙيءَ پاڇي ۾.

بيتن مان چوند:

کڇر تي ڇاهيون، سڄو اڄو واهڙِي،
اڇي ٿو ڪاهيون، ڪيڏيءَ ڪاريءَ اس ۾.

***

ياد وري آيون، تو سان ساوڻ راتڙيون،
پيريءَ پرڇايون، جن ۾ جوڀن ڏينهڙا.

ٿه سٿن مان چوند:

اڙي شڪاري!
هن پنڇيءَ جي ٻولڙي

ولر کان نياري.

***

ويڙهيچن ويلا
رکو سکو بويڙو
چپر ۾ چيلڙا.

***

آءُ درازا هل!
تنهنجا سارا مولوي
منهنجو هڪ سچل!

## 4.2 شيخ اياز بابت شاعري

شيخ اياز جي شخصيت تي، سنڌ جي 09 ناليرن شاعرن جي شاعري، سهڻي شيخ اياز نمبر: 02 ۾ صفحي نمبر 109 کان 111 تائين ڇپيل آهي. انهن سڀني شاعرن جي شاعريءَ تي نظر وجهڻ سان پروڙ پوي ٿي ته هنن، پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي ادب جي جديد شاعر شيخ اياز جي شخصيت کي شاعريءَ ۾ هيٺين ريت پيش ڪئي آهي:

- حسن درس، شيخ اياز جي شاعريءَ جي لفظ لفظ، سٽ سٽ، گيت گيت کي گونج ڪوٺيو آهي.
- شوڪت علي ڏماڇ، شيخ اياز کي مهان ڪري پيش ڪيو آهي ۽ سنڌ سان سندس محبت کي سداحيات ڪري ڄاڻايو آهي.
- نور احمد جنجهيءَ: شيخ اياز جي شان ۾ 08 بيت لکيا آهن. انهن ۾ سندس واکاڻ ڪندي کيس برصغير جو مهان ڪوي ڄاڻايو آهي.
- شاهد سولنگيءَ، شيخ اياز جي شاعري ۽ سندس مخالفن جي هلايل تحريڪ ۽ مٿس هنيل ”ڏات ويڪائو“ واري تهمت جي رد ۾ لکيو آهي ۽ پاڻ کيس سنڌ ۽ سنڌ واسين جو آواز ۽ شاهه لطيف جو پيو جنم ڄاڻايو آهي.
- اخلاق انصاريءَ، شيخ اياز جي مخالفن کي ماري شڪاريءَ سان ڀيٽيندي، کيس هوشياري ڏيندي خبردار ڪيو آهي ته: اهڙو خبردار رهي جو ڪو به ماري کيس پڪڙي نه سگهي.
- نور محمد سومرو، پنهنجي شاعريءَ ۾ شيخ اياز جي ذات کي سچو بيان ڪندي، هڪ جوت سان تشبيهه ڏني آهي، جيڪا ڪڏهن به وسامڻي نه آهي.
- شمع منير، پنهنجي شاعريءَ ۾ پاڻ کي غلام قوم جو فرد ڄاڻندي، شيخ اياز جي شاعريءَ کي قوم لاءِ اتساهه ڪري پيش ڪيو آهي.
- عزيز ڪنگراڻيءَ، پنهنجي شاعريءَ ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ کي سنڌي ساهت جي لاءِ وڏو وڻ ڄاڻائيندي، سندس فڪر تورڙي مشاهدي کي گهاٽي ٻڙ سان ڀيٽيو آهي.
- اسلم مسرور انصاري، پنهنجي شاعريءَ ۾ شيخ اياز کي عظيم انسان ۽ شاعر ڄاڻائيندي کيس شاهه سچل ۽ ساميءَ جو همراز ڪري پيش ڪيو آهي.

مٿي ڄاڻايل شاعرن جي شاعري، فني لحاظ کان سندن شاعريءَ جو اعلىٰ نمونو آهي. هر هڪ عام توڙي خاص ماڻهو جو پنهنجو پنهنجو پيمانو هوندو آهي ۽ ان جي بنياد تي هو سماج مان ڪي شاهڪار ڪردار پسند ۽ ناپسند پڻ ڪندو آهي. پر جيئن ته سماج جو قلم ڌڻي، جنهن ۾ شاعر، اديب، دانشور، نقاد وغيره سچي قوم جا سونهان هوندا آهن تنهن ڪري، ببن لفظن ۾ ايئن چئجي ته وڏاءُ ڪون ٿيندو ته سندن قلم مان نڪتل گفتا ساک جيتري حيثيت رکندا آهن. سو ان پاسي کان ڏسجي ته هنن اڪابر شاعرن جيڪا شيخ اياز جي شخصيت توڙي فن ۽ فڪر جي واکاڻ ۾ شاعري ڪئي آهي. سا ان ڳالهه جي ساکي آهي ته

شيخ اياز پنهنجي وقت جو نهايت برجستو ۽ سچاڻ شاعر ٿي گذريو آهي. 09 ئي شاعرن جي شاعريءَ مان، نموني سميت ان جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو:

4.2.1. **حسن درس جي شاعري:** حسن درس جي شاعري ”سٽ سٽ ڪونج“ جي عنوان سان 6 بندن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ هن شيخ اياز کي مخاطب ٿي سندس شاعريءَ جي تخليقي اهميت کي پيش ڪيو آهي. سندس هڪڙو بند هتي ڏجي ٿو:

اي اياز شاعري،
لفظ لفظ ۾ لهي
گيت گيت گونج آ،
شام آسمان ۾ چڻ ته ڪا اڏام آ
سٽ سٽ ڪونج آ
اي اياز شاعري،
شراب جي دڪان تي،
رات ڏينهن رش آ.
جو به جام جئين جهلي،
ٿو پنو پڙهي وٺان،
سو نشي ۾ غش آ.
[درس، حسن. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 109]

4.2.2. **شوڪت علي ڏماچ جي شاعري:** شوڪت علي ڏماچ ”شيخ اياز مهان الا“ جي عنوان سان آزاد نظم ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ جي ساراهه ڪندي، کيس جديد سنڌي شاعريءَ جو اهم شاعر سمجهي ٿو. سندس شاعريءَ کي امر ۽ سنڌ سان سندس محبت کي سدا حيات ڄاڻي ٿو، جنهن جو ايندڙ وقت پڻ ساکي ٿيندو.

تنهنجا گيت اياز الا
سنڌ سڄيءَ ۾ پرندا رهندا
تنهنجا گيت امر
تنهنجي ذات امر
تنهنجي سوچ سنيهو سائين،
هر ماڻهو آ مشعل مشعل
تو گيت غزل ۽ دوهن سان
واين سان ۽ بيتن سان
آزد نظم سان هائيڪن سان

پـنـهـنـجـي هـر رچـنـا ســـان
پـيـغـام ڏنـو تـو آزاديءَ جـو
تبـديلـيءَ جو خـوشـــحـالـيءَ جو.
[ڏماڃ، شوڪت علي ش. ا. ن.: 02،
109]

4.2.3. نور احمد جنجهيءَ جي شاعري: نور احمد جنجهيءَ جي ”برصغير جو جديد سنڌي شاعريءَ جو اهم شاعر شيخ اياز جي نالي“ جي عنوان سان، 02 سٽن وارن 08 بيتن تي مشتمل شاعري آهي. جنهن ۾ شاعر شيخ اياز جي شاعريءَ جي انوکن اسرارن جي واکاڻ ڪندي کيس برصغير جو جديد سنڌي شاعريءَ جو اهم شاعر سمجهي ٿو. سندس بيتن مان چونڊ بيت هيٺ ڏجن ٿا:

ڪهڙا لقـب توکي ڏيـان؟ تون تـه انوکو اســـرار
پـانـڌي تـنـهـنـجـو پـار، ڏســـن اکـيـون انـدريـون.

***

سنڌڙي ساريندي، سڏڪا پري شيخ
ڳوڙها ڳاڙيندي، لڏڻ کان پوءِ لالڻ!

***

سچي تنهنجي شاعري، اجرو تنهنجو ايمان.
ڪوتا تنهنجي ڪان، هنيو ڪاري ڪوڙ ۾.
[جنجهي، نور احمد. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 109]

4.2.4. شاهد سولنگيءَ جي شاعري: شاهد سولنگيءَ ”شيخ اياز“ جي عنوان سان لکيل آزاد نظم ۾ شيخ اياز جي شاعري ۽ سندس مخالفن جي هلايل تحريڪ، جنهن ۾ مٿس ذات ويڪائوءَ جي تهمت لڳائي وئي هئي، تنهن جو ذڪر ڪندي شاعر سوال اٿاريو آهي ته ”ڇا شيخ اياز وڪامجي ويو آهي؟“ ۽ وري ان جو جواب ڏي ٿو ته ”نه اياز نه وڪاڻو آهي“ هو کيس سنڌ ۽ سنڌ واسين جو آواز ۽ شاه لطيف جو ٻيو جنم سمجهي ٿو.

ڇـــا ڇـــا ڇـــا ...؟
ايـــاز وڪـــامـــجـــي ويـــو آهـــي؟
ائـــيـــن نـــٿـــو ٿـــي ســـگـــهـــي،
ايـاز ايئن ڪـڏهن بـه نٿو ڪري ســگهي.
تـو اڄ جـون اخـبـارون نـه پـڙهـيـون آهـن.
مون اڄ ۽ ڪلهه جون سـڀ اخبارون ۽ رسـالا

پڙهيا آهن.

[سولنگي، شاهد. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 110]

4.2.5. **اخلاق انصاريءَ جي شاعري:** اخلاق انصاري ”شيخ اياز نانءُ“ جي عنوان سان پنهنجي وائيءَ ۾ شيخ اياز جي انقلابي شاعريءَ جي ڪري جيڪا ڪيس تڪليف ڏني وئي ۽ شيخ اياز جي مخالفن ڪي ماري (شڪاريءَ) سان پيٽيندي، شيخ اياز کي خبردار ٿو ڪري ته پاڻ کي ايڏو طاقتور رک جو ڪو به ماري توکي پڪڙي نه سگهي. سندس وائي هيٺين ريت آهي ته:

تتر هي تڙڪول ۾،
———————— ماريءَ
وٽ نه ڏي.
ڏوتڙ سارو ڏيهه، قول ڪنهن جي جهول ۾
———————— ماريءَ
وٽ نه ڏي.
ڪٽ ڪويءَ چپ ڪپي، سچ رچيو آ ٻول ۾
———————— ماريءَ
وٽ نه ڏي.
ڪائو ڪچ نه ڪاپڙي، اوتي ڪو ڪشڪول ۾
————————
—— ماريءَ وٽ نه ڏي.
سپنو سوچيو آ جو، ساپيان رنگ رتول ۾
———————— ماريءَ
وٽ نه ڏي.

[انصاري، اخلاق ش. ا. ن.: 02، 110]

4.2.6. **نور محمد سومري جي شاعري:** نور محمد سومري جي نظم ”شيخ اياز جي نانءُ“ جي عنوان سان آهي. جنهن ۾ هن شيخ اياز جي ذات کي، سچو سمجهندي سندس شاعريءَ کي هڪ جوت چاٽائي ٿو، جيڪا ڪڏهن به وسامڻي نه آهي. هيٺ سندس نظم جا بند ڏجن ٿا:

تون ته جوتي، آنه اياز
تنهنجي جوت اجهامڻي ناه
هيءَ ٻي آهي، ڳالهه اياز
توکي ڪا به وراڻي ناه
تنهنجي ڪوياتا اندلٺ ريکا

تــنــهــنــجــو ڍنــگ نــرالــو آ
گــگــهــه انــڌريءَ رات انــدر
تــنــهــنــجــو گــيــت اجــالــو آ.
[سومرو، نور محمد. سهڻي ش. ا. ن.: 02،
109]

4.2.7. شمع منير جي شاعري: شمع منير جي آزاد نظم پڻ ”شيخ اياز جي نانءُ“ جي عنوان سان آهي. جنهن ۾ شاعره پاڻ کي غلام قوم جو فرد ڄاڻائيندي، شيخ اياز جي شاعريءَ کي قوم لاءِ اتساهه سمجهي ٿي. هيٺ سندس نظم مان ٽڪرو ڏجي ٿو:

او اياز...
اسان جي روح کي
عام طرح جيڪي،
مجبورين ۽ بيوسيءَ جا زنجير
وڪوڙي ويا آهن
سي
سڀ تنهنجي هر ڳاڙهن ڳاڙهن
شعرن ڏانهن،
سٽ ڏيو ٿا پون.
[منير، شمع. سهڻي ش. ا. ن.: 02، 110]

4.2.8. عزيز ڪنگراڻيءَ جي شاعري: عزيز ڪنگراڻيءَ جا شيخ اياز جي ذات تي 12 هائيڪا ۽ 06 بيت لکيل آهن. جن ۾ هن شيخ اياز جي شاعريءَ کي سنڌي ساهت جي لاءِ وڏا وڙ ڄاڻايو آهي. ان سان گڏوگڏ هو، سندس فڪر توڙي مشاهدي کي گهاٽن بڙن سان ڀيٽي ٿو. ان کان سواءِ سندس قلمي پورهئي کي سچي سنڌ گواهه ڄاڻائيندي واکاڻ ڪئي آهي. پاڻ شيخ اياز جي وائيءَ کي شاهه لطيف جي وائيءَ جو ورنانءُ سمجهي ٿو. سندس شاعريءَ مان چوند هيٺ ڏجي ٿي:

هائيڪا:
هي جو شيخ اياز
هن جون پاڙون ڌر ۾ –
تون ڀلئين نعري باز!
سڻ پڙاڏو پاءُ
اياز آهي لطيف جي
وائيءَ جو ورناءُ.

چو اياز تي هيءُ ڪس؟
مون سان ڪالهه لطيف ڪئي
سوچن ۾ سسپس.

بيت:

ســـاهــت جــي ســـاچــاهه ايــاز آدجڳــاد کــان
ســنــدس قلمي پورهئي جي، ســچي ســنـڌ گواهه
وتــس پــيــار اٿــاهه ڌر جـــي پــتــر پــيــنــڊ لاءِ.
[ڪنگراڻــي، عزيز. ســـهڻـي ش. ا. ن.: 02، 111]

4.2.9. اسلم مسرور انصاريءَ جي شاعري: اسلم مسرور انصاريءَ غزل ”مهان شاعر“ جي عنوان ڇپيل آهي. جنهن ۾ هو شيخ اياز کي عظيم انسان ۽ شاعر ڄاڻائيندي. کيس شاهه سچل ۽ ساميءَ جو همراز سمجهي ٿو. سندس غزلن مان 2 بند هيٺ ڏجن ٿا:

ســـنـڌڙيءَ جــو مـهــان شـــاعــر، شـــيــخ ايــاز
هــي عــظــيــم انســـان شـــاعــر، شـــيــخ ايــاز
شـــاهه ســـچــل ســـامــيءَ جــو هــي آ هــمــراز
ادب جــو گــلســـتــان شـــاعــر، شـــيــخ ايــاز.
هــي ديــس جــو دوســـت ۽ ســـنـڌ جــو اهــڃــاڻ
هـــي تـــاريــخــدان شـــاعــر، شـــيــخ ايــاز.
[انصــاري، اسـلم مسـرور. سـهڻي ش. ا. ن.: 02، 111]

# حوالا

1. اياز، شيخ. الوداعي گيت، [ڇاپو: ٻيو]، 1998ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
2. اياز، شيخ. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
3. اياز، شيخ. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
4. انصاري، اخلاق. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
5. انصاري، اسلم مسرور. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
6. درس، حسن. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
7. ڏماچ، شوڪت علي. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
8. جنجهي، نور احمد. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
9. سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا. جلد ٻهريون، [ڇاپو پهريون]، 2009ع، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد.
10. سولنگي، شاهد. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
11. سومرو، نور محمد. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
12. منير، شمع. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
13. ڪنگراڻي، عزيز. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

# باب پنجون

## نتيجا

سهڻيءَ رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) جي هن تحقيقي اڀياس مان، ملندڙ معلومات توڙي ان جي ڇنڊ ڇاڻ بابت گهربل بحث جيئن تہ: هن تحقيقي مقالي جي، اڳين بابن ۾ تفصيل سان ڏنل آهي. سو هڪ تہ ان جي ورجاءَ جي هتي ڪا گهرج ڪانهي ۽ ٻيو تہ هيءُ باب آهي ئي ان سموري اڀياس مان، ملندڙ نتيجن تي مشتمل، تنهن ڪري هن تحقيقي اڀياس مان حاصل ٿيل، نتيجن کي مختصر ڪري هيٺ شامل ڪجي ٿو:

5.1 شيخ اياز پنهنجي دؤر جو اهم تخليقي شاعر هو. سهڻي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ سندس دؤر جي ڪيترن ئي اديبن، شاعرن، نقادن ۽ سندس دوستن مٽس لکيو. جنهن سان، سندس دؤر ۾ سندس علمي حيثيت واضع ٿئي ٿي.

5.2 سهڻي رسالو، پنهنجي وقت جو اهڙو ماهوار رسالو هو، جنهن ان وقت جي، ادب جي مختلف ترقي پسند، رومانوي ۽ مزاحمتي ڌارائن کي سهيڙي، سنڌي ادب جي تاريخ جو حصو بڻايو. ان رسالي جا ”شيخ اياز نمبر“، سنڌي ادب ۾ ”اياز شناسيءَ“ جي سلسلي ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿا. ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ڇپيل مواد، تز، وقتائتو ۽ سنڌ جي حالتن جي عڪاسي ڪندڙ هو.

5.3 امير علي چانڊيي پنهنجي مقالي ۾ شيخ اياز کي، جديد فڪر جو شاعر ثابت ڪندي، سندس شاعريءَ ۾ موجود مختلف ترقي پسند رخن (اشتراڪيت، انسان دوستي ۽ وطن دوستي) کي ڀرپور انداز ۾ اجاگر ڪيو. سندس اهو اڀياس ڏاڍو تز ۽ اياز شناسيءَ ۾ پنهنجي مواد، ترڪيب ۽ تنقيدي خيالن سبب وڏي اهميت والاري ٿو.

5.4 سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڇپيل مواد جي 59 ليکڪن مان رڳو 3 ليکڪن (غلام نبي مغل، تاج محمد سمون ۽ آدرش) شيخ اياز جي فن ۽ فڪر تي تنقيد ڪندي سندس شاعريءَ ۾ عوامي رنگ، لب لهجي جي کوٽ کي اجاگر ڪيو آهي. جنهن کي پڻ انهن ئي پرچن ۾ ڇپيل ناميارن ليکڪن (نسرين جوڻيجو، هدايت بلوچ ۽ اي. جي. اتم) پنهنجي لکڻين ۾، دليلن سان رد ڪري ثابت ڪيو آهي تہ: ”شيخ اياز، سنڌ جي اڄ ۽ سڀاڻ جو هڪ سجاڳ ۽ ساڪائتو ڪوي آهي. سندس قلم مان نڪتل پورهيو سنڌ جي، آجپي جي ويڙهہ جو وڏي ۾ وڏو شعوري وکر آهي.“

5.5 سهڻي رسالي جا ”شيخ اياز نمبر“، ”اياز شناسيءَ“ جي حوالي سان بنيادي مواد، شيخ اياز جي شخصيت، شاعري، فن ۽ فڪر جي مختلف ڌارائن، رخن ۽ لاڙن بابت جوڳو مواد مهيا ڪن ٿا.

5.6 شيخ اياز کي ڪيترن ئي شاعرن، شعر ۾ پيڙا پيش ڪري ڪيس، پنهنجي دؤر جو شاعر ۽ سندس شاعريءَ جي شعري حيثيت کي تسليم ڪيو آهي.

5.7 سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾ ڇپيل خط: پذيرائيءَ، شڪريي ادئيءَ، ڪتابن جي ڇپائڻ ۽ انهن جي پروفن وغيره جي خبرچار لهڻ، شيخ اياز جي اڀياس هيٺ ڪتابن توڙي اڀياس لاءِ نون

ڪتابن جي حاصلات تي مشتمل آهن. جن منجهان شيخ اياز جي فن ۽ فڪر سان چاهه، مطالعاتي لاڙي، توڙي دوستن ڏانهن سندس ورتاءَ جي پليءَ پٽ پروڙ پوي ٿي.

5.8. سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾، شيخ اياز جون 03 تقريرون ڇپيل آهن. جن منجهان هڪ سچل سرمست جي عظمت، هڪ مشاعري جي صدارتي تقرير ۽ هڪ ڪيس دبئيءَ ۾ مليل آجياڻي جي صدارتي تقرير آهي. موضوعاتي لحاظ کان ته ٽئي تقريرون هڪ ٻئي کان مختلف آهن. پر انهن ۾ ڪتب آندل ٻولي، فن ۽ فڪر جي ڇاڻ تي ڪيل، سندس ڳالهين منجهان هڪ سچاڻ ادبي شخصيت جي شعوري فڪر، سندس مدبرائپ توڙي موضوع تي سندس مطالعي جي چڱيءَ ريت پروڙ پوي ٿي.

5.9. سهڻي رسالي، شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾، شيخ اياز جون لکيل ڪهاڻيون: سهڻي سير ۾، هڪ شمع جا ٻه پروانا ۽ ٻروچڪي رت، ڇپيل آهن. اهي ڪهاڻيون جاندار ۽ وڻندڙ منظرنگاريءَ سان ڀرپور آهن. جيڪي پڙهندڙن مٿان سحر طاري ڪري، ڪين ڪردارن سان گڏ وجي بيهارين ٿيون. جنهن مان شيخ اياز جي ذات ۽ ڏانءَ جي، چڱيءَ ريت پروڙ پوي ٿي.

5.10. سهڻي رسالي، شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾، شيخ اياز جي ڪتابن جا 06 مهاڳ ڇپيل آهن. جن منجهان، 05 مهاڳ محمد ابراهيم جويي جا ۽ 01 مهاڳ سراج ميمڻ جو لکيل آهي. انهن مهاڳن ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ جي سماجي، سياسي ۽ فڪري پاسن تي روشني وڌل آهي. گڏوگڏ شيخ اياز جي ٻوليءَ جي خوبصورتي، ان جي تشبيهن، استعارن، مشاهدن، سندس انقلابي تخليقن، پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ۽ آمريتي ڏاڍ کي ڏنل للڪارن بابت جوڳي روشني وڌل آهي. جنهن جي ڪتابن جي تعارف سان گڏ، اياز شناسيءَ ۾ پڻ وڏي اهميت آهي.

5.11. سهڻي رسالي، شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾، ڇپيل تاثراتي ليک گهڻو ڪري سندس ويجهن دوستن جا لکيل آهن. جن منجهان، شيخ اياز جي ذاتي زندگي، عادتن، مزاج، اٿڻي ويهڻي وغيره جي ڇاڻ ملي ٿي. ان سان گڏوگڏ انهن ليکن ۾ سندس شعري فڪر ۽ فن جي مختلف رخن تي پڻ روشني وڌل آهي،

5.12. سهڻي رسالي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾، شيخ اياز جي ڪتابن مان چاپيل چونڊ نثري ٽڪرا، شيخ اياز جي، يادگيرين توڙي سندس ڪتابن ۾ ڇپيل مواد بابت جوڳي ڇاڻ ڏين ٿا.

5.13. سهڻي رسالي شيخ اياز نمبرن (1 ۽ 2) ۾، شيخ اياز جي ڪتاب ”هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن“ جو جائزو ڇپيل آهي. جنهن جي ليکڪ (قمر شهباز)، شيخ اياز کي، اسپين جي ماهر مجسماساز ۽ پينٽر ”پڪاسو“ سان ڀيٽي، ڪيس پڻ ساڳي راهه جو راهي ڄاڻايو آهي. هِن جائزي ۾ ليکڪ، شيخ اياز جي شاعريءَ (واين، نظمن ۽ بيتن) کي 3 حصن (ظاهري رخ، اڌ ظاهري رخ ۽ تجريدي رخ) ۾ ورهائي انهن جو جائزو پيش ڪيو آهي. اهڙي تفصيلي جائزي کي ڇاپي سهڻي رسالي پنهنجي اياز شناسيءَ کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي.

5.14. سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبر 01 ۾ شيخ اياز جي اڻڇپيل شاعريءَ جو، 47 گيتن تي مشتمل مسودو پڻ ڇپيل آهي. جيڪو بعد ۾ ”الوداعي گيت“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ نيوفيلڊس پبليڪيشن سال 1998ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

5.15. سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبر 02 ۾، شيخ اياز جي فن، فڪر ۽ شخصيت بابت، سنڌ جي 09 ناليرن شاعرن جي شاعري ڇپيل آهي. جنهن ۾ مڙني شاعرن، سنڌي ادب جي جديد شاعر شيخ اياز جي فن، فڪر ۽ شخصيت جي مختلف پاسن جي عڪاسي ڪئي آهي.

# ببليوگرافي

## ڪتابي حوالا:

1. ابڙو، بدر. تنقيد ۽ تنقيد نگاريءَ جو فن، [جلد پهريون]، 2015ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
2. اتم، اي جي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
3. اياز، شيخ. الوداعي گيت، [ڇاپو: ٻيو]، 1998ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
4. اياز، شيخ. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، [ڇاپو پهريون]، 1963ع، ساهت سڀا پبليڪيشن، الهاس ننگر.
5. اياز، شيخ. خط، انٽرويو، تقريرون، [ڇاپو ٻيو]، 1999ع،نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
6. اياز، شيخ. ساهيوال جيل ڊائري، [ڇاپو پهريون]، 1989ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
7. اياز، شيخ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
8. اياز، شيخ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
9. اياز، شيخ. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون، [ڇاپو پهريون]، 1991ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
10. ايڊيٽر، افيئر ميگزين. شمارو 20 نومبر 2020ع، ڪراچي.
11. انصاري، اخلاق. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
12. انصاري، اسلم مسرور. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
13. الحيدري، شمشير. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
14. اشرف، طارق. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
15. ٻيوس، تاجل. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
16. بخاري، مخمور. سچل ساڃاهه شعور،[ڇاپو پهريون]، 2011ع، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور.
17. بخاري، مستور ۽ سومرو، ادل. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
18. بلوچ، تاج. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
19. ٻوهيو، الهداد. ادب جا فڪري محرڪ، [ڇاپو پهريون]، 1984ع، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد.
20. ٻوهيو،الهداد. علم تحقيق، [ڇاپو پهريون]، 1990ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
21. ٻاٻاڻي، ڪيرت. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
22. ٻاٻاڻي، ڪيرت. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
23. پرڪاش، موتي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
24. پرڪاش، ڪلا. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
25. پليجو، اياز. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
26. پليجو، رسول بخش. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
27. پارتي، نارائڻ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
28. پٺي، زيب. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

29. فگار، انور هڪڙو. جي تند برابر توريان، [ڇاپو پهريون]، 1989ع، سنڌي ادبي اڪيڊمي، ڪراچي.

30. فگار، انور هڪڙو. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

31. گيانچنداڻي، سوڀو. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

32. ڪوسو، غفار. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

33. ڪوسو، غفار. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

34. دلگير، هري. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

35. درس، حسن (1991ع) سهڻي شيخ اياز نمبر: 2، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

36. دلوي، مٺلاڻي ٻلديو. تحقيق جو فن ۽ اصول، [ڇاپو پهريون]، 2016ع، سنڌ لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.

37. ڏماڃ، شوڪت علي (1991ع) سهڻي شيخ اياز نمبر: 2، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

38. ڊيسڪ، نيوز. عبرت، [روزانو ايڊيشن]، 12 مئي 1975ع، حيدرآباد.

39. حسيني، امداد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

40. جنجهي، نور احمد (1991ع) سهڻي شيخ اياز نمبر: 2، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

41. جويري، نند. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

42. جويو، محمد ابراهيم. ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي، [ڇاپو پهريون]، 1988ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

43. جويو، محمد ابراهيم. جل جل مشعل جل، [ڇاپو پهريون]، 1967ع ،نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

44. جويو، محمد ابراهيم. راڄ گهاٽ تي چنڊ، [ڇاپو پهريون]، 1987ع ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

45. جويو، محمد ابراهيم. مون ڏات انوکي آندي آ، [ڇاپو پهريون]، 2012ع، سنڌ ثقافت کاتو، ڪراچي.

46. جويو، محمد ابراهيم. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

47. جويو، محمد ابراهيم. وڃون وسڻ آئيون، [ڇاپو پهريون]، 1989ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

48. جويو، محمد ابراهيم. ڪي جو ٻيجل ٻوليو، [ڇاپو پهريون]، 1970ع ، ابن حياب پبليڪيشن، حيدرآباد.

49. جوڻيجو، عبد الجبار. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، [ڇاپو ٻيو]، 2000ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.

50. جوڻيجو، عبد الجبار. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

51. جوڻيجو، عبد القادر. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

52. جوڻيجو، نسرين. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

53. چانڊيو، امير علي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

54. خادم، قاضي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

55. عشقي، الياس. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

56. رياض، فهميده. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

57. رنگريز، غلام حسين. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

58. مالهي، گوبند. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

59. ميمڻ، سراج. چنڊ چنبيليءَ ول، [ڇاپو پهريون]، 1985ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

60. محبوب، ماهتاب. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

61. محبوب، ماهتاب. رڻ تي رم جهم، [ڇاپو پهريون]، 1986ع، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

62. محبوب، ماهتاب. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

63. محمد، نور. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

64. مغل، غلام نبي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

65. مرزا، مسرت. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

66. مرزا، نصير. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

67. ممتاز، ناهيد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

68. منير، شمع. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

69. ملاح، عبد الله. سهڻي، [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

70. ملاح، ماڻڪ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

71. ملڪ، فتاح. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

72. مسرور، بيدل. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

73. لي بريور، رابرٽ. رائيٽر ڊائجيسٽ. 12 مارچ 2021ع.

74. نديم، ملڪ. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

75. سارنگ، حسين. سنڌي شخصيتون، 2016ع، سنڌي پيپلز بلاگ، سنڌ.

76. ستار. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

77. سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا. جلد پهريون، [ڇاپو پهريون]، 2009ع، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد.

78. سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا. جلد ائون، [ڇاپو پهريون]، 2013ع، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد.

79. سنڌيانا، انسائيڪلوپيڊيا. جلد ٻارهون، [ڇاپو پهريون]، 2018ع، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد.

80. سمون، تاج محمد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

81. سنڌي، دادا. سنڌي شخصيتون، 2016ع، سنڌي پيپلز بلاگ، سنڌ.

82. سنڌي، حميد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

83. سنڌي، ميمڻ عبد المجيد. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، [ڇاپو ٻيو]، 2000ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.

84. سنڌي، مدد علي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

85. سومرو، ادل. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

86. سومرو، اڪبر. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

87. سومرو، نور محمد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

88. سولنگي، احمد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

89. سولنگي، شاهد. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

90. شاد، ارجن. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

91. شاهاڻي، ريٽا. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

92. شاهين، يوسف. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

93. شهباز، قمر. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
94. وفا، پرڀو. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
95. ولپ، ولي رام. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
96. قاسمي، رڪن الدين. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
97. قاسمي، مرحب. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
98. صديقي، آفاق. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
99. هيراننداڻي، پوپٽي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، 1990ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
100. هيراننداڻي، پوپٽي. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
101. ڪامراڻي، سنتوش. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
102. ڪنگراڻي، عزيز. سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، 1991ع، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.

## رسالا

1. ماهوار سهڻي امر جليل نمبر، ايڊيٽر طارق اشرف، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
2. ماهوار سهڻي نسيم کرل نمبر، ايڊيٽر، طارق اشرف، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
3. ماهوار سهڻي [شيخ اياز نمبر: 1]، ايڊيٽر، طارق اشرف، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
4. ماهوار سهڻي [شيخ اياز نمبر: 2]، ايڊيٽر، طارق اشرف، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
5. مهراڻ شيخ اياز نمبر، ايڊيٽر نفيس احمد شيخ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.

## مواد حاصل ڪرڻ جون ويبسائيٽون:

1. انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا
2. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا
3. سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي ويبسائيٽ
4. سنڌي ادبي بورڊ جي ويبسائيٽ
5. سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جون ويبسائيٽون

## اديبن کان مدد:

1. امر سنڌو
2. اسحاق سميجو
3. انور فگار هڪڙو
4. بيدل مسرور
5. بشير احمد هيسباڻي
6. پروفيسر خالد حسين ٻرڙو
7. پروفيسر ارشاد علي اوٺو

8. پروفيسر غلام نبي چنا
9. تاج جويو
10. ڊاڪٽر نور محمد شاھ
11. ڊاڪٽر رشد الله شاھ بخاري
12. ڊاڪٽر اعجاز علي اوٺو